www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

زندگي تنهنجا رنگ هزار

عبدالغفار ”تبسم“

خليل جبران پبلشرز- نئون ديرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڇهريون ڇاپو: جون 1994ع
تعداد: هڪ هزار
ڪتاب جو نالو: زندگي تنهنجا رنگ هزار
ليکڪ: عبدالغفار "تبسم"
ڪمپوزنگ: ثنا ڪمپوزرس 9/42 آرڪي اسڪوائر نيوچالي ڪراچي
ڇاپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڇپائيندڙ: خليل جبران پبليشرز نئون ديرو

ملھ: 50 رپيا

ZANDGI TUNGUNJA RANG HAZAR
A Travellogue by Abdul Ghaffar "Tabassum"
Published by
KHLIL GIBRAN PUBLISHER'S NAUNDERO

رابطي لاءِ
پوسٽ باڪس نمبر 13401
نيو چالي، شاهراهِ لياقت
ڪراچي- 74000

soorihsindhadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

اُن شفيق پيءُ جي نالي جنهن جي چيچ وٽي 20 سالن تائين،
زندگيءَ جي هيٺاهين، مٿانهين تي هلندو رهيس.
هڪ ڏينهن هن زندگيءَ جي آخري نِهارَ نهاريندي چيو:
”پُٽَ! پنهنجي هاٿي پچاٽي آهي، ها! پر جو نانءُ تو وٽ ڇڏيون ٿو
وڃان، اُن جو ڀَرم ضرور رکجانءِ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ترتيب

	صفحو
1- پنهنجي پاران ٻه لفظ ع- غ- 'تبسم'	7
2- مُهاڳ علي احمد بروهي	9
3- ٻه ڳالهيون مهتاب اڪبر راشدي	15
4- چار جولاءِ جو صبوح ۾ سنا جي پهرين ڏينهن جي گڏجاڻي	34
5- آمريڪا جا ڪريڊٽ ڪارڊز	48
6- سنا ڪارڪردگيءَ جي ساليانې رپورٽ	52
7- مس ڊيبي	60
8- آمريڪن هسٽري آف نيچرل ميوزم آف نيويارڪ	66
9- ڇهه جولاءِ جو دلفريب صبوح ۾ يونيورسل فلم اسٽوڊيو جو سير	70
10- ڊاڪٽر اي- ڊبليو پٽيءَ سان مختصر ڳالهه ٻولهه	71
11- ٻاهرين ملڪن ۾ تيز رفتار رستن جي سهولت ۾ قانون	74
12- ويلڪم ٽو يونيورسل اسٽوڊيو	76
13- هيوسٽن جون هوائون ۾ مان	84
14- هيوسٽن جو هوٽل ڪمفرٽ اِن	86
15- اٺين جولاءِ جو صبوح ۾ هيوسٽن جا رنگين نظارا	97
16- نائينءَ جولاءِ جي صبوح ۾ ٻوندن جي رم جهم	102
17- هيوسٽن الوداع ۾ ڊلاس ايئرپورٽ	105

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

پنهنجي پاران ٻه لفظ

سفر ڪري، سفر نامو لکڻ ۽ وري ڪتابي صورت ۾ سهيڙي اوهان تائين پهچائڻ، اهو منهنجو نئون ۽ پهريون جوکائتو قدم آهي. شاعر جي حيثيت ۾ ڪائناتي سونهن جي اوت هڪ فطري عمل آهي، پر اُن سونهن، سوڀيا جو نثري اظهار مون لاءِ نئين نڪوري مشق آهي.

سفرنامي ڪي وڌيڪ سوادي بڻائڻ لاءِ ڪجھ غيرارادي طور ۽ ڪجھ ڄاڻي واڻي به متس شاعراڻو رنگ چڙهي ويو آهي، ان ۾ منهنجو شعوري عمل دخل گهٽ آهي، جو آءٌ پهريون شاعر آهيان، پوءِ سيلاني. دراصل سيلاني مون کي هٿ سان بڻايو ويو آهي. ان ۾ سڄو ڏوھ سارس واري فهيم سيال ۽ محترم دوست انعام شيخ جو آهي. هيئاهيون مٿانهيون ڏئي، سارس لاءِ قسطون لکائڻ شروع ڪرايائون ۽ پوءِ انهن قسطن مان وري "زندگي تنهنجا رنگ هزار" تائين پهچائڻ ۾ به سندن وڏو هٿ آهي. فهيم جيڪڏهن پروفن ڏسڻ کان ونئي، ڪتاب جي ٽائيٽل ڪور يا پريس تائين رات جو ٻارهين ٻارهين تائين نند ڦٽائي، ڊڪ ڊوڙ نه ڪري ها ته ڪتاب به ڪونه ڇپجي ها ۽ نه توهان جي مٿي ۾ سُور پوڻ شروع ٿئي ها. سفرنامي پڙهڻ کان پوءِ اگر احتسابي عمل شروع ٿيو ته رزاق سهتي سميت سيئي هٿ وندائيندڙ همراه، برابر جا ڀاڱي ڀائيوار ڀانئجو.

ڪٿي ڪنهن ڏاهي جو قول پڙهيو هئم، ته: "اگر ڪا جنگ کٽي سگهو ٿا ته اُها جنگ نه وڙهجو." اهو قول سرسري طور ته عجيب لڳندو، پر سندس پٺيان فلسفي کي سمجهبو ته ڏاهي جي ڏاهپ جو معترف ٿيڻو پوندو. سو

مون کان سواءِ به، سنڌ جي ڪيترن سڄاڻ دوستن جي حصي ۾ دنيا جو سير سپاٽو آيو هوندو، پر مشاهدي واري اک تي (Binocular)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دوربيني چاڙهي ڏسڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جديد دنيا جي سيلانيءَ سائينءَ الطاف شيخ جو ئي ڪم آهي.

مان جڏهن يورپ يا آمريڪا گهمڻ نڪتو هوس، ته يقين رکو منهنجو بلڪل سفرنامي لکڻ جو ارادو نه هو ۽ اهو سوچيو به نه هوم ته مون کي هي ڏينهن به ڏسڻا پوندا، ورنه آمريڪا گهمڻ بجاءِ هٿ ۾ پين پنو ڪنيو صرف روڊن، گهٽين ۽ ڪلبن جا نالا لکڻ ۾ پورو هجان ها. پوءِ به خدا جو شڪر آهي، جو ننڍا ننڍا ذاتي معلومات لاءِ لکيل نوٽ (Notes) ڪم اچي ويا، جو ڇڪي تاڻي ڪتاب لکي ويو آهيان.

ساڻ سلامت

ع - غ - تبسم

17 - جون، ڪلفٽن ڪراچي

هي pdf ڪتاب تيار ڪيو

صاحب خان "سورهه" ميراڻي

0344 3919786
0300 3404488

ايڊمن : سورهه سنڌي ادب WHATSAPP گروپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مهاڳ

۴ جولاءِ ۱۴۹۳ع تي ڪرسٽافر ڪولمبس آمريڪا ڳولي لڌي. پورا پنج سؤ سال پوءِ، پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائينس جي عبدالغفار تبسم ڪراچيءَ کان ساڳي رخ ۾ هوائي سفر شروع ڪيو. مقصد هيو، نئين ڪوجنا ڪيل دنيا جو واءُ سٽاءُ لهڻ. هي هڪ عجيب اتفاق هيو يا حادثو! جو پنج هزار سال قديم تهذيب جي رهاڪوءَ کي، اهڙي سيتيا ڏسڻ وائسڻ جو شوق ذوق ٿئي، جا محض پنج سؤ سال اڳ ڪوجنا ڪيل هئي. سٺو سفر ۽ سياحت جو سوداءُ ته سيلاني جي سِرَ ۾ اڳيئي سمايل هيو، وري ويتر ريڊي ميڊ بهانو مليو "سنا سنڌي ائسوسئيشن آف نارٿ آمريڪا" جي سالياني اجلاس ۾ شرڪت جو دعوت نامون. جي ويني اڳ ئي رني. وري مٿان آيس پيڪن کان نياپو. پوءِ ته اک ڇنڀ ۾ پراڻي دنيا پار ڪري اچي يار آمريڪا ۾ سهڙيو.

چواڻي آهي ته سٺو سفر ڪري امير ماڻهو يا وري فقير، عين غين بيٺي ڪونہ هيو. بلڪ پنهي حيثيت جي وچ ۾ سئنڊوچ ٿيل هيو. دل جو ته برابر بادشاهہ هيو، پر بي ملڪي بادشاهہ. نہ سندس حڪم تي هليو ۽ نہ سِڪو. جيئن هو سفيد پوش فرد لاءِ مشهور آهي تہ اچا ڪپڙا کيسا خالي ماڻهن ليکي ملڪ جو والي. خوش نصيبي هي هئي جو اُڏند ڪٽوليءَ واري اڏام مفت ۾ هئي. ماني تہ هونئن بہ مولا جي آهي ۽ باقي خرچ پکيو هيو سنگت بلي. بقول سالڪ الاولياءُ جي تہ هر انسان جي مٿي تي رزق جي ڳنڍ رکيل آهي. تڏهن بہ مت جا موڙهيا، ٻارهوئي وتن روزگار لاءِ پرايا در ڪڙڪائيندا!

سياحت جو مزو آهي، جڏهن ڪو دل گهريو ساٿي ساڻ هجي. پوءِ پيار وارو پريتم نہ سهي تہ ڪو واقفڪار ئي سهي. چاڪاڻ تہ سيلاني جيسين پنهنجي اندر جو احوال نہ واري تيسين ڪيس اڏما پيا ايندا ۽ دل پيئي تڙپندي. جهنگل ۾ مور ناچا ڪس ني ديکها. پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي پاڻ وندرائي تہ الڳ ڳالهہ آهي. پر ٺهڪ ڪنهن سان ڏجن؟ منهنجو ذاتي مشاهدو آهي تہ خوشي اوري موقعي تي اڪثر يارن جي ياد ستائيندي آهي يا وري مارئي جيان پنهنجا پکا ۽ پنوهار، باقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڪيلو سفر تہ آهي جيل واري Solitory Confinement.
هزارن جي هجوم ۾ اڪيلائي جو احساس ذري گهٽ ماڻهوءَ کي خبط الحـواس ڪـيـو ڇڏي. وائڙن جيـان وات ڦـاڙي اوپـرن ڇاتين، رُخن ۾ جهاتيون پائي اکيون سيڪڻ ۾ ڪهڙو مزو. ماڻهو ڇا چوندا. پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي. پنهنجي ملڪ جي ڳالهہ ٻي آهي. هڪ ٻروچ جنهن ويٺي بصر ڪاڏا تہ هن کان ڪنهن پڇا ڪئي تہ روئين ڇو ٿو؟ ٻروچ وراڻي ڏني تہ اپڻا مال هي روسون بہ ڪاسون بہ.

پر، هي ڏسي حيراني ٿي تہ سموري سفر ۾ سيلانيءَ کي نہ اڪيلائي جو احساس ٿيو ۽ نہ اوپري هڻڻ جو اونو؟ جو هر سانوري کي گورن جي دنيا ۾ پهرين ڀيري اچڻ سان ٿيڻ لازمي آهي. گهٽ ۾ گهٽ سندس سفرنامي پڙهڻ ۾ تہ اهڙو تاثر ڪونہ ٿو ملي. بلڪ ڏسڻ ۾ ائين ٿـو اچي تہ همراهہ هر لحاظ کـان خودڪفيل هيو. اهڙي ڪمال خود اعتمادي (confidience) جو ڪارڻ ممڪن آهي تہ شايد شاعري هجي، يا وري سندس تخلص "تبسم" جو اثر، يا ٿي سگهي ٿو تہ ٻئي ٻيلهہ هجن.

شاعريءَ جو غلبو تہ، سفرنامي جي هر جملي تي روغن جيان چڙهيل ٿو ڏسجي. جتي بہ سيلاني کي سينريءَ مزو ڏنو آهي تہ اتي بي اختيار شاعريءَ ۾ پنهجي ويو آهي جيئن برائيٽن بيچ بابت منظرڪشي ڪندي، چاٿائي ٿو تہ، "سمنڊ ڪناري تي سنهي ڇيلهہ واريون ائين بي جان سُتل هيون، پري کان لڳو پئي ڄڻ رنگ برنگي مڇيون سمنڊ مان نڪري اچي ڪناري پيون هيون. اهو ئي پري پري تائين نيريون سايون ڳاڙهيون ڇٽيون زمين ۾ کتل، انهن هيٺان ڪرڙين جيان ڪاٺيون سُتل. ڪڏهن ڪڏهن پئي لڇيون ۽ ڦتڪيون. يا پاسو پئي ورايائون يا سڌو سنئون سمهي سج جو تئو پئي ورتائون...... اها وضاحت ڪانہ ڪئي اٿس تہ ڪاٺين سج کان تاءُ ورتو ٿي يا ڏنو ٿي. يا وري انهيءَ سيڪ جي خبر لاءِ سج کان پڇا ڪئي وڃي؟

سفرنامي تي سرسري نظر وجهڻ سان هي بخوبي احساس ٿئي ٿو تہ تبسم آمريڪا جي هر ماڳ مڪان جو مشاهدو ماڻيو آهي، جنهن جو موقعو شايد مڪاني ماڻهن کي بہ مشڪل نصيب ٿيو هجي. مثال طور

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نيويارڪ جو ٽائمس اسڪوائر جتي بلو Blue Films فلمن جا شو ڏيکاريا وڃن ٿا. يا منھٽن Manhattan واريون نائيٽ ڪلبون ۽ ھر جنسي وارا اڏا Gay Houses نھايت تفصيل سان بيان ڪيل آھن. مغلن واري شاھي حرم ۽ خواجه سرا جو مثال! خواجه سرا ڪي به محلات جي ھر راڻيءَ جي عياشيءَ واري چاڻ ته برابر ھوندي آھي پر ھو پاڻ ڪنھن به عملي ڪارج کان محروم رھندو آھي. يا وري سيلانيءَ جو برھم چاريءَ وارو حال ھيو جو بقول شاھ ڀٽائيءَ جي:-

چورين ڏنا چال تـ ڏھن بـ ......

ڪنھن ڪنھن ھند ته زندگيءَ جو باريڪ بينيءَ سان جائزو ورتو اٿس. بلڪ معلوم ائين ٿو ٿئي ته آمريڪي باشندن جي نفسيات جو بغور مطالعو ڪيو اٿس جيئن فوٽو گرافيءَ متعلق سندن سخت ردعمل جا واقعا بيان ڪيا اٿس. ھي ھڪ حقيقت آھي ته آمريڪا ۾ گھوري ڏسڻ کي بلڪل ناپسند ڪيو ويندو آھي وري اھو به خاص طور ڪنھن پاڪستانيءَ جو ڏسڻ جڻ ته ايڪسري X-Ray ڪرڻ لاءِ شست ٿو ٻڌي. ھرويرو ائين به نه آھي ته آمريڪن يا يورپي مرد ۽ عورتون ھڪ ٻئي کي گھوري يا چتائي نه ڏسنديون آھن. البت سندن ڏسڻ جو مھذب طريقو آھي ۽ نه اسان وانگر ڏائڻ نگاھ. اسان ماڻھن جي نگاھن ۾ اڪثر نانگ لڙڪيل ھوندا آھن. يورپي ماڻھو ھڪ ته ڪاري عينڪ استعمال ڪندا آھن. جنھن سبب ڏسڻ واري جي نيت جو پتو ڪونه پوندو آھي ۽ ٻيو وري شيريون ۽ نيريون اکين ۾ ڪاريون اکين واري سرچ لائيٽ جي تيزي وري ھوندو آھي. اسان جي ملڪ جا ماڻھو ٻوليءَ جو وڏو حصو اکين سان ادا ڪندا آھن ۽ باقي ھٿن جي چالن ۽ گوڙشور ڪرڻ سان.

پرائي پچار سان گڏ سيلانيءَ پنھنجن جا پٽڪا پڻ پٽيندو رھيو آھي جو ڏيکاري ٿو ته سچ ايجا سوڌو منجھس سمايل آھي جو اوھر جيان ڪڏھن ڪڏھن ايامي ظاھر ٿو ٿئي. جنھنجي ھڪ پراڻي دوست ۽ ساٿي مالڪ ڏني شيخ جي رنگين مزاجيءَ جو واقعو بيان ڪندي چاٽائي ٿو ته، "ھوٽل ۾ منھنجو ڪمرو ويڪرو ۽ ڪشادو ڏسي مالڪ ڏني شيخ چيو ته يار آءٌ سامان ڪٺي تو وٽ ھليو اچان جو مٿين ڪمري ۾ چار پنج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

همراهہ گڏ رهيل آهيون. ليڪن سندس سامان ڪٿي اچڻ جو اصلي سبب ٻيو هيو جنهن جي خبر مونکي دير سان پيئي. ڏٺم تہ اسحاق تنيئي ۽ آءٌ ويٺي پاڻ ۾ حال احوال ڪيو ۽ مالڪ ڏني اٽي ڪمري ۾ ڦيريون پاتيون..... ڏٺم تہ درين وارو پڙدو سُرڪائي همراهہ ڪا مهل اتي پنهنجو پاهڻ ٻٽيو بيٺو رهيو. ”دراصل سامهون تلاءُ ٺهيل هيو جتي جرڪندڙ روشني ۾ ڪيترائي اڌ اگهاڙا جسم جرڪي رهيا هئا. هڪ نظر ۾ ائين ٿي لڳو تہ ڪوہ قاف جون پريون حوض ۾ ۽ ڪجهہ چوگرد وهنجي رهيون هيون.“

پنهنجن جي هڪ ٻي پراڻي ريت ۽ روائت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ آءٌ ڪمرو بند ڪري ميٽنگ هال جي ڳولا ۾ چڪر ڪاٽيندو هوٽل جي ڇيڙي تي اچي پهتس جتي هڪ بند ڪمري ڪان ڌمچر ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. پڪ سمجهيم تہ اهي ضرور پاڻ وارا همراهہ هوندا ڇو تہ اهڙي قسم جو گوڙ گهمسان ۽ هل هنگامو اسان سنڌين جي خاص سڃاڻپ آهي. مونکي اهڙي گوڙ گهمسان تي يا ڳوٺ وارين ادبي ۽ سماجي گڏجاڻين جو منظر اکين آڏو تري آيو جتي هوبهو مڇي مارڪيٽ وارو ڏيک نظر ايندو آهي. جهاتي پائي ڏٺم تہ واقعي ئي اسان وارا همراهہ هئا جي پنهنجي تنظيمي ڳالهين تي گرمي ڇنڊي رهيا هئا.“

”سنا“ جي اجلاس واري ڪارروائي متعلق تبسم جو ڪجهہ سفرنامي ۾ ذڪر ڪيو آهي سو ڏيکاري ٿو تہ سنڌين تي آمريڪا واري ماحول جو ڪجهہ نہ ڪجهہ صحت مند اثر ضرور پيو آهي. ورنہ هوبہ اداره سازي ۽ جماعت بنديءَ جو اهڙو ئي برو حشر ڪندا رهندا ها. جهڙو ناٽڪڏ اسين. هت سواءِ هڪ اڌ جماعت جي، روزانو رڇائي رهيا آهيون. هو هزارها ميل ملڪ کان ڏورهوندي بہ پنهنجي ديسي ڀائرن جي ايڪتا ۽ اتحاد لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا هئا. علاوه ازين هو سمنڊ پار سنڌين جي سماجي ادارن جي مالي امداد لاءِ پڻ وِتَ ۽ وس آهر هٿ ڏگهيري رهيا هئا. جا عجيب ماجرا ٿي محسوس ٿي. هي برابر آهي تہ اسانجي سنڌ ۾ ڪيئي ذاتيون ۽ پاڙا آهن، جي پنهنجي سماجي زندگي، ٻين منظم قومن جهڙوڪ هندو ۽ پارسين جيان نهايت باترتيب ۽ سڌريل طريقي گهاري رهياآهن. جيئن خواجہ، خوجا، بوهري ميمڻ ۽ شيخ وغيره..

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن باقي ٻيون سنڌي برادريون ۽ ويڙها تنظيمن پاڻيپيءَ واري وهنوار کان مڪمل طور محروم آهن.

"سنا" جي گڏجاڻيءَ کان بيحد متاثر ٿي سندس منتظمين جي اڻٿڪ ڪوششن، محنت ۽ جاکوڙ کي ساراهيندي لکي ٿو ته هو آمريڪا جي فضائن ۾ هر سال هڙو ماڻهو مچائيندا ٿا رهن ۽ پنهنجن هم زبان ڀائرن کي ميڙي ڪڏهن شڪاگو ۾ ته ڪڏهن نيويارڪ ۾ ته ڪڏهن وري واشنگٽن ۾. مطلب ته پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌين جي ٿن ڏينهن واري ميلي ۾ اهڙو رنگ ٿا ڀرين جو سندن ان جذبي جي تعريف نه ڪرڻ زيادتي ٿيندي." اڳتي هلي گڏجاڻيءَ جو نقشو هن ريت ٿو بيان ڪري، "بهرحال ڪيليفورنيا جي ڪلچڪ ۾ ۴ جولاءِ تي مڙيل ٻه ٽي سؤ سنڌي ڪٽنب جڏهن ميرٽ Marriot هوٽل جي ڪمرن کان سنوارجي سينگارجي، ڪنوينشن هال ڏي هلي رهيا هئا ته ائين محسوس پئي ٿيو ته، ڪنهن عيد ڏهاڙي سڀ سٽ ۾ ڇڻ عيدگاهه ڏانهن روان دوان هجن. رستي ۾ ڪل ڀوڳ، ننڍڙن ٻارن کي ڀرت ڀريل لباس ۽ مٿي تي سنڌي ٽوپيون ائين سونهي رهيون هيون، ڄڻ ڪي رنگ ٻه رنگي پوپٽ بهار جي مند ۾، گلن جي جهڳٽن تي جهومر جرڪي رهيا هجن. پنهنجي مٺڙي ٻوليءَ ۾ گونجار ڪنن کي امڙ واري ٻوليءَ جو احساس ڏيئي رهي هئي."

نئين ۽ سڌريل دنيا جي سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل ترقيءَ سان گڏ تبسم آمريڪا جي ثقافت جا ڏنڊلا ماپا ۽ ماٺا پڻ نقش ڪيا آهن جيئن پڙهندڙ کي تصوير جي ٻنهي رخن ۽ پنهنجي آزادانه راءِ قائم ڪرڻ جو موقعو پڻ ميسر ٿي سگهي. آمريڪا جي فلڪ بوس عمارتن، عجائب گهرن، شاهي رستن، علمي ۽ سائنسي ادارن سان گڏوگڏ ماڊرن ڪلچر جي ڪوتاهين ۽ ڪمزورين کي پڻ ساڳئي جوش و خروش سان بيان ڪيو آهي. مثال طور هي ته آدمشماري جو ڪيترو سيڪڙو انڌا ڌند ۽ ڇڙواڳ عياشي جي ڇيڻ ۾ اچي تباهه ٿي چڪو آهي. نوجوان نينگرين ۽ نينگرن کي جا جنيسيات جي تربيت ڏني وڃي ٿي، تنهنجا ڪهڙا اگرا نتيجا نڪتا آهن. يا وري ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بالغ ٿيڻ شرط ڪيئن ٻي لغام ٿي، هوس جو شڪار ٿين ٿا. هن کان وڌيڪ تهذيب جي ٻي ڪهڙي تباهي ٿي سگهي ٿي جو عورتن جو وڏو حصو ڪنوارپ ۾ ئي ٻار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڄٽڻ ۾ سرگرم ٿي وڃي ٿو. نتيجو هي ٿو نڪري جو آمريڪا ۾ ٻارڙن جو تقريباً اڌ حصو اهڙو آهي، جنهن کي پنهنجي پيءُ ماءُ جي ڄاڻ ئي نہ آهي. ظلم هي آهي جو فاحش ۽ بدڪاريءَ کي ڇيڪ ڇڏي، پوءِ انکي انساني آزاديءَ جي پاڪيزه نالي سان سڏڻ گهٽ ۾ گهٽ اسان ڏنتي ڀيل ماڻهن جي سمجهہ کان ٻاهر آهي. انهيءَ معصوم جي نفسيات اڳتي هلي ڪهڙي نوعيت اختيار ڪندي، جڏهن هن کي هي خبر نہ آهي تہ هو ڌرتي جو ڄاول آهي يا آسمان جي ڪڪرن کان ڇڄي هيٺ ڪريو آهي. ليکڪ جي ڳاڻاٽي مطابق انگ اکر هن ريت آهن تہ نيويارڪ ۾ پنج هزار ڪنوارين عورتن ۾ اڍائي هزار عورتون ٻار ڪيرائين ٿيون. هڪ سروي مطابق آمريڪا ۾ ١٩٩٠ع ڌاري ساڍا پنج لک ٻار پيدا ٿيا انهن ۾ اٽڪل سوا ٻہ لک ٻار ناجائز آهن.

وري تصوير جو ٻيو رخ ڏٺو وڃي تہ آمريڪي قوم کي سلام ڪرڻو ٿو پوي جهڙي ريت هن پنهنجن ابن ڏاڏن انگريزن جي ڪوڙڪي کان جان ڇڏائي جنهن اوڙاهہ ۾ اسين بہ هڪ صدي ساندهہ پڇرندي هاڻ فراءِ ٿيندا رهيا آهيون. آمريڪين آزاد ٿيڻ شرط جنهن تيز رفتاريءَ سان ترقي حاصل ڪئي، ۽ جمهوريت جي ادارن کي مستحڪم ڪري سموري دنيا ۾ سڪو ڄمايو آهي، تنهنجو مثال ملڻ مشڪل آهي. آمريڪي ترقيءَ جا ڪجهہ مثالي اهڃاڻ ڏسڻا هجن تہ پوءِ يونيورسٽيون، تاريخي ۽ سائنسي عجائب گهر، مصوري ۽ نقاشيءَ ۽ فلم اسٽوڊيو جي زيارت لازمي ٿيو پوي جنهن ڏس ۾ سيلانيءَ لاس اينجلس جي آرٽ ميوزم، نيويارڪ واري جڳ مشهور تاريخ جي ميوزم، هالي وڊ واري يونيورسل فلم اسٽوڊيو جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي جو سرسري ديدار لاءِ ڪافي آهي. ثقافتي ماڳ مڪان سان گڏ تبسم ڪيترين اهڙين ڳالهين جي سمجهاڻي پڻ ڏني آهي جا آمريڪا ۾ سياحت لاءِ ارادو رکندڙن لاءِ رهنمائي ۽ رهبري جو باعث پڻ بڻجي سگهي ٿي. بهرحال عبدالغفار تبسم جو هيءُ سفر نامون سنڌيءَ جي تمام سٺن سفرنامن مان هڪ ڳڻيو ويندو.

علي احمد بروهي

ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ٻه ڳالهيون

سفرناما، سنڌي ادب ۾ پنهنجي جاءِ ڪري چڪا آهن، الطاف شيخ جا سفرناما ان سلسلي جي بنيادي ڪوشش چئي سگهجي ٿي. جو ته الطاف کي پنهنجي نوڪري جي بهاني هڪ اهڙو موقعو مليو، جو هن هر ڀيري هڪ نئين سفر وسيلي مختلف ملڪن جو حال احوال دلچسپ نموني پڙهندڙن جي سامهون آندا. ان کان پوءِ وقتاً فوقتاً اهڙيون ڪوششون انفرادي سطح تي ٿينديون رهيون آهن، انهن ۾ قاضي عبدالمجيد عابد جي يورپ جي ڊائري عرصي تائين عبرت ۾ ڇپبي رهي. ماهتاب محبوب جو هندوستان جو سفر به سفر نامي جي صورت ۾ پڙهندڙن تائين پهتو. سفر ته روزانو ڪئين ماڻهون ڪن ٿا، پر انهن مان ڪيترا هوندا جيڪي پنهنجا ذاتي تجربا ۽ مشاهدا، خوشگوار ۽ ناخوشگوار پڙهندڙن سان ونڊڻ چاهيندا؟ سو به اهڙي نموني جو پڙهندڙن جي دلچسپي به برقرار رهي، معلومات به هنن تائين پهچي ۽ سفرنامو ادب ۾ ڪو مقام به پيدا ڪري.

اهي ئي ڳالهيون ڪنهن به تحرير کي پڙهندڙن وٽ معتبر بڻائين ٿيون. عبدالغفار تبسم پنهنجي سفرنامي ۾ انهن ئي ڳالهين جو خيال رکيو آهي. اُهي ماڻهو جن کي زندگيءَ ۾ اهو موقعو ملي چڪو آهي، جو هنن آمريڪا جو سفر اختيار ڪيو هجي، اُنهن لاءِ هي سفر نامو چڻ ته سندن خوشگوار سفر کي ٻيهر ورجائڻ مترادف آهي ۽ جن کي اجا اهڙو ڪو موقعو ميسر نه آيو آهي، تن لاءِ هن سفرنامي ۾ ڪيترين ئي دلچسپيون ۽ معلومات موجود آهي. هن سفرنامي جون قسطون "سارس" ۾ ڇپبيون رهيون آهن، پر جڏهن ڪو سفرنامو يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪتاب هٿ ۾ ڪنجي ته ان کي هڪ نشست ۾ پڙهڻ جي ازحد خواهش رهندي آهي. هي سفرنامو به اهڙين تحريرن مان هڪ چٽي سگهجي ٿو، جنهن کي مصنف، بغير ڪنهن لڪ لڪاءَ جي، سچائيءَ سان تحرير ڪيو آهي.

مهتاب اڪبر راشدي

۴ جون ۱۹۹۴ع
ڪراچي

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪنهن بہ هوائي جهازن جي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ جو ملازم کي اهو وڏو فائدو هوندو آهي تہ سال بہ سال دنيا جي سير ڪرڻ جو کيس موقعو هٿ ايندو آهي. جهاز جي ٽڪيٽ مفت ۾ باقي کائڻ ۽ کپائڻ لاءِ مڙوئي ڪجهہ بچت ۽ ڪجهہ ان ملڪ ۾ مقرر ڪيل هوائي ڪمپنيءَ جي عملي سان ڏيٽ ويٽ ڪم ايندي آهي. سو مان بہ ان سهولت جو فائدو وٺندي پي آءِ اي ۾ نوڪري ڪندي مڙوئي سال ۾ هڪ ٻہ دفعو ڪيڏانهن نہ ڪيڏانهن خدا جو خلقيل ڏيهہ ڏسڻ نڪري پوندو آهيان، هيل تائين بئنڪاڪ، ڪوالالمپور، سيلون (سري لنڪا) منيلا سينگاپور، سعودي عرب، دُبئي، شارجہ جرمني، انگلينڊ ۽ آمريڪا وغيره ڏسڻ جو موقعو مليو اٿم. پر انهن سڀني مان سينگاپور سراسري طرح گهڻا ڀيرا گهمي اٿم، منهنجا پڙهندڙ دوست متان منهنجي هن سچائي مان غلط انومان ڪڍن تہ ڀلا همراہ سينگارپور گهڻا ڀيرا ڇو؟ سو وضاحت ڪندو هلان تہ سينگارپور گهمڻ جو شوق ننڍپڻ ۾ ئي "لتا جي" جي واتئون جڏهن "جيون مين ايک بار آنا سينگاپور جو گانو ٻڌو هوم تہ سوچيندو هوس تہ الائي وڃي سگهبو الائي نہ. اُن گاني کي ٦١-١٩٦٠ع ڌاري ڳوٺ نئون ديري ۾ آيل هڪ ٿئيٽر ۾ هڪ ڳائڻيءَ جنهن جو نالو خورشيد بانو هيو ان جي واتئون روز ٻڌندو هوس تہ روز اشتياق وڌندو ڙهندو هو هڪ تہ اُن مِن مهٽيءَ جو جرڪندڙ جوڀن ڀيو سندس نازن سان هارمونيم ۽ طبلي تي اسٽيج جي جهڪيءَ روشنيءَ ۾ اهو گانو هر روز ڳائڻ سو اهي ڳالهيون لاشعوري طور اُتساهينديون هيون تہ حياتيءَ ۾ سينگاپور هن جوانڙيءَ جي فرمائش تي گهمجي ضرور سو مون کي جڏهن ١٩٧٦ع ڌاري P.I.A طرفان پهرين مفت واري ٽڪيٽ ملي تہ سڌو سينگاپور ڪان وڃي نڪتو هوس. سينگاپور پهچي اُتان جي سونهن سوڀيا ۽ سير تي ڪنهن ٻئي سلسلي ۾ الڳ لکبو مختصر تہ جنهن خاص ڳالهہ سينگاپور ورائي ورائي پئي گهرايو سو Mount Fabre جي سج لهڻ وارو منظر مان بحيثيت شاعر محبوب جي حُسنَ، دلربائيءَ، سونهن سيتا کي تہ لفظن ۾ لکي سگهان ٿو پر ان وٽندڙ سج لهڻ واري منظر کي اڄ تائين لفظن ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀيرا ڪئي پر ڇڻ لفظ هٿ نہ اچي سگهيا آهن سو اهو سچ آهي تہ ڪئي ڀيرا سينگاپور وڃي شام جا پهر Mount Fabre تي گذاري وري واپس وطن موٽ ڪئي هئم خير اهو سلسلو اگر ڏگهيريو تہ سارس جا ڪل صفحا منهنجي پٽاڙ سان ڀرجي ويندا سو اتهن وڃئين سلسلي کي اتي پورو ڪري ڳالهہ شروع ڪبي سنا (سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا) جي ائين ڪنوينشن جي جا هن سال لاس اينجلس ڪئليفورنيا ۾ ٣ جولاءِ کان ۵ پنجين جولاءِ تائين رٿيل هئي.

سنا جي سٽينءَ گڏجاڻيءَ جي دعوت مون کي منهنجي هڪ ٻن دوستن کانسواءِ پنهنجي سُريلي فنڪار منظور سخيراڻيءَ کي ١٩ جون ۾ بہ آئي هئي. ٻيا دوست تہ ويزا وغيره نہ ملڻ ڪري نہ پهچي سگهيا ها ۽ مان بہ نيويارڪ ۾ رهي ڪري شڪاگو نہ وڃي سگهيو هوس. پر هيل يعني جون ٩٢ع ۾ دوستن جو دعوت نامو پڳو ان کان اڳ ۾ ٿي مان گهمڻ ڦرڻ لاءِ پنهنجي تياري تقريباً ڪري چڪو هوس. گهر واريءَ ۽ ٽن ٻارن سوڌو ٢٥ جون تي جرمنيءَ لاءِ هتان نڪري ڀياسين فرينڪفرٽ ۽ ان جي آسپاس هفتو کن گهمي ٻارن کي واپس پاڪستان روانو ڪيو ۽ مان جرمنيءَ مان ١ جولاءِ تي نيويارڪ لاءِ P I A جي جهاز ۾ سوار ٿيس (جرمنيءَ جا ست ڏينهن ڪيئن گذريا) اهو ذڪر ڪنهن ٻئي سلسلي يا سفر نامي ۾ ڪبو.

سو جرمنيءَ کان نيويارڪ تائين ساڍا اٺ ڪلاڪ کن سفر رهيو ان وچ ۾ جهاز ٿوري دير لاءِ ايمسٽرڊيم تي ترسيو هو ايمسٽرڊم ايئرپورٽ ڪافي سهڻو ۽ صاف سٿرو آهي. مان گذريل سال بہ آمريڪا ويندي ايمسٽرڊم ايئرپورٽ گهمي ڏٺو هو. سو ائين ايمسٽرڊم کان اڏامندي ساڍا اٺن ڪلاڪ مسلسل سفر ڪري نيويارڪ جي J.F Kennedy هوائي اڏي تي لٿا هئاسين. نيويارڪ ۾ مائٽن جو گهر آهي هڪ رات اتي رهي ٩٢-٧-٢ تي اتان ڪئليفورنيا لاءِ آمريڪن ائير لائنز جي ٽرمينل تي صبح جو اٽڪل ١٠:٣٠ وڳي ڌاران اچي پهتاسين جتان AA (آمريڪن ائير لائينز جو ڪوڊ) جو جهاز ١٢ بجي روانو ٿيڻو هيو ۽ بلڪل ١٢-٠٨ بجي ٻنپهرن جو مان AA جي اڏام نمبر ٣ ۾ ڪئليفورنيا لاءِ هوائن جي ڪلهي تي اڏامي رهيو هوس ۽ منهنجي

soorinsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سامهون منهنجي منزل هئي لاس اينجلس ۾ سنا جا اڇاتل سنگتي.......
جهاز پورن ساڍن پنجن ڪلاڪن جي اڏام ڪانپوءِ لاس ايجنلس جي رن وي تي ڊوڙي رهيو هو. هتي هيءُ ٻڌائڻ ضروري ٿو لڳي تہ نيويارڪ ۾ لاس اينجلس جي وچ ۾ ٽن ڪلاڪن جو فرق آهي يعني ساڍا پنج ڪلاڪ سفر ڪرڻ بعد لاس اينجلس ۾ پڳاسين تہ اُتي ٻنپهرن جا ٢-٣٥ منٽ ٿيا هئا ۽ اجا مزيدار ڳالهہ جا ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ هتان جي وقت ۾ پاڪستان جي وقت ۾ پورن ٻارنهن ڪلاڪن جو فرق هيو يعني هتي جڏهن ڏينهن جا ٢-٣٥ منٽ ٿي رهيا هئا تہ پاڪستان ۾ رات جا ٢-٣٥ منٽ ٿي رهيا هوندا. سو جهاز تان لهي سامان وغيره سنڀالي لائونج مان نڪري اچي ٻاهر بيٺس تہ جيئن دوستن جي خبرچار وٺي سگهجي، ٻاهر بيهندي مون کي ڪلاڪ کن گذريو پر دوستن مان ڪنهن جي بہ خبر نہ پئي پئي تہ ڪٿي آهن پوءِ سوچ آئي تہ شايد انهن اهو سمجهيو هوندو تہ مون کي آمريڪا جي پوري ڄاڻ آهي سو همراه اچي ڳولهي لهندو جو تہ نيويارڪ مان منهنجي ڊاڪٽر پٽيءَ سان (جو سنا جو صدر بہ هيو) فون تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي ۽ ان سان گذريل سال بہ نيويارڪ مان فون تي ڳالهيون ٻولهيون ٿيون هيون سو ڊاڪٽر صاحب جي ذهن ۾ پڪ اهو رهيو هوندو تہ همراه هر سال آمريڪا پيو اچي سو ضرور هر شئي جو ڳهرو واقف هوندو. پر هتي تہ ڳالهہ ئي اُبتڙ هئي مان لاس اينجلس جي ايئرپورٽ تي ڪو وقت تہ وائڙن جيان بيٺو ۽ سوچيندو رهيس تہ ڇا ڪجي ڇا نہ ڪجي ان وچ ۾ ڊاڪٽر پٽيءَ کي ملواڪيءَ ۾ فون بہ ڪئي پر ڪو جواب نہ پئي آيو شايد سڀ هتي ڪنوينشن ۾ آيل هئا مونکا اهو پڇڻ ئي وسري ويو هو تہ Marriot هوٽل ڪهڙو؟ جو تہ هتي پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ تقريباً ڪئليفورنيا جي هر محلي ۾ Marriot هوٽل موجود آهي نہ صرف Marriot دنيا جو هر وڏو هوٽل هر محلي ۾ موجود هيو ۽ هر ٻن ٻن منٽن ۾ منهنجي سامهون هوٽل وارن جون (Shuttles)مخصوص گاڏيون پنهنجي هوٽل جا گراهڪ لاهي ۽ چاڙهي رهيون هيون ۽ مان هڪ ڪنڊ ۾ بيٺو پنهنجي بيوقوفيءَ تي سوچي رهيو هوس تہ هاڻي ڇا ٿيندو. نہ پائي رفتن نہ جائي ماندن-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نيٺ ۴ بجي ڏاران هڪ فيصلو ڪري ورتم تہ Marriot ايئرپورٽ واري هوٽل تي وڃجي ۽ اُتي رات رهجي اُن مان هڪ تہ هن اڻ ڏٺل شهر ۾ اچي جيڪا پريشاني ٿي هيم تنهن جوُ ۽ جهاز جي سفر جو ٿڪ پڇي وڃبو ۽ انهن کان ئي ڪنوينشن جي جاءِ ڏس پڇي وٺبو. هوٽل هونئن تہ مهانگو پئي سجهيو پر جيئن هوائي ڪمپنيءَ واري عملي سان اڌ رعايت ڪندا آهن سو سوچيم ايترو خاص مهانگو بہ نہ پوندو ۽ جاچ بہ ڪري وٺبي سو الله توهار ڪري اچي پہ وڪون پري اتي اچي بيٺس جتي هوٽلن جون خاص گاڏيون اچي بيٺيون پئي ٿوري ئي دير ۾ Marriot وارن جي گاڏي آئي سو اُن ايئرڪنڊيشن گاڏيءَ ۾ چڙهي ست اٺ منٽ ڪن هلي اچي هوٽل جي اڳر مان بئگ هٿ ۾ لوڏيندو سڌو آيس Reception تي.

هلڪي نندي نيتي جوانڙيءَ دخل وٺان ئي مون ڏي منهن ڪري انگريزيءَ ۾ پڇيو مان توهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿي؟ مان جوانڙيءَ جي ان وٺتائتي جملي تان گهور گهور ٿيندي وراٽيو دراصل مون کي تلاش آهي سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا وارن جي جن جي اٺين ساليانِي ڪنوينشن جو اهتمام هتي جي ڪنهن MARRIOTهوٽل ۾ ٿيل آهي منهن جو ايترو چوڻ ۽ ڏٺم تہ منهنجي ٿورو پريان بيٺل پاڪستاني مهاندن واري همراه ٿورو منهنجي ويجهو سُري آيو ۽ جيسن اها جوانڙي جواب ڏئي ئي ڏي اُن همراه منهنجي پرسان اچي مونکان پڇيو ڇا توهان سنا جي سڏ تي آيا آهيو؟ هن جو ايترو چوڻ منهنجي سفر جي سڄي ٿڪ کي لاهڻ لاءِ ڪافي هو همراه سنڌيءَ ۾ مون سان مخاطب هو سوبہ ڪئليفورنيا جي Marriot هوٽل ۾ معنيٰ تہ مان منزل تي اچي پڳو آهيان وڌيڪ هن دوست پاڻ جڏهن پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو مان ڊاڪٽر محمود قلباٽي اهيان مان سندس نالو ۽ عهدو تہ سنا جي دعوتي ڪارڊ تي پڙهي چڏيو هو اصل زباني ياد هو سو همراه سان پنهنجي انداز ۾ ڀاڪر پائي ڪيڪار ڪئي يار بہ ساڳي ئي پنهنجي روايتي فراخدلي سان آڌر ڀاءُ ڪيو. مسٽر قلباٽيءَ مون کي پوءِ ڪائونٽر تي رجسٽريشن ڪرائڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ ئي ان پدمٽيءَ کي مخاطب ٿيندي چيائين تہ پنج ڇهہ ڪمرا ڊاڪٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

 لاءِ ذاتي مخصوص تيل هوندا انهن مان هڪڙوهن دوست جي حوالي ڪجانءِ پوءِ منهنجو نالو وغيره لکي چابيون منهنجي حوالي ڪيون، ۽ اتي ڪائونٽر تي ئي بيٺي ڳالهين ڳالهين مان خبر پئي تہ پاڻ وارن دوستن اٽڪل پنجاه يا سٺ ڪن ڪمرا ايندڙ مهمانن لاءِ بڪ ڪرايا آهن جن مان ڏهن پندرهن ڪن ڪمرن ۾ مهمان اچي ويا هئا ۽ باقي اجا خالي پيل هئا ۽ جئين تہ اجا سڄي رات پئي هئي سو رات وچ ۾ اميد هئي تہ شايد مهمان پهچي وڃن.

ڪمري جون چابيون کڻي لفٽ ذريعي پهرين نمبر فلور تي لفٽ جي ڪڀي پاسي ڪوريڊور جي بلڪل پڇاڙيءَ ۾ اچي پنهنجو ڪمرو کوليو ڊاڪٽر قلباڻي صاحب مون سان گڏ منهنجي ڪمري تائين آيو. ڪمري ۾ ويهي ڪجهہ حال احوال ڏنا ورتاسين چانهن جو ڪوپ گڏجي پيتوسين ڊاڪٽر صاحب اوپارين لهنوارين ڳالهين بعد اجازت ورتي اهو چوندي تہ دوستن کي اوهان جي اچڻ جو اطلاع بہ ڪجي ۽ اڄ رات يعني اٺين بجي ڏاران سنا جي E.C Meeting ايگزيڪيوٽو ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ هن ئي فلور تي آخر ۾ نهيل هال ۾ ٿيندي ميٽنگ ۾ دراصل گذريل سال جي مجموعي ڪارڪردگيءَ تي نظر وجهبي ۽ سياٽي جي بندوبست لاءِ بہ تياريون وغيره ڪبيون ۽ پاڻ ۾ ويهي صلاح مشورو ڪبو اوهان جيڪڏهن ٿڪل نہ آهيو تہ هال ۾ هليا اچجو اُتي توهان جي دوستن سان ملاقات بہ ٿي ويندي.

ڊاڪٽر صاحب موڪلائي ويو ۽ مان ڪمري ۾ ٻرندڙ وڏو بلب وسائي ننڍڙي ليمپ ٻاري جڏي ڪا دير پلنگ تي آهليورهيس، مان اٺين ئي ليٽندي ليٽندي الائي ڇا ڇا سوچي رهيو هوس تہ اوچتو ڪنهن دروزاو اچي کڙڪايو مان دروازو اُتي کوليو تہ سامهون.......

اسحاق تنيو ۽ هڪ ٻيو مون جهڙو هڏ ڪاٺ جو پيريل همراه دَرَ جي سامهون نظر آيا - اسحاق ۽ مان تہ ڀڪجي وياسين، اسحاق تازو تازو سنڌ مان آمريڪا پهتل هو. هو سنڌ جي صحافت سان ڪئي سال وابستہ رهيو پر پوءِ ڄام واري اونداهي دور ۾ 1990 واري اليڪشن جي رپورٽنگ ڪندي سانگهڙ واري تڪ ۾ تشدد جو نشانو بڻيو ڪيس پرپور

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اذيتون ڏنيون ويون.

۽ سندس اُها ڪئميرا جنهن ۾ هن وٽ حلقي جي سيني ڏانڊلين جو عڪس ورتل هيو، اُها ڪسٽ لاءِ ڪيس ڏنيپ بہ ڏنا ويا. پر همراه مـــڙس تـــي عـــقــوبـتن ڪـي مـنـهـن ڏنـو . ســو اســحــاق ڪـي ڊاڪٽر A.W.Bhatti سنا جي صدر ذاتي دلچسپي وٺي آمريڪا گهرائي اسحاق جو ڪيس -Human Rights commis sion ۾ آمريڪي سينٽرن آڏو ڪجهہ اهڙي طرح سان وٺي ڪنيو جو واه واه ٿي وئي - اسحاق لاءِ پوءِ اها خبر پئي تہ همراه هتي ٺٽ ۾ آهي رهي ڊاڪٽر صاحب وٽ مالاواڪي (MALAWAKI) ۾ تــو ۽ مظلوميت واري حساب ڪتاب ۾ آمريڪا جا هم زبان دوست سندس گهڻو خيال رکي رهيا هئا. سو اسحاق سان ملڻ بعد جڏهن پئي همراهہ سان پاڪر پائيندي اسحاق تعارف ڪرايو تہ همراه بلڪل ويجهن دوستن جو دوست نڪري پيو. هي دوست مالڪ ڏنو شيخ جنهن جو ڪيترن سالن کان دوستن سان رهاڻين ۾ ويهندي پيوذڪر نڪرندو هو ڪڏهن ڳوٺ جي دوست اُستاد پنهل پنجوديرائي جي واتئون تہ ڪڏهن ڊاڪٽر مير محمد شيخ جي زباني همراه جا افسانا پيا ٻڌبا هئا

اڪثر ڪري سندس پچار منهنجو ماسات مرتضيٰ ڏاريجو بہ پيو ڪندو هو همراه جا سنگت ساٿ ۾ پيا افسانا ورجائبا هئا هونئن هي دوست اصل لاڙڪاڻي شهر جي ڪرمان باغ جو آهي۽ هتي آئي ڪيس ڪافي عرصو گذري چڪو آهي ڳالهين ڳالهين ۾ خبر پئي تہ هتي ڪنهن آمريڪي ڇوڪريءَ سان شادي بہ ڪئي اٿائين ۽ هينئر سئن فرانسڪو جي شهر سان هوزي (SAN HOUSAY) ۾ رهي ٿو جتي ڪنهن فرم ۾ ڪمپيوٽر انجنيئر جي نوڪري ڪندو آهي .

هن پنهنجي رنگين مزاجي جو ورجاءُ مونسان بہ ڪيو جنهن جو ذڪر مان اڳتي ڪندس سو اسحاق تنئي ۽ مالڪ ڏني شيخ سان ڪافي ديرويهڪ ٿي ان وچ ۾ چانهہ بہ پي ورتي سين ۽ ڳالهيون بہ ٿينديون رهيون اسحاق کي اجان هڪ فلور مٿي ڪمرو مليل هو جنهن ۾ مالڪ ڏنو شيخ ۽ هڪ ٻيو دوست سپ گڏ ترسيل هئا منهنجو اڪيلو ويڪرو ۽ڪشادو ڪمرو ڏسي مالڪ ڏني شيخ چئي ڏنو تہ يار آئون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجو سامان تو وٺ ڪٽي تو اچي تو وٺ ٿيان. جو مٿي اڳم ئي هڪ ڪمري ۾ چار پنج همراه آهيون ۽ دراصل مالڪ ڏني جي سامان مون وٽ ڪٽي اچڻ جو هڪ خاص ٻيو سبب هيو جنهن جي مون کي پاڻ دير سان خبر پئي. ٿيو ائين جو اسحاق تنئي ۽ مان حال احوال پئي ڪيا سون ته مالڪ ڏني اٽي ڪمري ۾ ڦيريون پئي پاتيون باٿ روم وڃڻ مهل هن اوچتــو ڊريـسـنـگ روم (Dressing room) وارو پــڙدو سرڪائي وڌو ۽ پوءِ همراه ڏنم ڪا مهل اُتي ئي پنڊ پهڻ بڻيوبيٺو رهيو اسين پنهنجن ڳالهين ۾ رڌل هئا سون مان ان ڳالهہ ڏانهن ڪو خاص توجہ ان مهل تہ ڪو نہ ڏنو پر جڏهن اسحاق ۽ مالڪ ڏنو مون کان موڪلائي ڪمري مان نڪتا ۽ مالڪ ڏني موٽي اچڻ لاءِ چيو تہ آئون سامان ڪٽي اجهو تو اچان تہ مان ٻاهريون دروازو بند ڪري باٿ روم ڏانهن وڃڻ کان اڳم ان سرڪيل پردي سان ٻاهر ڏنو تہ مان بہ ڇڻ اُتي ئي ڪپي ويس - دراصل سامهون سوئمنگ پول ٿهيل هو ۽ ان ۾ پهرين نظر وجهڻ مان ائين لڳو تہ ڪنهن خوابن جي دنيا ۾ پهچي ويو آهيان سوئمنگ پول (Swimming Pool) جي هڪ هڪ فوٽ وٿيءَ تي وڏا وڏا (Soduim bulbs) سوڊيم بلب روشن هئا جن جي جرڪندڙ روشنيءَ ۾ ڪيترائي جوان، اڌڙ اگهاڙا جسم جرڪي رهيا هئا Swimming pool ۾ وڏي رونق لڳل هئي هڪ نظر ۾ ائين لڳو تہ ڇڻ ڪوه ڪاف جي ديس ۾ پڄي ويو هججي جتي
Swimming Costume پهريون ڪيتريون پريون حوض جي چوڌاري گهمي رهيون هيون ڪي پاڻي ۾ وهنجي رهيون هيون تہ ڪي پرتي ويهي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي تڙ جو مزو وٺي رهيون هيون مطلب تہ پوري رونق لڳي پئي هئي ۽ ان جهلڪ ڏسڻ بعدمون کي مالڪ ڏني شيخ جو اُبهرو ٿي منهنجي ڪمري ۾ سامان ڪٽي اچڻ جو خاص سبب معلوم ٿيو مان پردو ٻيهر بند ڪندي چپن ۾ مرڪندو باٿ روم ڏانهن هليس

هت منهن ڌوئڻ مهل واچ لاهيندي مون ڏٺو تہ رات جا 9 ٿي رهيا هئا ۽ ائين لڳي ڏاران مون کي ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو هيو تہ Sana Executive Body جي ميٽنگ شروع ٿيڻ واري هئي. مون کي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونئن تہ ميٽنگ ۾ وڃڻ جو شوق نہ هو پر جڏهن اها خبر پئي تہ اُتي اقبال ترين ۽ ٻين دوستن سان پڻ ملاقات ٿيندي تہ مان تڪڙ ۾ هٿ منهن ڌوئي ورتو ۽ ڪمري ۾ اچي ڪپڙا مٽائڻ لڳس تہ ڪمري جو دروازو ٻيهر کڙڪڻ لڳو سمجهيم تہ پڪ مالڪ ڏنو سامان سوڌو پهتو هوندو .

دل ۾ سوچيم تہ اڄ هن ڪوه ڪاف جي پرين جو خير ناهي جو مالڪ ڏنو شيخ هر نائيس ديو جي روپ ۾ اچي پهتو آهي ۽ منهنجي ڪمري جي دري مان ٻيٺي اکين اکين ۾ اهو سڀ ڪجهہ ڪري ويهندو جيڪو هونئن ممڪن ئي نہ هو يعني دوست سڄي رات ٻيٺي مٿان ڪين گهوريندو رهندو ۽ دل ئي دل ۾ گد گد ٿيندو رهندو پر ان سڄي تماشي ۾ منهنجي ننڊ جو الائي ڇا ٿيندو

خير مان وڃي دروازو کوليو هڪ ٿيلهو مالڪ ڏني جي ڪلهي ۾ هڪ بريف ڪيس هٿ ۾ همراه سامان هڪ پاسي رکيو ۽ مونکي مخاطب ٿي هڪ وڏي اوٻاسي ڏيندي چيو تہ آئون ڏاڍو ٿڪل آهيان سو ننڊ ڪنيون ٿي وڃيم تون ڪيڏانهن گهمڻ ڦرڻ وڃڻو آهين تہ وڃ آئون سمهي ٿو رهان.مان تہ اهو سڀ سمجهيو پئي تہ مالڪ ڏنو واقع ننڊ ڪندو يا منهنجي ڪمري کان نڪرڻ بعد پردو سرڪائي صبوح تائين هڪ ٽنگ تي بيهي سوئمنگ پول جي بنا اک ڇنڀڻ جي نظاري بازي ڪندو رهندو. بهر حال همراه کي گهڻو زور مان ٻہ نہ پريو. مان دل ۾ سوچيو تہ ڀل همراه دل جو شوق پورو ڪري وٺي آئون تيسين ٿو ميٽنگ ۾ وڃي ويهان ۽ يارن سان ڪچهري ڪري وٺان

ڪمري جو در ٻاهران بند ڪري آهستي آهستي ڪوريڊور ۾ گهمندو ان هال جي ڳولا ڪندو رهيس جتي ميٽنگ ٿيڻي هئي. ڊاڪٽر صاحب ٻڌائي ويو هو تہ اهو هال هن ساڳئي طبقي جي ڇيڙي ۾ آهي سو آوازن کي ڪن ڏيندو ڳولهيندو اچي آخري ڇيڙي تائين پڳس ۽ نيٺ هڪ بند دروازي اندروڏو ڌمچر ٻڌڻ ۾ آيو مان پڪ سمجهيو تہ اهي پاڻ وارا همراه هوندا ۽ پڪ ميٽنگ جي جاءِ اهائي آهي ڇو تہ اهڙي قسم جو گوڙ گهمسان ۽ هل هنگامو اسان سنڌين جي سڃاڻپ جي خاص نشاني آهي. سگهٽي نعريبازي،نندين توڙي وڏين گڏجاڻين ۾ بنا مقصد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جي هل هنگامو ڪرڻ بنا مقصد جي دليل بازي ڪرڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بغير ڪنهن مول متي جي بخث مباحثا ڪرڻ اها پنهنجي خاص سڃاڻپ آهي مون ڪي اهڙي گوڙ گمسان تي ڳوٺ وارين ادبي يا سماجي گڏجاڻين جو منظر اکين آڏو ڦري آيو جتي پڻ ائين ئي مڇي مارڪيٽ وارو ڏيک نظر ايندو آهي پل ۾ سوچيم هي تہ Sana executive Committee جي گڏجاڻي آهي سو هتي تہ ڪل آمريڪا جا رهندڙ دوست هوندا جيڪي سالن کان هتي رهن پيا ۽ هتان جي طور طريقن جا پابند هوندا سندن طبيعت ۾ بردباري ۽ بارگيري تہ ضرور آئي هوندي سو ٿي سگهي ٿو تہ آئون پليل هجان ۽ اهي گوڙگهمسان وارا همراه ڪي ٻيا هجن جيڪي ايشيا وارن کان بہ انهن ڳالهين ۾ چڙهيل هجن.

پنهنجو شڪ مٽائڻ لاءِ مان هال جو دروازو آهستگيءَ سان کولي اندر ڏٺو ، اندر ڏسڻ سان پڪ ٿي تہ اهي پاڻ وارا همراه ئي آهن ڇو تہ سامهون اقبال ترين ۽ ٻيا اٺ ڏهہ کن دوست اسحاق تنئي سميت هڪ وڏي ٽيبل جي چوڌاري ويٺل هئا ۽ ڪنهن تنظيمي ڳالهين تي ڏاڍي گرمي پئي ڏيکاريائون سامهون ٽيبل تي پيل چانهن ۽ سينڊ وچز (Sandwitches) تي بہ پنهنجي گرمي چنڊي رهيا هئا.

مان اڳتي وڌي اقبال سان مليس اقبال بہ ساڳئي سڪ سان مليو سندس اڃ بہ اهائي روايتي ملنسار طبيعت ڏسي محسوس ڪيم تہ ڪيس آمريڪا جي طور طريقن مٿس گهٽ اثر ڪيو آهي، هونئن بہ اقبال سان ٽي وي جي ناتي تمام پراڻي واقفيت آهي. مان جڏهن ٽي وي تي ڊرامن ۾ حصو وٺندو هوس تن ڏينهن ۾ اقبال نئون نئون ٽي وي تي آيو هو ۽ اها ٻئي ڳالهہ آهي تہ مان اڳتي هلي ٽي وي تي گهڻو جٽاءُ نہ ڪيو ليڪن اقبال پنهنجي خوبصورت (Photogenic Face) ۽ عمده اداڪاريءَ ڪري تمام گهڻو مقبول رهيو. هن ان اوج واري دور ۾ ئي ٽيليويزن کي آهستي آهستي خيرآباد چيو ۽ ڪنهن اشتهاري ڪمپني سان وابستہ رهيو مگر پوءِ اتان بہ آهستي آهستي وڃي سِري آمريڪا پهتو ۽ هتي هو (Arlington Texas) ۾ ڪنهن آمريڪي ڪاڏي واري فرم ۾ آهي ۽ SANA جي گورننگ باڊي ۾ ڪيس خاص

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهميت حاصل هئي.

اقبال منهنجو تعارف دوستن سان پڻ ڪرايو ۽ اقبال پوءِ اهو ٻڌايو تہ منهنجي هتي پهچي وڃڻ جو ڊاڪٽر قلباڻي ڪين اڳ ئي ٻڌائي چڪو هو. مون سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي دوست وري پنهنجين تنظيمي ڳالهين ۾ لڳي ويا ڪجهہ گذريل سال جي ڪارڪردگي تي بحث ۽ وري صبحاڻي کان شروع ٿيندڙ ڪانفرنس جي بندوبست ۽ خرچ پکي جوانتظام مطلب تہ پنهنجي خفي ۾ جنبجي ويا ۽ مان بہ ڪا گهڙي ويهي اتان کسڪي وڃڻ ئي مناسب سمجهيم ننڊ جون اوٻاسيون بہ اچي رهيون ۽ دوست مالڪ ڏني جي رنگين مزاجيءَ جي بہ خبر ونئي هئي سو اتان اٿي ساڳيو ئي آهستي دروازو بند ڪري انهن ئي پيرن تي واپس ٻاهر نڪتس ۽ ڪوريڊور ۾ ٺهلندو لڏندو لفٽ جي ڀر ۾ رکيل (Cold Drinks) جي مشين مان هڪ ڊالر جو نوٽ وجهي پيپسي جو ٽن ڪڍيو ۽ پيئندو ڪمري جي طرف هلڻ لڳس.

ڪمري وٽ پهچي دروازي کي آهستي ڪڙڪايو ۽ پوءِ در کُلڻ جو انتظارُ ڪرڻ لڳس ڪا دير دروازو نہ کليو تہ مان در سان ڪن لائي اندر ڪمري جي آوازن کي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس ٿوري دير وڌيڪ انتظار ڪري در کي ٻيهر ڪڙڪايو پوءِ محسوس ٿيو تہ همراهہ کي جاڳ ٿي آهي. مالڪ ڏني ٻٽڪندڙ چپن ۽ ننڊا ڪڙين. اکين سان دروازو کوليو تہ مان اندازو نہ ڪري سگهيس تہ همراه واقعي ننڊ مان اُٿيو آهي (بقول اسان جي ڪن دوستن جي جيڪي هڪ مخصوص لفظ. ان موقعي تي استعمال ڪندا آهن) يا چاٽيبازيءَ ۾ رڌل هو بهرحال جيئن ئي دروازو کليو تہ مان ٻنهہ هڪو ٻڪو ٿي مالڪ ڏني کي ڏسڻ لڳس ۽ مون کي هڪوار نہ ائين محسوس ٿيو تہ مان پنهنجي ڪمري جي آڏو نہ پر لاڙڪاڻي جي ايمپائر سئنيما ۾ گل بڪاولي فلم ڏسندو هجان جنهن ۾ پوري پردي تي اڪيلو ديو. هيٺ تي هڪ ڪڇو پايون مٿي تي ٻہ سڱ ظاهر ڪيون بيٺل هجي، مون کي مالڪ ڏني جي اکين تي چڙهيل عينڪ ڪانسواءِ تڪڙ ۾ تہ ٻيو ڪجهہ نظر نہ آيو پر جيئن ئي اکيون اونده ۾ ڏسڻ جون هيراڪ ٿيون تہ يار سچي بت اگهاڙو سوا انچ پٽيءَ ڪچي سان ظاهر ٿي پيو مان دل ٻڌي ڪمري ۾ گهڙي اندران ڪنڊو

sooriisindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چاڙهيو ۽ دروازو لاڪ ڪيو. ان وچ ۾ ڏٺو تہ دوست اوپاسيون ڏيندو بستري ۾ سمهي مٿان ڪمبل پائي رهيو هو ۽ جيسين مان ڊريسنگ روم مان ڪپڙا مٽايون ڪمري ۾ آيس تہ همراه هڪ ڏيڊ منٽ جو ڪونگهرو هڻي رهيو هو.

ايڏن اونهن ۽ گرجدار ڪونگهرن ۽ همراه جي اگهاڙي بت جي منظر ڪئليفورنيا جو نہ سهي پر هن ڪمري جو ماحول ڏاڍو پوائٽو ڪري ڇڏيو هيو. مان ان خوفناڪ منظر مان پاڻ ڪي ڪيڍڻ لاءِ سامهون رکيل T.V سيٽ آن ڪيو. ٽي وي؛ تي جيئن تہ ۴ جولاءِ آمريڪا جي ڏينهن ملهائڻ وارين تقريبن جون تياريون زور شور سان ڏيکاري رهيا هئا. واري واري سان، سي، اين اين جيڪا 10 نمبر چينل تي هلي رهي هئي ان تي يوم آمريڪا ۽ ڪولمبس جي آمريڪا دريافت ڪرڻ جي 500 سالن جي پوري ٿيڻ واريون تياريون ڏيکاري رهيا هئا. هوسٽن، نيويارڪ، نيوجرسي، فلوريڊا، فلاڊيفيا وغيره ۾ ٿيندڙ جشن جا سانباها پوري زور شور سان جاري هئا. آمريڪا جي انهن مٿين رياستن کان سواءِ بہ ٻين ڪيترين رياستن ۽ مکيہ شهرن ۾ ان جشن جا منظر ٽي وي؛ تي هلي رهيا هئا. انهن تقريبن جي تيارين ڪانسواءِ شڪاگو ۾ تازي طوفان ۽ برسات جي تباه ڪارين جا، گاڏين جي حادثن، ماڻهن جي اُڏري ۽ لڙهي ويل گهرن جا ڏيک بہ پئي ڏيکاريائون.

مان T.V بند ڪري اُٿان اُٿي ڪولمبس جي دريافت ڪيل آمريڪا ۾ مالڪ ڌڻي جي دريافت ڪيل سوئمنگ پول جي ڏسڻ لاءِ پردو سرڪائي اچي سوئمنگ پول جي رونق ڏسڻ لڳس. سرديءَ وڌي وڃڻ ڪري ڏٺم تہ سوئمنگ پول جي رونق بہ ڪافي گهٽجي چڪي هئي پر پوءِ بہ ڪو هڪ اڌ شوقين جوڙو اجان وهنجڻ ۾ مشغول هيو. ڪافي دير ان منظر کي جاچيندي جاچيندي مان انهن ماءُ ڌيءَ جون ڳالهيون ياد ڪرڻ لڳس جن سان ايمسٽرڊم کان اڏامندي نيويارڪ تائين سات رهيو ۽ اُن جي تکين تيز ڳالهين مُنهنجو دماغ چڪرائي وڌو هو ۽ اُهي سندن ڳالهيون منهنجي دماغ مان اجان تائين نہ نڪري سگهيون هيون.

ايمسٽرڊم کان جيئن ئي جهاز اڏاميو تہ مان محسوس ڪيو تہ منهنجي پويان خالي سيٽن تي ڪي بہ عورتون ايمسٽرڊم مان سوار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٽيون آهن. سندن فل ماڊرن ڊريس ۽ جينز جي پھريل سوٽن سان مان اندازو لڳايو تہ ڪافي ماڊرن ۽ ايڊوانس عورتون آهن پر جنھن خاص ڳالھہ مون ڪي متوجہ ڪيو سو هيو سندن چھرو جنھن مان بلڪل پاڪستاني يا هندستاني عورتون لڳي رهيون هيون ۽ انھن مان هڪ ننڍي نيٽي ٻي اُن ڪان پڪي عورت پئي لڳي پر ٻيئي هيون فل ماڊرن (جديد) لباس ۾ هونئن تہ آمريڪا يا يورپ جي سفر تي ڪنھن بہ عورت جو فل ماڊرن ۽ ايڊوانس هجڻ ڪو تعجب خيز ناهي پر مون ڪي جنھن ڳالھہ اصل ڇرڪائي وڌو سا هئي سندن ٻولي. جهاز رن وي تان اُڏامي جيئن ئي نڪ سامھون اُڏار شروع ڪئي مون ڪي ائين لڳو تہ اهي ٻيئي محترمائون پاڻ ۾ سنڌي ڳالھائي رهيون هجن. منھنجو شڪ يقين ۾ تڏهن بدلجي ويو جڏهن هن مان پڪي عمر واريءَ عورت منھنجي پير ۾ پيل ڪتابن جي گھر ڪئي جيڪي مون سفر دوران پرواري سيٽ تي رکيا هئم، انھن ۾ خاص ڪري ڪرشن چندر، امرتا پريتم جا ڪجھہ سنڌيءَ ۾ ترجمان ڪيل ناول اُستاد، شيخ اياز، رسول بخش پليجي ۽ ٻيا ڪجھہ سنڌي ڪتاب جيڪي نيويارڪ ۾ يا ٻين هنڌن تي دوستن ڪي تحفي طور ڏيڻا هئا، سي وري پرواري خالي سيٽ تي پڙهڻ لاءِ رکيا هئم ۽ اُن محترمہ مون ڪان سنڌيءَ ۾ شيخ اياز جي نيوفيلڊس طرفان ڇپايل ڪتاب وچون وسڻ آئيون جي گھر ڪئي. مان اُن عورت ڪي هٿ وڌائي ڪتاب ڏنو تہ سھي پر اندر ۾ چڻ آنڌ مانڌ مچي ويئي، جيڪا قدرتي طور هئي ڇو تہ پنھنجي قوم جنھن جي گھرائيءَ سان خبر اٿم تہ سنڌياڻيون بہ عورتون سي بہ اڪيليون ۽ وري ايمسٽرڊم يعني يورپ جي ڪنھن ائيرپورٽ تان آمريڪا جي سفر تي سو مون ڪي هونئن تہ اڄ تائين ناممڪن پئي لڳو پر ان جو زنده مثال منھنجي سامھون هيو مان ڪيس ڪتاب ڏئي انھن ٻنھي متعلق سوچيندو رهيس.

جهاز جي دريءَ ڪان ٻاهر خلائن ۾ ڏسڻ لڳس جهاز شايد ائٽلانٽڪ سمونڊ مٿان اُڏامي رهيو هو پر جيئن تہ آسمان تي ڪارا ۽ گھاٽا ڪڪر ڇانيل هئا ان ڪري صحيح طور سان هيٺ يا چوڌاريءَ جو منظر ڏسڻ ۾ نہ پئي آيو جهاز ڪارن ڪڪرن وچ ۾ ٿاٽل هيو تنھن ڪري ڪڏهن هيٺ مٿي پئي ٿيو اُستاد جي شعر جون ڪجھہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سٽون جيڪي ڪائنس زبانيءَ ويجهڙ ۾ ٻڌيون هيون سي دل تي تري آيون.

بعضي جهازُ تـڙندو ۽ تـاٻڙنـدو تـي هليـو
ڪٿ ڪٿ تـہ تي هـوا ۾ بـہ ڪـوبو ڪـڏو لڳو
تـني اوچتـــو پُڪـــار بـــخاري تـيـــار تـي
هر ڪـم جو هٿ ۾ هـو سـو اڌو ڳـاٻرو لڳو
"استاد بخاري"

ڪا دير تہ ان وسوسي ۾ ويٺو رهيس ۽ ٻاهر خلائن کي گهوريندو رهيس رکي رکي ڪنهن مهل سامهون T.V تي هلندڙ فلم تي بہ نظر پئي وڌي، ڪا انگريزي فلم جيڪا پوءِ نيويارڪ ۾ اچي وڌي پردي تي بہ ڏٺي هئم (نالو ذهن تي نٿو چڙهيم) بهرحال هئي تہ مزيدار فلم پر اندر جي هن تجسس مون کي ڪنهن بہ شيءِ ۾ مزو ڪونہ پئي ڏنو ۽ اهو منهنجو تجسس يا اشتياق پنهنجيءَ پر ۾ (Justified) بہ هيو جو، سنڌي ڳالهائيندڙ بہ عورتون يورپ جي سير تي جهاز ۾ گڏ سفر ڪنديون هجن تہ هم زبان هئڻ جي ناتي سان لازم پئي سمجهيو تہ ساڻن تعارف ڪجي ۽ ڪائنن دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ رهندڙ هم زبان وارن جو حال احوال بہ ونجي بهرحال ان ڪشمڪش ۾ مون کي پنهنجا بہ پيارا سنگتي هدايت بلوچ ۽ آفتاب ميمڻ ليبر ڪاتي وارو ڏاڍا ياد پئي آيا انهن موقعن تي انهن جي جرئت ڏسڻ وٽان هوندي آهي پهرين ڳالهہ تہ مان هميشہ انهن جا ڪيسا ۽ پٽون پنهنجن تعارفي ڪارڊن سان ڀريل ڏسندو آهيان ۽ مان وري انهن جي اُبتڙ پنهنجا تعارفي ڪارڊ تہ نهيو پاڻ کي بہ گهر ۾ رکي ايندو آهيان ۽ پوءِ وري ڪنهن نئين دوست سان تعارف مهل اهي پئي سنگتي نہ ڪندا آهن هم نہ تم ڪيسي يا پٽونءَ ۾ هٿ وجهندا ڪڍندا پنهنجو ڪارڊ ڏيندا همراه کي هٿ ۾ ستم ظريفي اها جو اڳيون توڙي چاهي الائي نہ پر انهن کان بہ ڪائنن ڪارڊ گهرڻ ۾ ڪا قباحت ڪين ڪڏهن محسوس ٿيندي نہ ڏٺي اٿم هونئن هنن منجهائيندڙ موقعن تي مون جهڙن ماڻهن لاءِ انهن ٻنهي پيارن جو مثيون نسخو لاجواب هوندو آهي پر مان اهوئي پنهنجي شرميلي ۽ حجاب واري طبيعت ڪان لاچار جو هنن ٻنهي محترمائن ڪان اجان تائين نہ ڪارڊ ۽ نہ

ساڻن هن سفر دوران ڪا خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهيو هوس ۽ مون کي اها پڪ آهي تہ انهيءَ عرصي دوران منهنجا متيان ٻئي دوست انهن سان گڏماني ڪائيندي يا گهٽ ۾ گهٽ چانهن پيئندي ضرور نظر اچن ها جيڪا سندن هڪ مخصوص ادا مون کي سچ پچ پياري لڳندي آهي.

جهاز جيئن جيئن آمريڪا طرف اڏري رهيو هو تيئن تيئن هنن هم زبان محترمائن سان نہ ڳالهائڻ جو افسوس وڌي رهيو ۽ ائين بہ نہ هو تہ:

زبان يار من ترڪي ومن ترڪي نمي دانم

(منهنجي يار جي زبان ترڪي آهي ۽ ترڪي مون کي نہ ٿي اچي)

ٻئي ڏريون هم زبان هيوسين پر! خير مان جهاز ۾ پوئين حصي ڏانهن سگريٽ پيئڻ لاءِ آٿي ويس ڇو تہ مون واري سيٽ (Non Somoking) سگريٽ نہ ڇڪڻ واري حصي ۾ هئي تنهن ڪري جهاز جي پوئين حصي ڏانهن سگريٽ دڪائڻ لاءِ اٿيس ۽ تڙتڪڙ ۾ سگريٽ پورو ڪري پنهنجي سيٽ ڏانهن موٽندي پڪو پهہ ڪري ورتو هئم تہ هينئر سلسلو اڳتي وڌائڻ گهرجي ۽ پوءِ انهن محترمائن جي سيٽ وٽان گذرڻ لڳس تہ اندر ئي اندر ۾ پياري هدايت بلوچ ۽ آفتاب ميمڻ جو نعرو هٽي وڌي دل ٻڌي اچي سندن سيٽ مٿان بيٺس انهن مان هڪ جيڪا خوبرو ۽ نئين نندي هئي سا ڪنهن انگريزي ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول هئي ۽ باقي ٻي تقريباً منهنجي هم عمر پر مک چک ۽ ميڪ اپ ۾ مون کان ڪئي حصا نندي ۽ پنهنجي پر ۾ ويٺل محترمہ (جيڪا پوءِ خبر پئي تہ سندس ڏيءَ آهي) تقريباً اُن جيتري يا اُن کان ٿوري پڪي 24 يا 25 سالن جي مس پئي لڳي.

ٻنهي محترمائن ڪتاب مان منهن ڪٽي مون ڏانهن مٿي نهاريو منهنجا تقريباً ٻئي چپ سُڪي نوٽ ٿي چڪا هئا پر نيٺ دل ٻڌي ڪانئن پهريون سوال ڪيو.

اوهين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟

جيستائين نندي نيٽي جواب ڏئي تيسين اُن منهنجي هم عمر وراٽيو

اسين نيويارڪ وڃي رهيون آهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اوهان رهندا ڪٿي آهيو؟

اسين نيويارڪ ۾ ئي رهندا آهيون ۽ هينئر مان پنهنجي ڌيءَ سُنيتا سان سندس وئڪيشن گذارڻ يورپ ويون هيونسين ۽ جيئن ته سُنيتا جي وئڪيشن پوري پئي تي سو گهر يعني نيويارڪ واپس وڃي رهيون آهيون.

پوءِ ڳالهين ڳالهين ۾ اها خبر پئي ته هيءَ سنڌي هندو ڪٽنب جيڪو ورهاڱي ڪانپوءِ ڪجهه وقت هندوستان ۾ رهي ۽ پوءِ هيڏي آمريڪا ۾ اچي آباد ٿيو هو. هتي سندن مرد واپار وڙو ڪندا آهن. نيويارڪ جي خوبصورت ۽ مصروف ترين علائقي منهٽن (Manhattan) ۾ سندن هڪ شاهي دوڪان به هيو جنهن تان ننڍن ٻارن جا ڪپڙا جينز، سرخي، مساڳ پائوڊر، ٿايون وغيره وڪڻندا آهن، جنهن مان سندن معقول آمدني رهي ٿي ۽ هر سال هي ٻئي مائرڌيئر دنيا جي ڪنهن نه ڪنهن حصي ۾ سُنيتا جي وئڪيشن دوران گهمڻ نڪري پونديون آهن هينئر به هُو جرمني، فرانس، انگلنڊ ۽ هالنڊ وغيره گهمي آمريڪا واپس وري رهيون هيون. هو ڪئي دفعا سنڌ جو به دورو ڪري چڪيون آهن. نه فقط هو ٻئي ڄڻيون پر گذريل ڪن سالن کان اڳ ته سندن سڄو ڪٽنب سنڌ جي دوري تي پنهنجا اباڻا ڪک ڏسڻ ضرور ايندو هو ۽ هاڻي هنن اچڻ بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ سندن ڳالهين مان اهو ارادو صاف ظاهر هو ته هو وري هينئر ڪڏهن به سنڌ نه ايندا.

ائين سيٽ مٿان ٻيهي ڳالهيون ڪندي چڱو وقت گذري ويو ۽ پوءِ جڏهن فضائي ميزبان (Air Hostess) منجهند جي ماني رکي ويئي ته مان پنهنجي سيٽ تي ويهي ماني به کائيندو رهيس ۽ ٻنهي منهن ورائي ساڻن ڳالهائيندو به رهيس. ڳالهين ڳالهين ۾ جڏهن سنڌ جي موجوده صورتحال جو ذڪر نڪتو ته محسوس ڪيم ٻئي مائر ڌيئر ڪجهه سنجيده ٿي ويون هيون ۽ سندن خوشگوار موڊ ۾ ڪجهه تلخي نمايان جهلڪي رهي هئي ۽ پوءِ مان جڏهن اچان به بحث کي وڌائڻ لڳس ته ٻئي ڄڻيون ساڻوڻ جي ڪڪرن جيان گجڻ ۽ وسڻ لڳيون. ڪين سنڌ جي موجوده حالتن جيڪب آباد جي مندر مسمار ٿيڻ ڪانوٽي شهداد ڪوٽ نئون ديري جي هندن اغوا ٿيڻ تائين هر واقعي جي ڄاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هئي ۽ اُهي ان سموري بدامنيءَ جو ڪارڻ سنڌ جي سمورن مسلمانن کي ڄاڻائي رهيون هيون خاص ڪري هندن جي تازي هندستان لڏ پلاڻ جو ذميوار بہ اسان کي ئي سمجهي رهيون هيون جيتوڻيڪ مان سنڌن انهن الزامن رد ڪرڻ لاءِ ڪافي وزنائتا دليل بہ ڀڃي ڏنم. مان ڪين اهو ٻڌايو تہ ان لڏ پلاڻ کي روڪڻ لاءِ سنڌي مسلمانن ڪيتريون ڪوششون ورتيون ۽ لڏيندڙن کي نہ لڏڻ لاءِ ذاتي اثر رسوخ، دوستي ياري، جيتوڻيڪ ڪيترين تنظيمن طرفان سيمينار بہ ڪرايا ويا تہ هم زبان دوستن کي ائين نہ ڪرڻ گهرجي، جتي جنم جنم ڏک سک ۾ حال ڀائين جان ڪنهن مذهب وغيره کي وچ ۾ نہ آڻيندي گڏ گذاريندا آيا آهيون اُتي ان بدامنيءَ جي لهر ۾ اڪيلو ڪري هليو وڃڻ موزون نٿو لڳي مان ڪين ٻڌايو تہ ان بدامنيءَ جي نذر اسين سڀ جملي سنڌي ٿي رهيا آهيون سڀ لٽيا ڦريا ويا آهيون مان پنهنجن دليلن کي وڌيڪ مضبوط ۽ هنن محترمائن جي دل مان اهڙي راءِ کي بدلائڻ لاءِ نهہ چوٽيءَ جي زور لاتو ڪين ائين بہ چيو تہ اها بدامني ڪنهن عالمي سازش جو حصو ٿي ڀائنجي جنهن سبب اسان هم زبانن کي ڀاڱن ۾ ورهائڻ جون ڪي منظم ڪوششون ٿي رهيون آهن پر محترمائن جي من ۾ ذهن ۾ اُهي منهنجيون ڳالهيون اصل نہ وينيون.

مان ڪجهہ ساڳئي قسم جي صورتحال گذريل فيبروريءَ ۾ دُبئيءَ ياترا دوران ڪن دوستن سان بحث ڪندي بہ محسوس ڪئي هيم پر انهن مان سڀ جو سڀ انهيءَ راءِ جا بہ ڪين هئا. جتي ڪي دوست سنڌ جي ان نازڪ صورتحال کي مٿيون رُخ ڏئي رهيا هئا تہ اُتي وري ڪن سڄڻن، اديبن ۽ هڏ ڏوکين کي مان سنڌ جي اهڙي اَتل پتل تي ڳوڙها ڳاڙيندي بہ ڏٺو هوم موتي، ڪلا پرڪاش، موهن گياڻي، شري ڪانت، مورج مل ۽ ٻين کي سنڌ جي مٽي اکين تي رکندي ۽ ائين چمندي ڏٺو هوم جيئن ڪو پنهنجي پاڪ پوتر ڪتاب کي چمندو ۽ ان سان عقيدت رکندو هجي.

موڻ کي سُنيتا ۽ سندس ماءُ جي هن غلط راءِ کي سنڌن واتان ٻڌي سخت رنج رسيو هوم منهنجي اکين آڏو سنڌ جا اُهي پراڻا نقش تري آيا جيڪي ڪجهہ تہ پاڻ بہ نند پڻ ۾ پنهنجي اکين سان ڏٺا هئم

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪجهہ وڏن جي واتان ٻڌاهئم. مان هڪ دفعي سينگاپور مان اباڻا فلم جي وڊيو آندي هئم ۽ پوءِ اُن کي گهر جي ڀاتين سامهون جڏهن پهريون دفعو هلائي هئي تہ ماستر چندر جي ان ٻولن ۽ منظر تي اسين سڀ گهر جا ڀاتي جڻ سُڏڪي رهيا هئا سين جنهن ۾ سنڌوءَ ڪناري هو اهي صدائون ورڻائي رهيو هو.

پـڪـي مـاڳ پـنـهـنـجو ڇڏيـون اڄ وڃن ٿـا
وڃن ٿـــا وڃن ٿـــا لـڏيـون اڄ وڃن ٿـــا
هـاءِ هـاءِ پـڪـا پـراڻـا ڇڏيـون اڄ وڃن ٿـــا

۽ ان جي پس منظر ۾ سنڌي، ٻيل گاڏين، بسين، ريلن ۽ پيرين پنڌ، مٽي تي سامان کنيون سنڌ ڇڏيندا ڏيکارين ٿا سندن نيڻن مان وهندڙ نيرن جو، سدا وهندڙ سنڌو اڄ بہ گواه آهي. پر اڄ انهن ماستر چندر ۽ ڀڳت ڪنوررام جهڙن صوفي منش فقيرن جي ٻولن جي نفي ٿيندي ٻڌي ۽ ڏسي رهيو هوس تہ اکيون جڻ وري بہ ڀرجي آيون هيون ۽ اها مختصر انهن ٻنهي محترمائن واري ملاقات جيڪا نيويارڪ پهچڻ ڪانپوءِ اُتي ٿي ختم ٿي چڪي هئي ساهينئر بہ ڪئليفورنيا ۾ جڻ منهنجي ذهن تي سوار هئي.

واچ تي نظر وڌم تہ رات جا ٢ وڄي رهيا هئا دوست مالڪ ڏني جا ڪونگهرا روم جي اُن ڪليسا جي گهنڊ جيان وڄي رهيا هئا جيڪو سڄي روم جي سٽلن کي عبادت لاءِ اُتاريندو هجي يا ڳهٽ ۾ ڳهٽ منهنجي ڳوٺ جي اُن مڱڻهار جي دهل جيڏو آواز تہ ڪري رهيا هئا. جنهن کي دردر تي وڄائي ڳجو مڱڻهار بسنت رُت ۾ ڳاڙها پيلا گل ڏئي چانورن جي ٿالهي يا نقدي وٺي بسنتي رُت جي آمد جو اطلاع ڏيندو هو.

مان سوئمنگ پول ڏانهن کلندڙ ڪڙڪيءَ وٽان هٽي پردو سڌو ڪري پنهنجي بستري ڏانهن وڌي آيس. ڪمبل مٿان وجهي ٽيبل ليمپ وسائڻ پئي چاهيم تہ ٽيبل تي رکيل صبوح يعني ٤ جولاءِ جي سنا ڪنوينشن جو مڪمل پروگرام جيڪو ڪمپيوٽرائيزڊ ٽيل اُن ٽيبل تي پيو هو جيڪو منهنجي اندازي مطابق مالڪ ڏني منهنجي ڄاڻ لاءِ منهنجي پرسان ٽيبل تي رکيو هيو يا ٿي سگهي ٿو منهنجي پر پٽ ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دوست آيو هجي ۽ چاڻ لاءِ پروگرام ڪاپي رکي ويو هجي بهر حال اُن تي نظر پيهر ڪٽي پڙهڻ لڳس رٿيل سٺاءِ ڪجهه هن ريت هيو.

۴ جولاءِ جي صبح ۽
سنا جي پهرين ڏينهن جي گڏجاڻي:

اسين سنڌي بنيادي طور تي تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي دينِ اسلام يا مشرق جي ٻين مذهبن جهڙوڪ سڌارٿ گوتم جي ٻڌازم ۽ مها وير جي جين ڌرم يا بابا گرونانڪ جيٰ هندو ازم واري ان نظريي جا تہ فطري طرح قائل آهيون تہ ڪنهن ڪي نہ ڏکوئجي، ڪوڙ نہ ڳالهايو وڃي ڪام ۽ ڪروڌ ڪان پاسو ڪيو وڃي ڪوڙ ڪي سچ ۽ بُرائيءَ ڪي چڱائيءَ سان فتح ڪرڻ گهرجي يا جين ڌرم جيان تہ ڪنهن بہ جيو ڪي نہ ڏڪويو وڃي ۽ جيڪڏهن اهي ڳڻَ ڪنهن انسان جي طبيعت ۾ رلي وڃن تا تہ هو ماڻهو عام ماڻهن ڪان مٿي پيار محبت واريءَ مٿيءَ مان ڳوهيل آدرشي انسان ليکجي ٿو.

اسين سنڌي بہ فطري طرح اُن آدرشي انسانن جهڙا پيار محبت جي مٽيءَ مان ڳوهيل صوفي منش صفتن جا نرالا انسان آهيون اسان جي رڳ رڳ مان شاه، سچل ۽ ساميءَ جي آلاپن جا ورلاپ ٻڌڻ ۾ ايندا پر پوءِ اسان مان ڪي شانت پريل شرير جڏهن راوڻ جي روح سان لڳ لاڳاپو ڳنڍين ٿا تہ اسان جهڙا ڪروڌي ۽ ورودي بہ وري ڳولهيا نہ ليندا.

منهنجي مٿئين پتاڙ ڪرڻ جو مقصد اهو هيو تہ هتي سنا جي مڙندڙ ساٿين ۾ ڪي دوست روايتي طور اهڙا بہ ٻڌڻ ۾ آيا جهڙا مٿي چئي چڪو آهيان ڪجهہ دوستن جي زبانيءَ سنا جي سربراهيءَ تي ويڙه ۽ ٻيون ڳالهيون اهڙيون پيون ٻڌڻ ۾ اچن جو خدا پناه ۾ رکي پر جڏهن سنا جي ڪن موجوده مخلص ماڻهن سان پهرين ڏينهن تي ملاقات ٿئي ۽ ڊاڪٽر محترم اي ڊبليو پٽي يا سائين قلباڻي صاحب، نثار صديقي جيڪو اج ڪان شروع ٿيندڙ هن ڪنوينشن جي ميزبان ڪاميٽيءَ جو ڪو چيئرپرسن پڻ هيو ۽ ٻيا سائين مٺل وقاصي يا ڊاڪٽر رفعت انصاريءَ قاضي ارشاد وغيره جهڙا ماڻهو مليا تہ سندن اڻ ٿڪ ڪوشش، محنت ۽ مخلصائپ جو داد ڏيڻو پيو جو آمريڪا جي فضائن ۾ هر سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مهڙو مانداڻ مچائيندا تا رهن ۽ پنهنجن هم زبان ۽ هم نفسن کي ميڙي
ڪڏهن شڪاگو ۾ ته ڪڏهن نيويارڪ ۾ ته وري ڪڏهن واشنگٽن ۾.
مطلب ته پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌين جي هن ٽن ڏينهن واري ميلي ۾ اهڙو
رنگ ڀرين ٿا جو سندن ان جذبي جي تعريف نه ڪرڻ زيادتيءِ ۾ ليکبو
بهر حال ڪئليفورنيا جي ڪلچگ ۾ ۴ جولاءِ تي مڙيل ۾ ئي سو سنڌي
ڪتنب جڏهن ميرٽ (Marriot) هوٽل جي ڪمرن مان سنوارجي،
سينگارجي ڪنوينشن هال ڏي هلي رهيا هئا ته ائين محسوس پئي ٿيو ته
ڪنهن عيد ڏهاڙي سڀ سٽ ۾ چڻ عيدگاهه ڏانهن روان دوان هجن
رستي ۾ ڪل پوڳ، ننڍڙن ننڍڙن ٻارن کي پرت پريل لباس ۽ مٿي تي
سنڌي ٽوپ ائين سونهي رهيا هئا چڻ ڪي رنگ برنگي پوپٽ بهار مند ۾
گلن جي ڇهڳٽن تي جهرمر جهرمر جرڪي رهيا هجن پنهنجي منڙي
ٻوليءَ جي گونجار ڪنن کي ماکيءَ جي لارجيان مٺي لڳي رهي هئي.
ڪوريڊور ۾، هوٽل اندر ننهيل دوڪانن (Sales Shops)
تي، لفٽ مان لهندي، هتان هُتان سنڌي نمودار ٿي رهيا هئا مان پڻ
پنهنجو ڪمرو لاڪ ڪري لفٽ ذريعي هيٺ گرائونڊ فلور تي لهي آيس
۽ سنڌي سڄڻن جي هن ميڙي مان گذرندو هوٽل جي
(Basement) هوٽل جي تري ۾ ٺهيل ڪنوينشن واري هال ڏي
سٽ سان گڏ هلڻ لڳس.
لاس اينجلس جي هن شاندار هوٽل ۾ سنا جي پهرين ڏينهن جي
گڏجاڻيءَ ۽ هال ۾ اندر گڏ ٿيڻ کان پهريان مان پنهنجي پڙهندڙن کي
ڪجهه آمريڪا جي هن خوبصورت خطي جو واءُ سواءُ به ڏيندو هلان
جو ته ڪوبه سفر نامو تيسين مڙونه ڪندو جيسين اُن ملڪ جي آتڻيءَ
ويهڻيءَ طور طريقن آب هوا ۽ جاگرافي بيهڪ جي ڄاڻ نه ڏبي ته چڻ
اُهو فني طور به نامڪمل سفر نامو ليکيو ويندو. هوئن ته مٿئين مواد
مان، ائين پئي محسوس ٿيو ته آئون صرف سنا جي گڏجاڻيءَ جي رپورٽ
لکي رهيو آهيان. اهو سچ آهي ته مان سفرنامون لکڻ مهل ائين ئي پئي
سوچيو ته پنهنجن دوستن کي صرف سنا جي گڏجاڻيءَ جي رپورٽ ڏجي
۽ واضع ڪجي ته سنا ڇا ۽ ڪهڙي بلا آهي؟ ۽ هر سال جيڪو مانداڻ
پُرامن جهنڊي هيٺ مچائن ٿا. اهو اسان جي هتان جي دوستن لاءِ ڪافي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تجسس جو باعث ۽ پراسرار رهي ٿو تہ مان هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ اهو فرض پئي سمجهيو تہ پنهنجن همعصر سڄاڻ سنگيتن کي اُنَ کان آگاه ڪيان، پر پوءِ هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ اهو قرض سمجهيم تہ سنا جي گڏجاڻيءَ سان گڏ آمريڪا جي واءُ سواءَ کان بہ دوستن کي واقف ڪرائيندو هلان. اُن سفرنامي جي لکڻ لاءِ اُتساه ڏياريندڙ دوستن انعام شيخ ۽ فهيم سيال جو بہ وڏو هٿ آهي، ورنہ مون جهڙي سست ماڻهوءَ لاءِ سچ پچ اهو ڏکيو مرحلو ۽ مسئلو هو. بهرحال ڪجهہ همٿ وري سارس ۾ ڇپجندڙ انهن خطن بہ ڏياري جنهن ۾ دوستن منهنجي اُن ايڏي پتاڙ کي پسند پئي ڪيو.

مان سنا جي پهرين ڏينهن جي گڏجاڻيءَ کان اڳ لاس اينجلس ۽ ڪيليفورنيا جي ڪجهہ ٻين (Counties) ڪائونٽيز جو بہ مختصر تعارف اوهان کي ڪرائيندو هلان تہ مان سمجهان ٿو تہ نهايت مناسب ڳالهہ ٿيندي، جو تہ اها مختصر معلومات اوهان جي لاءِ مفيد بہ ٿي سگهي ٿي ۽ مون کي بہ اها تسلي ٿيندي تہ سنا جي رپورٽنگ (Reporting) سان گڏ اوهان پڙهندڙن لاءِ ڪجهہ ٻي بہ معلومات مهيا ڪرڻ جي مختصر ڪوشش ضرور ڪري سگهيو آهيان.

مان هونئن تہ هن وقت تائين آمريڪا جون هيٺيون ڪجهہ رياستون گهمي سگهيو آهيان جن مان نيو جرسي، فلاڊيفيا، واشنگٽن، ڪيليفورنيا، ٽيڪساس، نيويارڪ ۽ ورجينا وغيره ۽ انهن سڀني رياستن مان گهڻو نيويارڪ گهمي ڏٺي اٿم، باقي رياستون اَئين ٻن چئن ڏينهن جو چڪر هڻي گهمي پوريون ڪيون اٿم، جيتوڻڪ چوٽي آهي تہ آمريڪا جي نيويارڪ ۽ نيوجرسيءَ کان سواءِ باقي رياستن کي گهمڻ ۽ ان جي سونهن سوبيا مان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ بہ ڪافي ڏينهن ۽ عمر گهرجي پر جيئن تہ آئون مڪمل سياح جيان تہ انهن رياستن کي گهمي ڪونہ ٿو سگهان چو تہ ان لاءِ ڊالر ۽ ڏينهنَ جي سخت ضرورت پئي ٿي ۽ پاڻ وٽ ٻئي شيون جڃهي انداز ۾ بنه ڪونهن. سوچيئن پوئنر مڙوئي بهار رُت ۾ هِنَ هُنَ مڪڙيءَ جو واس پيو وٺندو آهي مان بہ ائين ئي آمريڪا جي ڪتين رياستن کي چڱي طرح گهمي تہ نہ پر هڪ نظر ڏسي مڙوئي اندر جي لڪل حسرتن کي پئي پورو ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فلا ڊيفيا آمريڪا جي پهرين گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ هيءَ رياست تقريباً نيويارڪ کان سوميلن جي فاصلي تي آهي مان 1991 ۾ جڏهن پهريون دفعو آمريڪا ويو هوس تہ پنهنجي سنڌيءَ سان گڏجي ائٽلانٽڪ سٽيءَ تائين ويو هوس. (Attlantic City) ائٽلانٽڪ سٽي آمريڪا جي ٻئي وڏي جواخاني واري شهر طور مشهور آهي. هتي دنيا جا وڏا وڏا Casinos ڪيسينوز نهيل آهن جتي پوري رات جوا جائز طريقي سان هلندي رهي ٿي ائين سمجهو تہ سچو ڳوٺ جو ڳوٺ جوا خاني لاءِ ٻڌل ۽ اڏيل آهي ۽ هينئر تہ مان جڏهن 1993 ۾ آمريڪا ويو هوس تہ اها بہ خبر پئي تہ هنيئر اُتي صرف رات جي بجاءِ ڏينهن جو بہ جوا کيڏڻ جو بل سينيٽ ۾ پاس ٿي چڪو آهي، سو پنهنجن انهن سنڌي سنگتين لاءِ جيڪي ائٽلانٽڪ سٽيءَ جي جوا خانن جا هيراڪ آهن انهن کي مان اها خوشخبري بہ ٻڌائيندو هلان تہ مون کي اُتي رهندڙ دوست 93 ۾ ٻڌايو تہ هنيئر پوري رات کان علاوه پورو ڏينهن بہ اُتي جوا کيڏي سگهجي ٿي.

هونئن تہ آهي ٿي شهر سچو وڏن هوٽلن ۽ جواخانن تي ٻڌل، پر مون کي تاج محل جي همشڪل تاج محل جي نالي سان نهيل -Casi no Resort گهمندي لطف آيو. همراهن ڪيسينو جي ٻاهران وارو ڏيک بلڪل تاج محل جيان جوڙيو آهي ۽ پيٽر ٽرمپ جيڪو هن ڪيسينو جو مالڪ آهي سو پاڻ آمريڪا جي جوا خانن جو بي تاج بادشاهہ ليکيو ويندو آهي سندس لاس ويگاس ۾ بہ جوا خانا آهن.

سو ائٽلانٽڪ سٽيءَ ويندي رستي تان نيوجرسيءَ وٽان بہ گذرڻو پوندو آهي ۽ مان نيو جرسي (Tourist Coach) سياحن واري گاڏيءَ تي ائٽلانٽڪ سٽيءَ ڏانهن ويندي 1991 ۾ ائين ئي سرسري گهمي هئي پر 1993 ۾ دل کولي نيوجرسي بہ گهمي ورتي هئي. عزيز دوست ۽ ٻارن سان گاڏيءَ تي (Action Park) ايڪشن پارڪ ويندي نيو جرسيءَ کي سٽيءَ طرح گهمي ورتو هوم نيو جرسيءَ ۾ قائم هيءَ پارڪ، "ايڪشن پارڪ" جي نالي سان تمام گهڻو مشهور ٿيو آهي. ايڪشن پارڪ بہ هڪ سچي ڏينهن جي تفريح جي جاءِ آهي ۽ اُن جي تفريح واري تشريح لاءِ بہ سارس جي هڪ سموري قسط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهرجي مختصر اهو تہ جيڪي دوست نيويارڪ تائين وڃي سگهن تا ۽ خاص ڪري پنهنجي ڪٽنب سان گڏ. تہ مان انهن کي هڪ دفعو ايڪشن پارڪ وڃڻ جي ضرور صلاح ڏيندس، ڪين مزو نہ اچي تہ ٽڪيٽ جا پئسا واپس ڪيا.

سو وري ائٽلانٽڪ سٽيءَ کان اڳتي وڃبو تہ فلاڊيفيا رياست اچي ٿي. مان اڳيم بہ ٻڌائي چڪو آهيان تہ فلاڊيفيا آمريڪا جي پهرين گاديءَ واري رياست رهي آهي ۽ اُن بعد اهو گاديءَ جو هنڌ واشنگٽن ڏانهن منتقل ڪيو ويو هو ۽ اڄ بہ ساڳيو ئي آهي. فلاڊيفيا جو ذڪر ڪندي جيڪڏهن (Bail of Pensalavania) پنيسلوينيا جي اُن گهنڊ جي ڳالهہ نہ ڪبي تہ مزو مون کي بہ نہ ايندو هيءُ پنسلوينيا جو گهنڊ آمريڪا جي آزاديءَ جو اهو يادگار گهنڊ آهي جنهن کي آزاديءَ جي خوشيءَ ۾ وڃائيندي وڃائيندي فلاڊيفياوارن پڇي وڌو هو ۽ اهو پڳل گهنڊ اڄ بہ فلا ڊيفيا جي ميوزم ۾ محفوظ آهي ۽ سياحن جي توجہ جو مرڪز آهي ۽ آمريڪا ۾ هي گهنڊ، آزاديءَ جي گهنڊ طور مشهور آهي. ان ڪانسواءِ فلاڊيفيا جو فرينڪلن انسٽيٽيوٽ سائنس ميوزم بہ گهمڻ وٽان آهي. خاص ڪري سائنس جي شاگردن لاءِ نهايت مفيد ۽ ڪار آمد عجائب گهر آهي هيءُ ميوزم ٽئن منزلن تي مشتمل آهي ۽ هر منزل تي هڪ عجيب سائنسي ڪرشمي وارو گهر اڏيل آهي پر خاص ڪري هن جي ٻيءُ منزل تي ٺهيل اُها اُنساني دل نهايت پرڪشش ڪرشمو آهي، جو مٽيءَ ۽ پٿر جي ٺهيل هن دل جي توهان هڪ هڪ رڳ ۽ نَسَ ۾ ويهي دل سان گڏ سفر ڪري سگهو ٿا مان ڪنهن شاعر کي هن دل جي گهمڻ جو مشورو نہ ڏيندس ورنہ سندس دل بابت قائم ٿيل مختلف رايا متجي سگهن ٿا ۽ اڳتي وري پاڻيءَ جي ذريعي بجليءَ ٺهڻ جو منظر انرجي آئس لينڊ ۾ ويهي توهان اهڙي تہ تفصيل سان ڏسي سگهندؤ جو توهان کي ننڍن ننڍن تجربن ذريعي خود ئي خبرپئجي ويندي تہ پاڻيءَ کان بجليءَ ٺهڻ تائين ڪهڙا ڪهڙا مرحلا آهن ۽ بجلي ڪيئن پاڻيءَ مان پيدا ڪئي وڃي ٿي مختصر تہ هي سائنسي ميوزم گهٽ پر قدرت جي ڪرشمن جو حسين مظهر سمجهہ ۾ ايندو سو مان ڳالهہ پئي ڪئي آمريڪا جي رياست ڪيليفورنيا ۽ ان جي يارهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

Counties ڪائونٽيز جي ۽ نڪتاسين وچي فلاڊيفيا. ها سو! لاس اينجلس کان سواءِ پيون ڪيليفورنيا جون ڪائونٽيز جيڪي نهايت خوبصورت ۽ وٽندڙ آهن تن مان ڪجهہ ڪائونٽيز* جو ذڪر هيٺ ڪندس سپ کان پهريون (1) سان ڊياگو (SAN DIAGO) سان ڊياگو ڪيليفورنيا جو پيو ۽ آمريڪا جو ستون وڏو شهر ليکيو ويندو آهي (2) اورنج ڪائونٽي (ORANGE) لاس اينجلس ۽ سان ڊياگو جي وچ واري سرسبز ۽ پرڪشش علائقي کي اورنج ڪائونٽي چيو ويندو آهي. ۽ هن ڪائونٽي ۾ دنيا جو پهريون، وڏو، سهڻو ۽ عجيب ڊزني لينڊ ٺهيل آهي. جيڪو هن وقت دنيا جو اٺون عجوبو ليکيو وڃي ٿو. مون کان دوست مالڪ ڏني ۽ ارشاد ميمڻ ڪيليفورنيا گهمائيندي منهنجي مختصر قيام هئڻ ڪري رايو ورتو هو تہ ڊزني لينڊ گهمندين يا هالي ووڊ تہ مان فلمي دنيا جي پراڻي سپني کي ساڀيان ڪرڻ لاءِ ڊزني لينڊ وڃڻ بجاءِ يونيورسل استوڊيو گهمڻ کي ترجيح ڏني هئم ۽ سنا جي ڪانفرنس ختم ٿيڻ بعد مان 6 جولاءِ تي هالي ووڊ يونيورسل استوڊيو گهمي ورتو هوم. مون پڌايو پئي تہ اورنج ڪائونٽي آمريڪا جي پندرنهين وڏي ميٽروپوليٽين آباديءَ واري رياست ليکي ويندي آهي ۽ هن ڪائونٽي ۾ چوٽيهہ شهر ۽ انهن ۾ 66 لک کن آبادي ٿيندي هن ڪائونٽيءَ جو ڪافي حصو باغن ۽ سمونڊ ڪناري تي مشتمل آهي ۽ دنيا جا اڪثر سياح سمونڊ ڪناري صبوح جو گهلندڙ هوائن جو واريءَ سان ٽڪرائجڻ واري موسيقي جي مذرتا ٻڌڻ لاءِ هزارن ميلن کان ڪهي هتي ايندا آهن.

اورنج ڪائونٽيءَ کي خوابن جي سرزمين بہ سڏيو ويندو آهي هوئن بہ آمريڪا جي ڪئليفورنيا واري رياست ان پنهنجي سونهن سوڀيا جي ڪري سون واري رياست ليکي ويندي آهي يعني گولڊن اسٽيٽ سڏبي آهي

3- ڪيليفورنيا جي ٽين ڪائونٽيءَ جو نالو سئن فرانسسڪو بي ايريا (San Francisco Bay Area) آهي

4- Inland Empire اِن لينڊ ايمپائر ڪائونٽي:-

انگورن ۽ زيتونن کان مشهور هيءَ ڪائونٽي آمريڪا ۽ خاص

ڪاؤنٽي: يورپ يا آمريڪا ۾ تعلقي يا ضلعي جيتري حد کي ڪاؤنٽي سڏيو ويندو آهي.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڪيليفورنيا جي ثقافتي ۽ تاريخي عمارتن جو مظهر آهي. هيءَ ڪائونٽي انگور، سرڪي ۽ انگور مان ٺهندڙ شراب ڪري آمريڪا ۽ سڄي دنيا جي موالين لاءِ مقدس ڪائونٽي ليکي ويندي آهي. تاحدِ نظر هتان جا جهنگ، انگور ۽ زيتون جا باغ انسان ۽ خاص ڪري موالي مڙسن جي اکين لاءِ ٺار ثابت ٿي سگهن ٿا.

هن هنڌ پهچڻ ۽ گهمڻ مهل دل گهُريو پئي ته پنهنجن پن چئن شاعر ۽ اديب يارن کي جيڪر هي ڏيهه گهمائي وڃجي ۽ ڪنهن بهاني جيڪڏهن هو هتي پهتا به ته پڪ اٿم ته هتان اهي موالي مڙس موٽندا مشڪل، چوندا ته عمر جو بقايا حصو هن اڻ مئي مَدُ واري ملڪ تي ئي گذاربو ۽ همراهه هيڏين ته سٽي جهڙا ڪوڙ ساترا شعر ٺاهي وٺندا.

جيڪي آءُ پئيان
لکي ڇڏميان
ڪاتي عمر خيام جي.
يا
شيخ اياز چواڻيءَ ته:
پيئو جيئو پڳ پڳ پيئو جڳ جڳ جيئو يار
جنهن به نه پيتو سو ته ڪئي جو ڪيتو جڻ ڏئي تو
گهٽَ گهٽَ تي مَٽَ کولي جهوميا مئي جا متوالا
هو اوپر ڪان آيو پنهنجو سڄُ پري پيالو

بهر حال هيءَ ڪائونٽي مي نوشن جي جنت سڏي ويندي آهي. هن ڪائونٽيءَ ۾ آمريڪا جو جڳ مشهور (Civic light opera) سوڪ لائيٽ اوپيرا واقع آهي جتي نامور ڊانسر ۽ ڪلاڪار ڪلا ۽ ڪرت جو مظاهرو ڪندا رهندا آهن. Aero Head ايرو هيڊ ۽ بگ بيئر (Big Beer) بگ بيئر ڍنڍون سياحن جي ڏسڻ وٽان آهن.

Great losangles_5 گريٽ لاس اينجلس ڪائونٽي:-

ڪئليفورنيا جي پنجون نمبر ڪائونٽي لاس اينجلس آهي جنهن ڪائونٽيءَ جي ميرٽ هوٽل ۾ هيءَ سنا جي ميٽنگ رکي ويئي هئي ۽ جنهن لاءِ اڄ سنڌي آمريڪا جي مختلف رياستن ۽ دنيا جي ٻين ملڪن

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪهي آيا هئا. جيئن هتي پهچڻ تي خبر پئي ته لنڊن مان ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي نمائندگيءَ لاءِ ڊاڪٽر هاليپوٽو صاحب ۽ ڊاڪٽر افضل شيخ ۽ سنڌ مان محترم رسول بخش پليجو صاحب به پهچل آهن.

چار هزار ٽياسي چورس ميلن تي پکڙيل هن ڪائونٽيءَ کي اولمپڪ شهر هئڻ جو به اعزاز حاصل آهي. نو ملين آباديءَ وارو هي علائقو ثقافتي، سماجي ۽ راندين جي ڪري نه صرف آمريڪا پر سڄي دنيا ۾ مشهور آهي، دنيا جا وڏا ۽ نمايان ٿيئٽر ۽ (Opera Houses) ناچ گهر به هن علائقي ۾ آهن. LA (لاس اينجلس) ٿيئٽر سينٽر، جتي چار وڏا اسٽيج ڊرامن جا هال ٺهيل آهن ۽ هنن هالن ۾ سارو سال دنيا جا مشهور ڊراما ٿيندا رهن ٿا. OLUERA STREET ڪئليفورنيا جي پراڻي گهٽي ليکي ويندي آهي ۽ هن گهٽيءَ کان ٿورو پرڀرو ڪئليفورنيا جو چائنا ٽائون واقع آهي، چائنا ٽائون جي رونق نئين سال تي ڏسڻ وٽان هوندي آهي هر طرف چيني پنهنجي مخصوص آرڪسٽرا سان گهٽين ۽ چوڪن تي نئين سال جو جشن ملهائيندي نهايت دلڪش ۽ عجيب پڻ لڳندا آهن مون کي ته هونئن به چينين جا سنهڙا آواز ۽ سفيد لباس نهايت وٽندڙ ۽ من ليائيندڙ لڳندا آهن. سو نئين سال تي اهي چيني پريون اڇو لباس پهريون ڳائيندي وڄائيندي ڄڻ خوابن جون شهزاديون لڳنديون آهن.

چينين، جاپانين، آمريڪين، اسپينش ۽ ٻين گاڏڙ قومن واري هن شهر جي بيهڪ ۽ خوبصورتي پنهنجي آهي. ڪيليفورنيا دنيا ۾ تمام گهڻن زلزلن جي ڪري به مشهور آهي. هت مهينن نه پر هڪ ڏينهن ۾ به ڪئي ڀيرا ڌرتي ڏڏندي رهي ٿي تنهن ڪري ماڻهن گهڻا منزلا عمارتن ٺاهڻ جا خواب ڏسڻ ئي ڇڏي ڏنا آهن، تازو هتي ڪارن ۽ گورن جا به زبردست نسلي فساد ٿيا هئا جيڪي سي اين اين تي اسان پاڪستان ۾ به ڏسي سگهيا هئاسين ۽ ڪالهه مون کي دوست ارشاد ميمڻ ان علائقن جو مختصر چڪر به هڻايو هيو ۽ فسادن کان متاثر تيل دوڪان سپر اسٽور ۽ رهائشي جايون اجان تائين سڙيل ۽ متاثر نظر پئي آيون. دنيا جي مهذب قوم سڏائيندڙن جا پاڻ ۾ ههڙا حال ڏسي ڏاڍي تڪليف پئي محسوس ڪيم.

بهرحال ميرٽ هوٽل جي ڪمرن، لائونج ۽ پارڪنگ ايريا ۾ پنهنجن همراهن جو ميڙ متل هو ۽ سائين قلباڻي صاحب کان اها به پڪي خبر پئي ته محترم پليجو صاحب به پهچي ويو آهي ۽ اچوڪي ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪندو.

ڪانفرنس هال جي ٻاهران به ٽي ننڍا اسٽال جن تي ڪافي دوستن بيٺي سنڌي رسالا ۽ سناجي موقعي تي تاهيل خاص (Bedges)جي خريداري ڪري رهيا هئا. مان پنهنجي داخلا ڪرائڻ بعد انهن ٻن دوڪانن تي ويس جتي مون کي سنا جي نگرانيءَ هيٺ آمريڪا مان نڪرندڙ هيٺيان ڪتاب ۽ رسالا نظر آيا.

آمريڪا مان نڪرندڙ سنڌي ۽ انگريزيءَ مختلف رسالا ۽ ميگزين ۽ اُنهن جي ايڊيٽرن جو مختصر تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

Name	Publisher	Editorial Board
1- SANGAT	S.A.N.A	1- khalid Hashmi
		2- Irshad Kazi
		3- Manzoor Shah
		4- Mithal waqasi
		5- Mehmood Qalbani

هن هر ٽئين مهيني واري نڪرندڙ ميگزين جو اصل محنتي محرڪ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ واري عرصي کان ادبي لڏي سان لاڳاپيل نوجوان قاضي ارشاد آهي جيڪو قاضي اشفاق جو پيءُ آهي.

۽ ٻئي نمبر تي منظور شاهه هن سنگت جي ڇپائڻ ۾ نهايت سرگرم پئي رهيو آهي ۽ دوست هتي پنهنجو ڪاروبار به ڪندو آهي ۽ سنا ۾ نهايت سرگرم آهي ۽ "سنگت" جو اڌ کان مٿي حصو انگريزيءَ ۾ ڇپيل آهي ته ڪجهه حصو سنڌيءَ ۾ ڪل صفحا ملائي ڪري 80 کن بيهندا آهن "سنگت" جي رابطي لاءِ ائڊريس آهي.

پوسٽ باڪس 1236 سينٽ پيٽرس مزوري 63376

فون نمبر 314-447-9512 فيڪس لاءِ 314-946-3861

سنگت جي ساليانو خاص ايڊيشن به نظر آيم جيڪا 12 صفحن تي مشتمل هئي ۽ ان جو ايڊيٽر دوست شبير شيخ هيو ۽ ان ۾ ڪافي

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تازيون تازيون خبرون هيون جيئن اُن مان ئي خبر پئي تہ ويجهڙ ۾ اڄ کلهہ پاڪستان مان ڪهڙا ڪهڙا دوست هتي مختلف هنڌن تي تعليم، علاج وغيره لاءِ پهتل آهن جن مان ڪجهہ دوست جي سڃاڻپ ۽ ٻُڌل سڃاڻ هئا ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو جيڪو ڊاڪٽر منور هاليپوٽو جو ڀاءُ هيو ۽ ٽريننگ لاءِ پهتل آهي.

٢- مسٽر آفتاب شيخ جيڪو منهنجي ضلعي جو بہ آهي ۽ ڪراچيءَ جي شانتي نگر وسنديءَ کي آباد ڪرائڻ ۾ نمايان نمايان ۽ ڪافي مشهور شخصيت رهيو آهي ڪافي دلچسپ شخصيت جو مالڪ ۽ سوشل دوست آهي.

٣- صاحب خان چانڊيو جو پڻ لاڙڪاڻي ضلعي جو دوست آهي.

٤- محترم اشفاق قاضي جيڪو Chemothroply لاءِ تازو هتي پهتو هو.

ان بعد سنڌ جي گرم نرم حالتن تي ۽ سنا جي صدر محترم اي. ڊبليو ٻٽيءَ جي امريڪن ڪانگريس ۾ سنڌ ۾ انساني بنيادي حقن جي لتاڙ تي وٺ پڪڙ ۾ وغيره ڪافي سنا "مضمون" سنگت جي هن شماري ۾ شامل هئا.

2- SINDH MONITOR (Magazine)

سنڌ مانيٽر:- هيءَ ٻاويهہ صفحن تي مشتمل ماهوار ميگزين مڪمل انگريزيءَ ۾ اقبال ترين جي نگرانيءَ هيٺ ارلنگٽن (Arlington Texas) مان ڇپبي آهي هن جي نگران بورڊ ۾ هيٺيان دوست سرگرم نظر آيا-

چيئرمن محترم خالد هاشمي ۽ ميمبر

محترم اسرار انصاري ٢- ڊاڪٽر نرنجن دوداڻي ٣- ڊاڪٽر آفتاب قاضي ٤- ڊاڪٽر جاويد آر لغاري 5- ڊاڪٽر اعجاز ترڪ ۽ 6- مسٽر شنڪر لکواڻي، هئا.

هن جي ٻوويهہ صفحن کي پڙهڻ لاءِ پنج ڊالر پرڻا هئا پر هتي دوستن مون کي ڪاپي بغير ڊالرن جي منهنجي حوالي ڪئي. هنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ايڊيٽوريل ۾
Peace, Liberty and Justice for Sindh.
جو عنوان پڙهڻ وٽان هئو جنهن کي مان رات جو ڪنوينشن کان واپس تي ڪمري ۾ پڙهي ڇڏيو هوم ۽ اقبال جي موقف مون کي بيحد متاثر ڪيو هو اقبال هوندئن بہ سنڌ جي ثقافتي ۽ شاگرد رهنما جي حيثيت ۾ ڪافي متاثر ڪندڙ رهيو آهي پر سندس لکڻين ۾ بہ ڪافي تاثير نظر آيو.

هِن ميگزين ۾ يوسف جکراڻي جي حادثي ۽ ٻين اهم مسئلن تي بہ ڪافي ڪجھ لکيل هو.

پڙهندڙ دوست جيڪڏهن The Sindh Monitor سان رابطو رکڻ چاهن تہ هيٺين ايڊريس تي خط و ڪتابت ڪري سگهن ٿا.

The Sindh Monitor
PoB 5992 Arlingten Texas
46005 - 5992 U.S.A

3- SANA MEMBER SHIP DIRECTORY

سنا ميمبر شپ ڊائريڪٽري هيءَ ننڍڙي، خوبصورت ۽ هٿ ۾ سهٽي لڳندڙ ڊائريڪٽري تقريباً 78 صفحن تي مشتمل هئي. هن ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ سڀ دوست تہ نہ پر پوءِ بہ گهٽي حد تائين سنڌين جون ائڊريسون ۽ سنڌن موجوده ڏنڌو وغيره ڇپيل هيو. هن معلوماتي ڊائريڪٽريءَ جو هتي آمريڪا ۾ رهندڙ سيني سنڌين جي گهر ۾ رابطي ڪاڻ هئڻ تمام ضروري آهي هن ۾ سنا جي عهديدارن کان وٺي عام سنا جي ڪارڪن تائين سيني دوستن جي رهائش ۽ نوڪريءَ وغيره جو تفصيل سان ذڪر ٿيل آهي.

هن ڊائريڪٽري جي ڇپائيءَ ۽ نگرانيءَ جو گهٽي قدر ڪم محترم عبدالرزاق ميمڻ جي هٿ وس هو سندس رابطي ڪاڻ پتو ۽ فون نمبر هن ريت آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

34 Punbar Drive Pihsburgh
P A 15235 Phone 412 (823 -8201).

اندر هال ۾ گهڙڻ سان مون هال جي ويٺلن تي سرسري نظر وڌي، تقريباً اڌ هال پرجي چڪو هو دروازي لڳ در جي سڄي پاسي هڪ عاليشان اسٽيج ٺهيل هئي جنهن کي اڳيان اجرڪ هٽي ڏڪيو ويو هو ۽ مائيڪ تي اعجاز ترڪ صاحب ڪي گذارشون ڪري رهيو هيو. ماڻهو اجان هال ۾ ايندا پئي ويا مان به هڪ پاسي ۾ ويهي رهيس پوءِ ڏٺم ته منهنجي پرسان محترم رضا محمد پتو جيڪو لاڙڪاڻي جو مشهور معروف سياستدان آهي پنهنجي اهل و عيال سميت ويٺل نظر آيو پوءِ خبر پئي ته هتي لاس اينجلس ۾ سندس نياڻي ڊاڪٽر آهي ۽ هو صاحب هر سال ان وٽ گهمڻ ڦرڻ ايندو آهي سندس نياڻي هتي جي نهايت قابل ڊاڪٽر ليکي وڃي ٿي ۽ سندس ڀاءُ جيڪو پڻ ڪراچيءَ ۾ مونسان گڏ پي آءِ اي ۾ مون کان متانهين گروپ ۾ ڪم ڪندو آهي. ٻيا به ڪيترا سڃاتل ۽ اڻسڃاتل چهرا نظر پئي آيا. محترم نثار صديقي جيڪو ميزبان ڪاميٽيءَ جو چيئرمئن هيو سو به ڪافي متحرڪ نظر پئي آيو.

سنا جي پهرين ڏينهن جي ڪارروائي هلائڻ لاءِ سڀ کان پهريون اعجاز ترڪ. شاهه جا بيت تحت لفظ پڙهڻ شروع ڪيا پر ان کان اڳ متي اسٽيج تي ويهڻ لاءِ محترم پليجي صاحب سنا جي صدر ڊاڪٽر اي ڊبليو پتي، اسحاق تنئي ۽ مونکي سڏيو ويو. شاهه جي شعرن کان پوءِ مونکي پنهنجي شاعري پڙهڻ لاءِ چيو ويو ان بعد ڊاڪٽر پتي صاحب کي آجياڻي تقرير لاءِ گهرايو ويو جنهن سنا جي مول متن ۽ ماضي جي ڪارڪردگي تي روشني وڌي ان بعد محترم شوڪت انصاري، عبدالرزاق ميمڻ ۽ اقبال ترين به سنا. سنڌين ۽ سنڌ متعلق ڳالهه ڪئي. ان دوران ڪجهه صلاح مشورن سان ڊاڪٽر اختر پتي به اسٽيج تي آيو ۽ هن صلاح ڏني ته سنا کي ٽن حلقن ۾ ورهائڻ گهرجي ته جيئن انتظامي معاملن کي سنڀالڻ ۾ سولائي ٿئي هن اها به صلاح ڏني ته ڪئناڊا الڳ حلقي (Zone) ۾ ورهائجي ۽ آتان جي ڏار باڊي چونڊي وڃي، بهرحال ڪافي دوست. ڪافي مشورن سان ايندا ۽ ڳالهائيندا رهيا.

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو سامهون ہڏندڙن مان عورتن واري پاسي کان هڪ نوجوان عورت اٿي بيهي سيني ويٺلن.کي اهو ڳالهائيندي ششدر ڪري ڇڏيو ته اڄوڪي ڪارروائي جي شروعات ڪلام پاڪ جي تلاوت سان ڇو نه شروع ڪئي ويئي. هن اهو سوال ڪري هيڪر ته ويٺل سيني کي هڪو ٻڪو ڪري وڌو پر پوءِ پاڻ سنيالي ڊاڪٽر قلباڻي وراڻيو ته جيئن ته اسان گڏجاڻي جي شروعات شاهه جي بيتن سان ڪئي آهي ۽ ان بيتن جو به ساڳيو مفهوم آهي جيئن قرآن شريف جي آيتن جي معنيٰ آهي ڊاڪٽر قلباڻي شاهه سائين جي هيٺين سٽ پڙهي ٻڌائي ته

تو جو بيت ڀانئياسي آيتون آهن

نيو من لائين پرين سندي پارڊي

"شاه"

پر محترم مسلسل سڀ ڳالهيون انڪاريندي پنهنجي ڳالهه تي ڳنڍ ٻڌي بيهي رهي ته توهان غلط ڪم ڪيو آهي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿيڻ کپندي هئي.. مان ان عورت کي ڏٺو ڏسڻ ۾ ئي صوم وصلواة جي پابند پئي لڳي ۽ شايد تعلق به سندس ڪنهن مذهبي گهراڻي سان پئي ڀانيو بهرحال ڪافي دير اهو بحث مباحثو هلندو رهيو اسٽيج تي ويٺلن جن ۾ محترم پليجو صاحب به شامل هو. واري واري سان هن عورت کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي پر هوءَ ان ڳالهه جي وضاحت لاءِ مسلسل ضد ٻڌيون بيهي رهي سنا جي هلندڙ ڪارروائي جو رُخ تبديل ٿي چڪو هيو سڀ ويٺل اُن محترمه کي واري واري جواب ڏئي مطمئن ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا رهيا نيٺ قصو ڪٿو ائين جو محترم ترڪ صاحب معافي وٺي جان ڇڏائي ۽ پوءِ سنا جي باقي ڪارروائي اڳتي هلندي رهي.

ڊاڪٽر وقاصي هڪ ريزوليوشن Resolution پيش ڪيو تہ

Regional secretaries will be responsible for the social activities of sana

ريجنل سيڪريٽري سناجي سماجي تقريبن ۾ مشغولي لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جوابدار هوندا ۽ اهو رزوليوشن اڪثريت راءِ سان پاس ڪيو ويو ان بعد ڊاڪٽر رفعت انصاري آئي سنا جي منشور جي آرٽيڪل ١١ جي وضاحت پيش ڪئي جيڪو آرٽيڪل Formation of executive council متعلق هيو ۽ ائين سنا جي ڪارروائي لنچ تائين هلندي رهي ماني جي وقفي دوران سڀ وينل هال کان ٻاهر نڪري آيا ۽ لنچ لاءِ هيڏي هوڏي واجهائڻ لڳا. مون کي ڊاڪٽر A.W پٽيءَ چيو ته توهان ۽ اسان گڏ لنچ ڪنداسين سو مان ڊاڪٽر پٽي، لنڊن کان پهتل وفد جنهن ۾ محترم ڊاڪٽر افضل شيخ به هئو ۽ مالڪ وغيره سڀ هوٽل کان ٻاهر نڪري روڊ پار ڪري هوٽل جي ساڄي پاسي پرٿورو پر پرو ميڪڊونل شاپ تي (Mac Donal) برگر ۽ بوتل پي لنچ ڪئي سين، لنچ تي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون به ٿينديون رهيون.

برگرڪنگ، ميڪڊونل ۽ ست، يارنهن شاپ (Mac Donal and 7-11) ان ٿنهي نالن جي وضاحت مختصر مثال ڏيئي مان توهان کي ائين سمجهائي سگهان ٿو ته جيئن ڪراچي ۾ سني سويٽ هائوس يا بلوچ آئسڪريم جون برانچون يا شاخون ڪراچيءَ جي مختلف هنڌن تي آهي تيئن آمريڪا ۾ هنن ٽنهي نالن سان ننڍا ننڍا دوڪان به آمريڪا ۾ ڦهليل آهن جتي اوهان کي Fast Food, pizza وغيره واريون شيون ملي سگهن ٿيون جن سان اوهان پنهنجو هلندي ڦرندي پيٽ پري سگهون ٿا برگر ۾ اوهان سائيءَ ڀاڄيءَ جو Vegetable Burger چڪن برگر Chicken Burger وغيره به ملندو جن سان اسان يعني مسلمان وغيره پنهنجي گذران ڪري سگهون ٿا. ميڪڊونل جون ته سڄي دنيا ۾ شاخون آهن. اوهان يورپ يا جاپان وغيره ڪنهن به هنڌ ويندو ته اوهان لاءِ ميڪڊونل شاپ اوهان جي آجيان لاءِ اوهان کي ملندا ۽ هيءَ تقريباً ٢۴ ڪلاڪ ئي کليل رهن ٿا ۽ هميشه توهان جي لاءِ فاسٽ فوڊ Fast Food يا Cheese وغيره سان توهان جي آمد جا منتظر رهندا آهن. هنن دوڪانن تي روڪ رقم کان سوا توهان ڪريڊٽ ڪارڊ تي به ماني کائي سگهون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آمريڪا جا ڪريڊٽ ڪارڊ:-
Credit Cards of Americas:-

هيءَ اهي ڪارڊ آهن جن جي وسيلي اوهان ڪيسي ۾ روڪ رقم رکڻ ڪانسواءِ به خريداري ڪري سگهو ٿا ۽ جيڪڏهن توهان جي ڏيتي ليتي جي پراڻي ساک صحيح آهي ته توهان هنن ڪارڊن تي ان ڪمپني جي مقرر ٿيل حد مطابق خريداري ڪري سگهو ٿا. پر اهو سڀ توهان جي ساک پٽ تي آهي.

آمريڪا ۾ پاڻ سان گڏ پئسا رکڻ تمام وڏي جوابداري آهي جنهن جو نتيجو اوهان جي پنهنجي سر جو نذرانو به ٿي سگهي ٿو. آمريڪا ۾ هٿ ۾ ڪا قيمتي شي رکڻ جنهن ۾ پرس ڪئمرا وغيره ڪجهه به ۽ ڪيسي ۾ گهڻا پئسا رکي گهمڻ سر جي سٽيءَ برابر آهي مان پهرين سال نيويارڪ جي منهٽن (MANHATTAN) ۾ گهمندي جڏهن ۴۲ گهٽيءَ تي آيس ته منهنجي هٿ ۾ هڪ ڪئمرا به هئي جنهن سان فوٽو پئي ڪڍيم هلندي اوچتو هڪ آمريڪي جوڙي زال مڙسن مون کي پانهن کان جهلي اهو سمجهايو ته اها ڪئميرا ڪنهن لفافي يا شاپنگ بئگ ۾ وجهي گهم نه ته ڪئمرا جي عيوض پاڻ به تيل ٿي سگهين ٿو ۽ مان پوءِ اها ڪئميرا هڪ لفافي ۾ بند ڪري پاڻ سان گهمائيندو رهيس سو انهن سينڻ جوابدارين کان بچڻ لاءِ ڏيهي ماڻهو پاڻ سان اهي ڪارڊ کنيون گهمندا وتندا آهن پر اتي هڪ ٻي به چوٽي آهي ته ڪارڊن سان گڏ ڪجهه ڪيسي ۾ ڊالر رکڻ به ضروري آهن ورنه اهو چئي به چاقو وهائي ڪيندا آهن ته ڪيسي ۾ ڊالر نه ٿئي ته توکي آمريڪا ۾ به رهڻ جو حق ناهي. سو ڪڏهن ڪڏهن ته پئي پاسا ڏاڍا ڏکيا ٿي پوندا آهن جو پئسا هجن به آزار نه هجن به ناحق. بهرحال ڪريڊٽ ڪارڊن جو فائدو وڏو آهي توهان ڪيسي ۾ ڪارڊ کنيون، ۽ وتو لکن هزارن جي خريداري ڪندا پر انهن ڪارڊن جو نشو به ڪنهن اچي وسڪيءَ (Chivas Regal) جهڙو ٿئي ٿو ماڻهو کي ڪارڊ ڪيسي ۾ آهي ته ويندو خريداري ڪندو خبر تڏهن پوندس جڏهن مهيني ۾ پوسٽ ذريعي ڪارڊ ڪمپنيءَ وارن جو ڪاٽو وياج سميت اچي وٽس سهڙندو ۽ همراه اهو مور ۽ وياج لاهڻ ۾ ئي پورو ٿي ويندو اهو ڪارڊ سسٽم گهڻو ڪري آمريڪي يهودين جو هڪ پرڪشش وياج ڀريل ڪاروبار آهي. ڪارڊ جو نشو به ائين آهي جيئن ميچي ڪنڊيءَ ۾ رڪيل،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساپاڪي ڪي خوراڪ سمجهي ڳڻ چاهي ۽ پوءِ آها ڪنيدي سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پوي سو همراه خريداري جي نشي ۾ ويندو وياج جي ڏيڻ ۾ ڦاسندو پر ٻڌڻ ۾ ائين آيو آهي ته ان ڪارڊن جو حل به اسان ايشيا وارن وٽ آهي همراه جڏهن وطن ورڻ وارا هوندا آهن ته اُن مختلف ڪارڊن تي ڇڪي خريداري ڪندا آهن ۽ اُهي شيون ڪٽي اچي ڳوٺ ڪان نڪرندا آهن ۽ پوءِ جڏهن واپس ورندا آهن ته اُن رياست جو منهن به نه ڪندا جتان جا قرضي هوندا يعني وري نئين سنئين ٻئي رياست ۾ پهچي، شروعات ۾ ساک سڌي ڪري پوءِ وري ساڳيو ڪم، يعني خريداري ڪري سکهو وري وطن جا وڻ وسائيندا ۽ ائين آمريڪا جي پاونجاهه رياستن ۾ پيا گهمندا ڦرندا آهن ۽ پنهنجو گذر سفر پيا ڪندا رهندا آهن. اهو مثال سين جي لاءِ ته نه تو ڏئي سگهجي ڪيترائي ويچارا پنهنجي محنت مزدوري ڪري پرڏيهه ۾ ڏيهه جو يادون سنياري ايمانداري سان گذر سفر ڪندا رهن ٿا اندر ۾ جيءَ جهوراٽيون ڪنيون روڊن تي (C A B) ٽيڪسيون هلائيندي اسٽورن، دوڪانن تي محنتون ڪندي پيا نظر ايندا. اندر ئي اندر ۾ وائيءَ جو هي سٽون پيا دهرائيندا نظر ايندا.

ڏور هـــتـــان ڪـــان ڏور
اوڏيهي ڏور هتان ڪان ڏور
چانڊوڪيءَ تي ليـڪيل لمحا
پـوري سگـهـيـن ته پور
اوڏيهي ڏيهه اسان جو ڏور،
”تبسم“

مان پنهنجي عزيز ترين دوست ۽ مائٽ اعظم ڏي جيڪو پهريون نيويارڪ جي Flushing فلشنگ ۾ ڪنهن اسٽور تي ڪم ڪندو هو، ويندو هوس ته اُتي جيڪي به ٽيڪسيون هلائيندڙ ملندا هئا سي سو مان نوي سيڪڙو هندستان جا سک ۽ پاڪستاني پنجاب جا رهاڪو ملندا هئا ۽ انهن مان اڪثر ڪارن جي هٿان قتل به ٿيندا رهندا آهن مثال ڪنهن ڪاري انهن کي نيويارڪ جي خطرناڪ ترين علائقن لاءِ بُڪ ڪيو جيئن Brooklyn ۽ Bronx برانڪس ۽ بروڪ لين ۾ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪاري آبادي جو ڳڙهہ ۽ مجرم پيشہ ماڻهن جي پناهہ وارا علائقا سمجهيا وڃن ٿا. پوري آمريڪا ۾ ۲۰ سيڪڙو آدمشماري انهن ڪاريءَ ڪل وارن جي آهي ۽ جيڪي پڻ آمريڪا جا اصل وارث سمجهيا ويندا آهن پر پوءِ نوڪرين ۾ حصو نہ هئڻ برابر ۽ روزگار تي ٻاهرين لوڏ جي قابض هئڻ ڪري هو هڪ تہ احساس محروميءَ جي احساس ۾يو دنيا جا سڀ نشا واپرائڻ ۽ ڪپائڻ ڪري بہ هينئر تمام پوئتي پيل مخلوق ليکي وڃي ٿي. سو ڪنهن پلاننگ تحت

ايشيائي ٽيڪسيءَ وارن کي انهن علائقن ڏانهن ڀاڙي تي وٺي اُتي ڦريندا ۽ قتل ڪندا رهندا آهن ۽ ائين ايشيائي يا پرڏيهي پيٽ جي ڪري اڪثر ٻليدان تي بہ چڙهي وڃن ٿا. هنن ڪاريءَ ڪل وارن عورتن يا مردن جون پوشاڪون عجيب ڪان عجيب تر هونديون آهن وري سون تي سهاڳ سندن وار ٽين ٽا ننڍين ٻارن ڪان وٺي وڏي عورتن جا وار گهنڊيدار ٻانهن جي ڳتائي يا چڳون چڳون تيل ڳتون جن ۾ تيل جا ٻڪ پيل چپن تي مختلف رنگن جي لپ اسٽڪ (سرخي) سجايل وارن ۾ ننڍڙا ننڍڙا مختلف رنگن جا بَڪَل پيل انهن بڪلن تي پنهنجي دوست ايوب گاد جو شعر جيڪو صحيح طرح تہ ياد ناهي پر شايد ائين آهي.

تنهنجي وارن ۾ ڪيڏو نهي ٿو بڪل
چڻ تہ ڪينجهر ۾ ڪو تري ٿو ڪنول

سو جيتري سڪي گهر جون اوتريون اهي ڪاري ڪل واريون عورتون پنهنجي وارن جون مختلف ۽ مهانگيون ڊيزائنيون ٺهائيندون رهنديون آهن ۽ وري پوءِ اها بہ خبر پئي تہ انهن وارن کي هڪ جاءِ جمائي رکڻ لاءِ هڪ ڪوئر جهڙي ڪريم بہ عام ملي ٿي جيڪا وارن کي هوا کان هيڏانهن هوڏانهن ٿيڻ کان ڪين بچائيندي رهي ٿي. ان ڪري:-
محبوب جا زُلف ڏُٽا ڪڏهن هن پاسي ڪڏهن هن پاسي.

وارو تصور اُتي آهي ئي ڪو نہ محبوب ٽيڪسيءَ ڪار يا تيز رفتار ريل ۾ ڪڙڪيءَ پاسي ويٺل هوندو تہ بہ سندس ڪاڪُل هڪ جاءِ ڳتيل ۽ جميل نظر ايندا. اسان جو شاعر دوست تاجل بيوس تازو آمريڪا ويو آهي موٽ تي ڪانئس ضرور ٻڌبو تہ اُهو انهن ڳتيل وارن لاءِ کهڙيون سٽون ٿو سٽائي. بهرحال محبوب جي زلفن اُڏڻ ۽ هوا تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وڪرڻ جو ۽ ان تي شاعريءَ ڪرڻ جو تہ لطف ئي اور آهي.

سو ڳالهہ پئي هلي سنا جي هلندڙ پهرين ڏينهن واري ڪارروائيءَ جي منجهند جي مانيءَ واري وقفي جي. مان، ڊاڪٽر پٽي، هاليپوٽو افضل شيخ ۽ ٻيا ٽڪر ٽڪر ۾ ميڪڊونل تان برگر ۽ بوتل پي ٽڪرا ڪانفرنس هال ڏي موٽياسين پر ڪانفرنس هال جي ٻاهران ڏٺم تہ اڄان دوست هيڏانهن هوڏانهن پيا گهمن ڦرن سو مان بہ مالڪ ڏني سان گهمندو وڃي هوٽل ميرٽ جي Basement تري ۾ ٺهيل ريسٽورنٽ ۾ نڪتس، ڏٺم تہ اتي بہ اسان وارا همراه پئي نظر آيا. مونسان گڏ مالڪ ڏني هڪ ٽيبل ۽ ان جي چوڌاري چئن پنجن ويٺل پنهنجن همراهن ڪي ڪيڪار ڪئي همراه اتي اچي مالڪ ڏني ۽ مون سان مليا ۽ پوءِ پاڻ سان گڏ ويهڻ لاءِ چيائون اسين ساڻن گڏ ويهي رهياسين. دوستن مانجهاندو پئي ڪيو اسان ڪان بہ پڇيائون تہ اسان انهن کي ميڪڊونل تي لنچ جو ٻڌايو جڏهن دوست مانجهاندي ڪان فارغ ٿيا تہ پوءِ گڏجي ٽڏو پيتوسين ويٺل دوستن مان هڪڙي جي مهانڊي تي مان ٿورو شڪجڻ لڳو هوس سو جڏهن ماني ڪائي فارغ ٿيا تہ مان ڪانئس پڇيو تہ توهان انور جتوئيءَ جا ڇا ٿيو؟. دوست جي چپن تي هلڪي مرڪ آئي ۽ وراڻي ۾ مون کي چيائين توهان عبدالغفار پٽيءَ جا ڇا ٿيو؟ بهرحال اهو تجسس ختم ائين ٿيو جو دوست مونکي آڪير مان ڀڪرانڙي پائيندي چيو تہ غفار ڇا ٿيو اٿئي پنهنجي دوست انور جتوئي کي بہ نٿو سڃاڻي سگهين؟ مان پاڻ انور آهيان ۽ پوءِ تہ بس ڀاڪرين پئجي وياسين.

مان ۽ انور يونيورسٽي جي دور جا دوست رهيا هئاسون. يونيورسٽي مان جڏهن ١٩٧٤ ۾ ايم اي بين الاقوامي تعلقات Inter-national relations ۾ پئي ڪئي تہ انور ۽ مان ڪلاس ميٽ هئاسين. ميڊم مهتاب اڪبر راشدي محترم لياقت جتوئي سائين مهتاب شاهہ. سائين اسدالله شيخ جيڪو هينئر شايد سنڌ جو هوم سيڪريٽري بہ آهي اسان جا ڪلاس ٽيچر هئا ۽ هم ڪلاسين ۾ انور جتوئي ڪانسواءِ. رحيم بخش جمالي اڳيون صوبائي اسيمبلي ميمبر. تسنيم ڪرل، مرحوم سڪندر ڏهراج. عبدالله ٿلپوٽو جيڪو هينئر خيرپور شاهہ لطيف يونيورسٽي ۾ I R ڊپارٽمينٽ جو چيئرمين پڻ آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

قربان شينو جو خيرپور بار ۾ وڪيل آهي محترمہ انيس شيخ جا هينئر مسز رحمان ٽي پي آء اي ۾ نوڪري ڪري رهي آهي وغيره سڀ گڏ ايم اي ڪندا هئاسون. تہ انور سان ملي ڪجهہ وقت ماضي ياد ڪندي سنڌ يونيورسٽي جي يادگيرن جو ورجاء ڪندا رهياسين ۽ ان وچ ۾ مالڪ ڏني ٻين ويٺلن دوستن جو تعارف ڪرايو تہ هڪ مسٽر بابر وڪيو جيڪو دوست، سائين جمال ابڙي جو نياٽو ۽ اسان جي موجوده عورتن ليکڪائن ۾ انفراديت واري ليکڪا سلطانہ وقاصي جو پاٽ ۽ ٻيو دوست ارشاد ميمڻ جيڪو پڻ سنڌ روينيو ڪاتي جي محترم حاجي هارون ميمڻ جو نوجوان پاٽ هيو. بهرحال ميل ملاقات بعد هال ڏي هلڻ جي بہ ڪيئسون جو هتي ڳالهين ڳالهين ۾ ويهندي ڪوڙساتري دير ٿي چڪي هئي. انور ان دوران صبحاڻي شام جي ماني جي دعوت ڏني جا سندس گهر وجي کائڻي هئي. ڳالهيون ڪندا هوٽل جي ٽري ۾ ٿهيل هن ريسٽورنٽ کان نڪري هال ۾ وري اچي پهتاسين. مانجهاندي کانپوء جو رٿيل (Session) پروگرام شروع ٿي چڪو هو دوست واري سان ڳالهائي اندر جي اور ڪري رهيا هئا هينئر مالڪ ڏني ۽ پاڻ ڪانسواء بہ چار دوست ٻيا بہ پاڻ ۾ ملي هڪ ٽولو ٺهي پياهئاسون جن ۾ انور، ارشاد، بابر، آفتاب شيخ ۽ (مس ڊيبي) شامل هئاسون انهن جو تعارف مان پهرين ٻن قسطن ۾ انهن جي فوٽن سميت اوهان سان ڪرائي چڪو آهيان.

<u>سنا جي ڪارڪردگي جي ساليانى رپورٽ:-</u> ڊاڪٽر محمود قلباڻي، مسٽر رزاق ميمڻ ۽ ڊاڪٽر شوڪت انصاري الڳ الڳ سماجي، ثقافتي ۽ فنانس جون رپورٽون پيش ڪيون ان وچ ۾ هال ۾ آيلن دوستن مٿين همراهن کان سوال جواب بہ پڇي ڪيا ۽ ان بعد شام جو پنجين بجي ڌاران وري چانهہ جي وقفي لاء گڏجاڻي مهمل ڪئي وئي اسان جملي ٽولي وارن چانهن ساڳي ئي هوٽل جي ٽري ۾ ٺهيل ريسٽورنٽ ۾ وڃي پيتيسين ۽ هال ڏي موٽي آياسين تہ هاڻ هال ۾ ٿورا ماٺهو ويٺل نظر آيا بهرحال اسان بہ ڪجهہ دير ويهي اٿان اٿياسين تہ هاڻي وري رات جي ماني ۽ بعد ۾ راڳ جي رهاڻ تي دوستن سان ملاقات ٿيندي راڳ جي نالي تي تہ منهنجي دل شام کان ئي گد گد ٿيڻ شروع ڪيو هو. سُر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سواد جي لاءِ مون کي منهنجا دوست هتي پاڪستان ۾ ئي ڪيترو ٽوڪيندا رهندا آهن انهن ۾ منهنجو عزيز دوست ڀيلي ڪاتي وارو امداد علي کهڙو هميشه پيو ٽوڪيندو رهندو آهي ته توکي پل ڏهه ڏينهن ماني يا چانهن نه ملي ته پريشان ايترو نه ٿيندين جيترو ڳاٽڻ دوستن جي ٻن ڇٽن ڏينهن جي نه ملڻ تي حيران پريشان ٿي پوندو آهين. سو اڇوڪي هن رٿيل پروگرام ۾ رات جي ماني بعد راڳ جو ٻڌي هاٿي ڪان ئي جهومندو، لڏمندو اچي ڪمري پيڙوٽيس ته ڪجهه ٽڪ پيچي پوءِ شام جو ماني تي ڪمري مان نڪربو. ان وچ ۾ مالڪ ڏني مونکي چٽي ڇڏيو هو ته مان ڪمري تي دير سان ايندس جو ڪيس ڪن دوستن وٽ ويٺو هو سو اڪيلو اچي ڪمري ۾ آهلجي پيس ۽ شايد ڪجهه دير ۾ سوچيندي سوچيندي اک به لڳي ويئي.

اک وري ڪنهن در جي کڙڪي تي کلي آٿي دروازو کوليم ته مالڪ ڏنو ۽ بابر وغيره ڪمري اندر گهڙي آيا ۽ مون کي ننڊاکرو ڏسي رڙ ڪندي چيائون يار اجان ستو پيو آهين هيٺ ڊنر هال مهمانن سان پرجي چڪو آهي مان تڙ تڪڙ ۾ هٿ منهن ڌوئي دوستن سان گڏ هيٺ هال ۾ لهي آيس واقعي ڊائننگ هال تقريباً ٽب لڳو پيو هو اسان به هڪ پاسي ڪان مڙوئي هتان هُتان هڪ هڪ ڪرسي گڏ ڪري پنهنجي جوياري ٺاهي وررتيسين ان وچ ۾ ماني جي شروعات ٿي چڪي آهي ۽ اسين به جنبجي وياسيونڻ ماني بعد منهنجو سڄو ساهه تنگيل هو راڳ ۾ ته ڪئليفورنيا جي هن ڪارونيار ۾ ڏسجي ته اچ کهڙو تو راڳ ٻڌڻ ۾ اچي خبر ناهي ته ميڊونا يا مائيڪل جيڪسن هوندو يا ڪي ٻيا راڳي هوندا بهرحال ٿوري دير ڪانپوءِ هال جي هڪ پاسي ڪان آرڪسترا وارا نمودار ٿيا ۽ هال جي وچ تي پنهنجي سامان کي سجائڻ لڳا راڳ شروع ٿيو ته سڀ نشا ٽٽي پيا راڳ جي لطف وٺڻ وارو خاڪو جيڪو شام کان منهنجي مٿي ۾ ڦريو پئي هيءُ ڪم ان جي صفا ابتڙ نڪتو. راڳ ته جيڪو مزو ڏنو سو ڏنو پر مان هتي ان جو ذڪر به انڪري نه ڪندس جو پاڻ سان گڏ پنهنجن پڙهندڙن جو به وقت ضايع ڪرڻ برابر هوندو سو هلجي راڳ کان اڳتي ته جيئن توهان جو موڊ به خوشگوار رهي.

ڪي هندوستاني همراهه جن هتي مڙوئي پنهنجي پيٽ گذارڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اهي اُبتا سبتا ساز گڏ ڪري مڙوئي وقت ٽپائڻ لاءِ راڳ سان چڳي دير هٿ چراند ڪئي ۽ نيٺ مان دوستن کان موڪلائي مالڪ ڏني کي اُتي هال ۾ ڇڏيون ڪمري ۾ اچي پهتس ۽ پنهنجن ڏيهي راڳين جهڙوڪ، محمد يوسف، منظور، وحيد علي، غلام شبير سمي کي ياد ڪندي وڃي ننڊ جي ڏيهه ڪان نڪتس. رات جو دوست مالڪ ڏنو الائي ڪيڏي مهل اچي ڪمري پيڙو تيو ۽ مان سندس دروازو ڪيئن ۽ ڪيڏي مهل کوليو اها سچي ڏينهن جي ٽڪ ۽ ننڊ جي نشي ۾ اصل خبر ئي ڪونه پيئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو اڪ ڪلي ته صبح جا ساڍا ست ڪن وڃي رهيا هئا، اتي ئي بستري ۾ سمهي پيو فون تي روم سروس ڊائل ڪري ڪين ٻه چانهيون آڻڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ سڌو رخ رکيو باٿ روم جو.

سوئمنگ پول پاسي وارن پردن کي هٽايو ته ٻاهر ڪئليفورنيا جي سهڻي ۽ خوشگوار صبوح کي پنهنجي انتظار ۾ ڏٺم آسمان تي هلڪا نيرا ڪڪر چانيل هئا پريان نيرا، اڇا ڳاڙها ڳل هوا جي جهوٽن تي لڏي ۽ نمي رهيا هئا. هيءُ هوٽل ايئرپورٽ جي ويجهو هئڻ ڪري هتان هر لهندڙ ۽ اڏامندڙ جهاز تمام ويجهو ڏسڻ ۾ پئي آيو جهاز اجان رن وي ڇڏي مٿي اڏامڻهارڪو ٿيو پئي ته اسانجي ڪمري آڏو بلڪل ويجهو اسان وٽان پئي لنگهيو سو اسان هڙ لهندڙ ۽ چڙهندڙ جهاز کي ويجهي کان ويجهو ڏسي پئي سگهياسين پر بند ڪمري جي ڪري (Air Tight) ان جي آواز کان اسان هر پرو ايڏو متاثر به نه پئي ٿياسون جو بي آرامي جي شڪايت ڪريون بهرحال هڪ وٺندڙ صبوح سان آغاز ٿي چڪو هو مان جهٽ ۾ باٿ روم مان برش ڪري واپس ٿيس ته دوست مالڪ ڏني کي به اُٿاريان جو اجهو بيرو چانهه ڪٺي آيو، مان اجان مالڪ ڏني کي اٿارڻ جي ڪئي پئي ته فون جي گهنٽي وڳي ۽ ڏٺم ته گهنٽي جي آواز تي همراه جي ساڪت جسم ۾ زندگيءَ جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. مان وڌي فون کڻي ٻي پاسي کان دوست ارشاد ميمڻ جو آواز سمجهه ۾ آيو. دوست خوش خير عافيت ڪرڻ بعد مالڪ ڏني جو پڇيو ان وچ ۾ ڏٺم ته مالڪ ڏنو به پوري طرح جاڳي چڪو هو هن فون وٺي ڳالهائڻ شروع ڪيو ته مان وڌي وڃي ٻاهريون دروازو کوليو جو دروازو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

کڙڪي رهيو هو ۽ دروازو کولي ڏٺم تہ بيرو چانهن سوڌو دروازي تي بيٺل هو مان کيس چانهن اچي اندر ٽيبل تي رکڻ لاءِ چيو ۽ بيرو چانهن رکي ٻاهر ويو تہ مان ويهي چانهن ٺاهڻ لڳس چانهن جا ٻئي ڪوپ ٺاهيا مَس تہ مالڪ ڏني فون بند ڪئي ۽ مون کي مخاطب ٿيندي چيائين تہ ارشاد بہ اچي رهيو آهي ۽ پاڻ هڪدم تيار ٿيون جو اڄ صبوح جي نشست بہ تقريبن ائين بجي شروع ٿيڻ واري آهي. اسين ٻئي تيار ٿي ناشتو وغيره ڪمري تي ئي ڪري ٻاهر نڪرڻ وارا هئاسن تہ دوست ارشاد بہ اچي ٺڪاءُ ڪيو ٽنهي گڏجي وري ويهي چانهن پيتيسين ۽ چانهن پيئندي ڪئليفورنيا ۽ هِتان هُتان جون ڳالهيون بہ ڪندا رهياسين . ڳالهائيندي لڳو تہ دوست نهايت سلجهيل نفاست پريل ۽فهميدو هيو ڏاڍي پيار ۽ خلوص سان سمجهائيندو ۽ وراڻيندو رهيو اسين ڳالهائيندا ڪورريڊور مان ٿيندا لابي لتاڙيندي اچي ڪانفرنس هال ۾ پهتاسين. اڄوڪي سڄي ڏينهن جو پروگرام هيئن هيو آچر ۵جولاءِ جو پروگرام هيٺين طرح رٿيل هو.

SUNDAY JULY 5th

1- BREAK FAST 8.30 A.M

2- WELL COME ADDRESS

3- ANNUAL PROGRESS REPORT
BY EXEC: COUNCIL

4- PROCEEDING FOR PICNIC

ڏٺوسين هال جي ٻاهران گهما گهميءَ جو منظر هيو پر شريڪ مهمان ڪلهہ کان گهٽ پئي لڳا، يا اڄان سوير هئي تنهن ڪري حاضري ڪجهہ گهٽ سمجهہ ۾ پئي آئي. بهرحال اڄان دوست اچي رهيا هئا ۽ ميڙو مچي رهيو هيوسو ڪجهہ اڳواٽ چوڻ مناسب نہ هو، تہ اڄ حاضري ڪيتري رهندي. ڪانفرنس هال جي ٻاهران لڳايل سنا جي اسٽالن تي سرسري نظر وجهندي اندر هال ۾ گهڙياسين. هال جي هڪ پاسي جاءِ وٺي ويهي رهياسين. ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبر واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

واري سان اچي پنهنجيون لکيل رپورٽون پڙهي رهيا هئا، ۽ مختلف مسئلن تي ڳالهائي رهيا هئا. سنا جي مالي وسيلن ڳالهائڻ جو وارو آيو ته مالي سهائتا جي لاءِ گذارش ڪئي ويئي دوستن جا نانءَ ڪنيا پئي ويا ۽ جن جن جا نالا ڪڍيا پئي انهن پنهنجي وس آهر ڊالرن جي شڪل ۾ پنهنجي سهائتا جو پئي اعلان ڪيو ۽ مون کان ٿورو اهو ياد لهي ويو ته اها ڪارروائي گذريل رات . رات جي مانيءَ تي به ٿي چڪي هئي يعني مانيءَ ڪانپوءِ راڳ جي محفل شروع ٿيڻ کان پهريون به اهڙيءَ طرح جي مال سهائتا لاءِ اعلان ۽ گذارشون پئي ٿينديون رهيون ۽ مختلف دوستن پئي پنهنجي حساب سان ڊالر ڏنا يا ڪن دوستن في الحال نالا پئي لکرايا ۽ ان مهل به مونکي عجيب عجيب منظر ڏسڻ ۾ پئي آيا. ڪن دوستن ته رضا خوشيءَ سان سهائتا پئي ڪئي، ڪن جا نالا ورتا پئي ويا ته سندن موڊ آف پئي ٿي، ڪن سرنديءَ وارن کي هال مان آهستي آهستي نانگ وانگر سُرڪندي به پئي ڏٺم متوقع نالن ڪڍڻ وارا همراه بهانو ڪيون هال کان ٻاهر نڪتا پئي ويا پر ڪن دوستن ته هال وارن جي اُميد کان وڌيڪ به ڊالر ڏيئي دوستن کي حيران وپريشان ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي. مطلب ته مون کي سمجهه ۾ ڳالهه ويئي، ته سنا جو خرچ پکي جو سلسلو ڪيئن هلي رهيو آهي، هيءُ ساٿي سڄو سال پرڏيهه ۾ رهي محنت مزدوري ڪري سال ۾ هڪ دفعو جيڪي جتي آهي اُتان ڪهي اچي پاڻ ۾ هڪ هنڌ ملي پوءِ ڪي اڪيلا ته ڪي عيال سميت اچي مقرر جاءِ تي ملن ٿا ۽ پاڻ ۾ ويهي سڄي سال جا واقعا ڏک، سُک، آئينده جا پروگرام رٿي پاڻ ۾ صلاح مشورا ڪن ٿا ۽ اهو سڄو مانڊاڻ پنهنجي کيسي مان پنهنجو حصو ڏيئي پنهنجي لاءِ ۽ ڏينهن خوشيءَ جا خريد ڪن ٿا. پر افسوس جو ان ميڙاڪي تي هتان جي اردو پريس کي ايذي سخت تڪليف ٿي ٿئي، جنهن جو اندازو توهان ان مان لڳايو ته ١٩٩٣ ۾ جيڪا سنا ڪانفرنس نيو يارڪ ۾ ٿي گذري ان لاءِ اجان تائين به سنڌين دشمن پريس ۾ گهوڙا گهوڙا ٿي رهي آهي. تازو ۾ مهينا اڳ ۾ جي تڪبير رسالي ۾ جيڪا سنڌ ۽ سنا دشمن رپورٽ ڇپي آهي، سا سڄي مڪروه الزامن تي ٻڌل هئي نه صرف تڪبير پر ساڳئي وقت جنگ، ڊان ۾ به سنڌين ، سڀاجهن جي ان سوشل ميڙاڪي متعلق زهرافشاني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

وقت به وقت ڪئي وجي ٿي. مان انهن مت موڙهيل ماڻهن کان صرف اهو پڇڻ ٿو چاهيان، ته آخر توهان چاهيو ڇا ٿا؟ نه سنڌين کي پاڻ ۾ ملڻ ٿا سهو نه پاڻ ۾ سماجي ثقافتي لاڳاپا ڳنڍڻ ٿا برداشت ڪريو. جڏهن ته نيو يارڪ، جرمني، سعودي عرب ،ابوظهبي، فرانس، مطلب ته دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اردودانن جي ميڙاڪن، مشاعرن ۽ ٻين تقريبن جون انهن جي فوٽن سميت وڏي فخر سان رپورٽون شايع ڪيون وڃن ٿيون، پر سنڌين سال ۾ هڪ دفعو به اگر ڪٿي ملڻ جو موقعو ڪڍي ورتو ته انهن تي ايڏا الزام ۽ بهتان ٻريا وڃن ٿا جو خدا جي ڦهر کان به اردو پريس ڪونه ٿي ڊڄي. مون کي ڄاڻ پئي ته ٩٣ ۾ نيو يارڪ ۾ ٿيل سنا جي گڏجاڻيءَ تي ساڳي ئي ڏينهن نيويارڪ ۾ شايع ٿيندڙ هفتيوار اردو اخبارن باقاعده ان گڏجاڻين جا فوٽو اخبارن ۾ شايع ڪيا، ۽ رپورٽ ۾ پاڪستان دشمنن جو ميڙ ڪوٺي ايڏي سخت الزام تراشي ڪئي ويئي جو ويچارا سپاجها سنڌي هڪابڪا رهجي ويا هڪ ٻئي کي فونيون ڪري روبرو ملي اُهي اخبارون ڏيکاريندي وائڙا ٿي ويا ۽ سنڌن اکين جي ترندڙ ڳوڙهن ۾ صرف اهي سوال هئا ته ڇا اسان آمريڪا جا رهندڙ سنڌي سال ۾ هڪ دفعو ملي به نٿا سگهون. ڪيترا ته ويچارا ان پروپيگنڊا کان ايترو سهمي ۽ ڊڄي ويا هئا جو شايد اڳتي ان گڏجاڻيءَ ۾ اچڻ کان به لهرائن ۽ اهوئي سنڌ ۽ سنڌين جا دشمن چاهي رهيا آهن. ته سنڌين جي پاڻ ۾ ساليانه عالمي ميڙاڪن کي منتشر ڪجي ڪانئن پاڻ ۾ گڏجي ويهڻ جو حق به کسي ونجي نيو يارڪ ۾ ٩٣ ۾ ٿيندڙ سنا گڏجاڻيءَ ۾ ماستر چندر، سنڌ جي عظيم ڪلاڪار جي فرزند ۽ نياڻيءَ کي جيڪي رهن به نيو يارڪ ۾ ٿا تن کي هن گڏجاڻيءَ ۾ راڳ رنگ جي رهاڻ لاءِ سڏيو ويو هو مهيش چندر چڻ هوبهو ماستر چندر جيان ٻئي ڳايو /ماستر چندر کي روبرو هڪ دفعي زندگيءَ ۾ ٻڌو هئم مون کي منهنجي ذهن ۾ ان عظيم ڪلاڪار جي ڳائڻ جا ورلاپ ۽ انداز اڄان محفوظ آهن. مون کي پڪيءَ طرح ياد آهي ته، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي سهري مرحوم خانبهادر ڀٽي ماستر چندر کي هڪ دفعو ڳوٺ نئون ديري ۾ گهرايو هو. مان جيتوڻيڪ ڪافي ننڍو هوس پر ان عظيم ڳائڻي جي ان محفل جا نقش منهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ذهن جي فرحيءَ تان اڃان تائين نہ ميسرجي سگهيا آهن. مون کي اهو بہ پڪيءَ طرح ياد آهي تہ ماسٽر چندر جي آلاپن تي بادلن رم جهم رم جهم برسائي پڻ پنهنجي خوش ٿيڻ جو اظهار ڪيو هو. مرحوم احمدخان جي بنگلي جو چؤنري ۾ ماسٽر چندر جي اها رهاڻ ڪيئي ڪلاڪ هلي هئي، ۽ مان اڪيون ٻوٽي ان لمحن کي روح ۾ اوتيندو رهيو هوس. منهنجي پير ۾ ويٺل منهنجي ڀاڙي جو مرحوم رسول بخش دايو جنهن کي مان پيار ۽احترام مان هميشہ مامو ڪري چوندو هوس ۽ هُن سان مون کي وڏيڪ انس بہ انڪري هيو جو هو راڳ جو مون کان ڪئي ڀيرا وڏيڪ رسيلو هوندو هئو. مرحوم اُستاد منظور علي خان نئون ديري ۾ اچي رهاڻ ڪندو هو، تہ هيءُ اڪيلو ماڻهو ان کي ٺمري ٺاٺ ۽ڪلاسيڪل ٻڌڻ لاءِ زور ڀريندو رهندو هئو ۽ اُها ئي ڳالهہ آهي سندس ڳالهہ کي وزن وٺائڻ لاءِ ٻيو ڪوبہ ويٺل ڪونہ هوندو هو. سو مامو رسول بخش منهنجي ڀرسان ويٺل هو ۽ مان ماسٽر چندرکي ڪئي ڪلاڪ نئون ديري جي ان بنگلي جي چؤنري ۾ ويهي ٻڌو هو. جتي ڀوءِ ڀٽو صاحب ويهي عام ماڻهن سان عيد يا عام موقعن تي ملندو رهندو هو ۽ جتي بي نظير صاحبہ بہ اڄ ڪلهہ عام ماڻهن سان ويهي ڏک سور ونڊيندي آهي منهنجي ذهن تڇ ۾ اڄ بہ ڀٽي صاحب ۽ بي نظير جي ساڳئي ايوان ۾ ويهي سياسي ڪچهريون ڪرڻ ۽ سياسي اٿل پٿل جي وايو منڊل جا لمحا محفوظ آهن.ان چؤنري جي ويٺڪ ۾ پاڪستان ۽ دنيا جون تمام وڏيون شخصيتون مان پنهنجن اکين سان ويهندي ۽ رهاڻيون ڪندي ڏٺيون اٿم پر منهنجي ماضيءَ جي ورقن تي جيڪا سگهاري الف. ب اُڪريل آهي اُها آهي ماسٽر چندر جي اُها ان نہ وسرندڙ راڳ رهاڻ جنهن جي ٽ .ا منهنجي دماغ جي ڪمپيوٽر واري سرڪٽ مان اڃان تائين اُڏامي نہ سگهي آهي. سو ماسٽر مهيش چندر ۽ سندن خاندان جا ٻيا فرد اڄڪلهہ آمريڪا ۾ رهن ٿا ۽ سنا جي ٩٣ واريءَ گڏجاڻيءَ ۾ کين خاص طور تي ڪوٺيو ويو هو. ماسٽر مهيش جو بہ ساڳيو ئي انداز ڄڻ ساڳيون سڪون ڀئي لاٿائين. اهڙين مٺڙين پيار ۽ پاٻوه ڀريل امن ۽ شانتيءَ وارين انهن گڏجاڻين کي اردوءَ پريس جيڪو رنگ ڏنو ۽ ڏئي رهي آهي اها سنئين سڌي سنڌي قوم جي وجود جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

خلاف سازش آهي. اسان جي پريس جو ان طرف ڌيان ناهي پر ڪين ضرور ڏيڻ گهرجي ان مانڊاڻن کي ڦٽائڻ وارن جي اسان جي ليکڪن کي ڀرپور مزاحمت ڪرڻ گهرجي ڇوته ان گهري سازش جا اثر بظاهر ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن پر تمام وڏي چال آهي ته جيئن اسين هميشه هميشه لاءِ هڪ ٻئي جي ههڙن رابطن کان ڪٽيل رهون ۽ اهڙن عالمي رابطن ۾ دبئيءَ ، لنڊن ۽ سنگاپور جي سنڌين جاسالانه ميڙاڪا اچي وڃن ٿا. سنڌن خيال آهي ته اهڙيون ڊيچاريندڙ ۽ هراسيندڙ رپورٽون شايع ڪري سنڌين کي هڪ ٻئي سان پرڏيهي رابطن کان ڪٽيل رکجي ليڪن. ڏيهي پرڏيهي دوستن ۽ تنظيمن کي اهڙن پيار محبت وارن امن پرئي ميڙاڪن مچائڻ کان نه لنوائڻ ۽ ڊڄڻ گهرجي استاد چواڻيءَ ته:

مون تي ڳايا راڳ- آڏيءَ مانجهيءَ ماڳ جا
آزاديءَ آواز ڪـــي- دهـــشـــت ڏنـــا داڳ
بخاريءَ جا ياڳ- جهنجهوڙئي جاڳي پيا. استاد

يا اُستاد جون هيءُ به سٽون :

چوماسي جا چپ سرءُ کان سبجن نٿا
توڙي گندي گپ خوشبو پوءِ به ڪليو وڃي. استاد

سنا جي سنگتين جو اهو پيسو گڏ ڪرڻ وارو سلسو ڪافي دير هلندو رهيو، ۽ پوءِ اسٽيج تي مائيڪل قلواٽيءَ جي آمد جو اعلان ڪيو ويو مائيڪل قلواٽي آمريڪا جي اميگريشن جي قانوني صلاح مشوري لاءِ هڪ نامور صلاحڪار ليکيو وڃي ٿو. آمريڪا ۾ گهڙڻ کان اميگريشن ۾ ڪيس داخل ڪرڻ ڪانوني ڪارڊ يعني گرين ڪارڊ(green card) حاصل ڪرڻ، يا اُن کان به اڳتي جي آمريڪا جي شهريت وٺڻ لاءِ جيڪي قانوني طور طريقا يا مرحلا درپيش اچن ٿا هتان جي سنڌين ۾ مائيڪل قلواٽيءَ کي ان لاءِ اٿارٽي سمجهيو ويندو آهي ڪا دير ته مائيڪل اُن قانوني هيٺ مٿاهين ۽ داءَ پيچن تي ڳالهائيندو ۽ سمجهائيندو رهيو، ۽ پوءِ ويٺلن مان سوالن جوابن جو دور شروع ٿيو.جنهن دوست کي جهڙي قسم جو مونجهارو هيو مائيڪل اُنجي رهنمائي ڪئي، ۽ ائين ڪندي نيٺ پڪنڪ جيڪا سمونڊ ڪناري برٽن پارڪ وٽ رٿيل هئي تنهن جو وقت به اچي پڳو ۽

دوست هال مان نڪري هوٽل جي ٻاهر آڳر ۾ بيٺل بسن ۽ پنهنجين ڪارن وغيره ڏانهن روانا ٿيڻ لڳا. ڏسندي ڏسندي ڪانفرنس هال خالي ٿيڻ لڳو ۽ ٻاهر رونق وڌڻ لڳي دوستن جن وٽ پنهنجيون پنهنجيون گاڏيون هيون اُهي انهن ۾ سوار ٿيڻ لڳا باقي جي ٻاهران آيل دوست هئا ۽ وٽن ڪوبہ بندوبست وغيره نہ ٿيل هو تہ سنا وارن هڪ ٻن ڪوچن جو بندوبست ڪيو تہ جيئن باقي دوست اُن ۾ روانا ٿي سگهن، ۽ ائين هيءُ قافلو اٽڪل مني هڪ بجي ڌاران پڪنڪ واريءَ جاءِ ڏي روانو ٿي هليو. رستي ۾ ڪافي ماڳ مڪان ڏسندا ويڪرن، ڪشادن رستن تان لنگهندي نيٺ اڌ ڪلاڪ جي سفر کان پوءِ اچي پڪنڪ واريءَ جاءِ رسياسين. مون ۽ دوست مالڪ ڏني کي هوٽل کان محترم منظور شاه جيڪو سنا جي اشاعتي شعبي جو ميمبر هيو ۽ پاڻ هتي ٽريولنگ ايجنسي وغيره جو ڪاروبار ڪندو رهندو آهي، اُن پنهنجي ڪار تي ويهاري اچي پڪنڪ واريءَ جاءِ تي پهچايو. آمريڪا ۾ هفتي جا ٻہ ڏينهن موڪل هوندي آهي ڇنڇر ۽ آچر، سو اڄ آچر هئڻ ڪري اسان جي هت پهچڻ کان اڳ ۾ ئي ڪافي رش لڳي پئي هئي چوطرف رونق پئي نظر آئي. مان، مالڪڏنو ڪار مان لهي هڪ وڻ جي ڇانءِ هيٺ ويهي، ڪي گهڙيون ڳالهيون ڪندا رهياسين. مس ڊيبي، اقبال ترين، ارشاد، مالڪ ڏنو ۽ آفتاب شيخ بہ اسان سان اچي وينا ۽ ڪادير ويٺي رهاڻ ٿيندي رهي.

مس ڊيبيءَ Miss Debby :- سچي يورپ يا آمريڪا ۾ ٻار، عورت خاص ڪري خود مختيار ٿين ٿا منهنجي پنهنجي تجزئي مطابق دنيا جي انهن حصن ۾ جيڪا ٻارن ۾ خود اعتمادي پيدا ٿئي ٿي اها گهڻي ڀاڱي ان خود مختياريءَ جو نتيجو آهي. يورپ آمريڪا وغيره ۾ توهان پنهنجي اولاد کي بروبيا پلو پڌائي سگهو ٿا پر ان تي زبردستيءَ عمل نٿا ڪرائي سگهو. توهان عورت يا ٻار سان ڪا بہ زيادتي نٿا ڪري سگهو. ايتريقدر جو جيڪڏهن پيءُ يا ماءُ آهي تہ بہ پنهنجي ٻار کي ڪڏهن ۽ ڪٿي بہ چماٽ وغيره نہ ٿا هڻي سگهن. ان شين جو ايترو خيال ڪيو ويندو آهي جيترو توهان سوچي بہ نہ ٿا سگهو.

مثال طور ماءُ پيءُ ڪاوڙ جي اگر ڪنهن مهل پنهنجي ٻار کي

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چماڻ وهائي ڪڍي ۽ ٻار جي ڪاوڙجي پوليس وغيره ۾ ٻڌايو ته انهن والدين تي سمجهو ته شامت اچي ويئي مون کي ان جو ننڍو مثال منهنجي دوست ٻڌايو ته هڪ پاڪستاني فيمليءَ ۾ تازو اهڙو واقعو پيش آيو جو پيءُ ڪاوڙ ۾ پنهنجي ڌيءَ کي چماڻ وهائي ڪڍي جو ڏيٽس هڪ رات هڪ بوائي فرينڊ Boy Friend سان گڏجي اڌ رات ڪانپوءِ گهر ۾ آئي ان هڪ چماڻ تي اُن ڏيٽس ايڏو وڏي فساد ڪيو جو ويچارا مائٽ ڪي ڏينهن جيل ۾ ويهي پاڪستاني ريتن رسمن کي ياد ڪندي ڳوڙها ڳاڙيندا رهيا ۽ پوءِ جيئن ئي ٻاهر نڪتا ته تپڙ کنيون آمريڪا مان واپس وطن هليا ويا. اُها سندن ڌيءَ اڄ به اتي ئي ان بوائي فرينڊ سان سندن پاڙي رهي پئي آهي، سو اهڙا ڪوڙ مثال آمريڪا ۾ روز ٿين پيا هتان جي چڙواڳ ماحول ۾ جڏهن ٻار پلجي ٿو ته پوءِ زندگيءَ جي ڪنهن به موڙ تي پابندي قبولڻ لاءِ تيار ناهي پوءِ مشرقي والدين ۽ مغربي اولاد جو وڪ وڪ تي تضاد شروع ٿئي ٿو نتيجي ۾ مائٽ سڌو وطن جو رُخ ڪندا آهن.

سو ڳالهه پئي هلي مس ڊيبيءَ جي، مس ڊيبي سانفرانسسڪو (Sanfrancisco) جي هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندي آهي، هن سان ڳالهين ڳالهين ۾ اها خبر پئي ته هوءَ هن وقت گهر ۾ اڪيلي رهندي آهي. سندس پيءُ به سال اڳ فوت ٿي چڪو آهي. سندس به پيٽيون شادي ڪري پنهنجي گهر هليون ويون آهن. باقي ماءُ جنهن سان هوءَ گڏ رهندي هئي سا به ڪجهه ڏينهن اڳ ڪنهن بوائي فرينڊ سان رهڻ لڳي آهي هنيئر ڊيبي اڪيلي پئي رهي. هوءَ ڳالهائڻ جي نهايت سيبتي رک رکاءُ نه رکڻ واري ڇوڪري پئي لڳي. هن ماءُ جو بوائي فرينڊ سان گڏ رهڻ وارو قصو اهڙي عام رواجي طريقي سان پئي ٻڌايو جڻ ته اها ڪاوڏي ڳالهه نه پر اُتان جي رسمن رواجن پٽاندر هڪ عام ڳالهه هئي.

هونئن به آمريڪي يا يورپين معاشري جون جتي ڪجهه سٺيون ڳالهيون آهن اُتي ان معاشري جا ڪجهه مڪروه پيانڪ رُخ به آهن جيئن آمريڪا جي صرف نيويارڪ رياست ۾ پنج هزار ڪنواري عورتن مان هڪ حساب مطابق اندازاً به اڍائي هزار عورتون ٻار ڪيرائن ٿيون. 1990 جي هڪ سروي مطابق آمريڪا ۾ 1990 ۾ پنج لک

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ايڪونجاهہ هزار ٻار پيدا ٿيا ۽ انهن مان اٽڪل سوا ٻہ لک کن ناجائز ٻار هئا سو آمريڪي معاشري جي پستيءَ جو انهن ڳالهين مان اندازو لڳائجي تہ جتي آمريڪا جي شاهراهن جون روشنيون، ۽ ڊالر جي ڇڪ ماڻهوءَ کي هتي وٺي اچي ٿي اُتي اهي ڳالهيون بہ ڪيس پسٽيون پون ٿيون نيو يارڪ جي ٽائيمز اسڪوائر يا ڀائيتالينهين گهٽيءَ (42nd street) وٽ ڪيترائي اگهاڙين فلمن جا شو ٿين ٿا. اُتان لنگهندي توهان کي ننڍي يا وڏي عمر جا همراه هٿن ۾ اگهاڙا فوٽو کنيون روڊ، رستن تي اوهان کي لالچائي انهن فلمن ڏسڻ تي مجبور ڪندا.

نيويارڪ جي دل يعني منهٽن ۾ جيڪڏهن ڪي تمام وڏيون نائٽ ڪلبون آهن تہ اُتي انهن جي آمهون سامهون ڇوڪرن جون ڪلبون بہ سرِ عام آهن جن جي پڻ پرچار ساڳئي ڇوڪرين جي نائٽ ڪلبن جيان ڪئي وڃي ٿي ڪيترا (Gay Houses) گي هائوسز يعني ڇوڪرن سان ميل ميلاپ جون بلڊنگون بہ توهان کي متوجہ ڪرڻ لاءِ منتظر رهن ٿيون. ۽ اهڙي قسم جا (Gay Houses) نيويارڪ جي مهانگي علائقي ۾ موجود آهن. يا سئن فرانسسڪو ۾ ڪاسٽروجو علائقو ۽ ڪئليفورنيا ۾ سينٽا مانيڪا جي علائقي ۾ گي هائوسز ٿهيل آهن.

سينگاپور ۾ بہ Bogie Bazar نالي اهڙي ٿين جنس واري همراهن جو اڏو آهي جيڪو عرب اسٽريٽ جي ختم ٿيڻ سان ڪاهي پاسي واقع آهي. بوگي بازار يا بوگس بازار ۾ رات جو ٻارنهن بجي کان صبوح ٿيڻ تائين رونق رهي ٿي هن بازار ۾ رات جو ڏهين يا يارنهن بجي کان ئي ٽيبلون ۽ ڪرسيون وغيره سجايون وڃن ٿيون ۽ سفيد ٽيبل پوشن سان سينگاريل اهي ٽيبلون پوريءَ گهٽيءَ ۾ لڳايون وڃن ٿيون ۽ پوءِ انهن وچينءَ جنس وارن همراهن جا دلال باقاعده ٽيبلن تي ويٺل همراهن آڏو هٿ ۾ البم کنيون گهمائيندا. همراهن جي چوڌاري پيا لامارا ڏيندا ۽ پنهنجي من پسند وچئن جنس واري سان رات گذارڻ لاءِ انهن جا مختلف زاوين کان نڪتل اگهاڙا فوٽو انهن البمن ۾ سجائي اوهان سان قيمت وغيره طي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف نظر ايندا. ان وچ ۾ ٽيبلن تي باقاعده مقرر ڪيل خادم اوهان لاءِ بيئر يا وسڪي جيڪو اوهان چاهيو

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو اوھان وٽ آئڻ لاءِ تيار نظر ايندا.

پوري ٻارھين وڳي، سوڍي، نيلو ساوتري وغيره اوچتو پوري ھار سينگار سان ان ڪھتيءَ ۾ ظاھر ٿيندا ۽ ان وچيم ھن بازار جي رونق عروج تي نظر ايندي آھي اصل اتان لنگھڻ جي جاءِ بہ نہ بچندي آھي. پوءِ اھي ھمراه پنھنجي قيامت جھڙن ناز اندازن سان، اوھان جي آڏو وڏن ڏگھن چيلھہ جيڏن وارن ۾ نوخيز اپريل ڇاتيءَ سان، نت نيون ادائون ڪٽي اوھان جي اڳيان پويان گھمندا ۽ اشارا ڪندي نظر ايندا. تماشبينن ۾ آسٽريلوي خلاصي، يا دنيا جي مختلف ساموندي يا ھوائي جھازن جو عملو خاص ڪري آمريڪي يا يورپي ملڪ جا سياح اوھان کي انھن ھمراھن جي ھٿ ۾ ھٿ يا چيلھہ چوڌاري ٻانھون وڪوڙيندي يا مختلف چر مخلائيون ڪندي مصروف ملندا. سندن ٽيبل تي پيل وسڪيءَ يا بيئر جا گلاس خالي ٿيندا رھندا ھو انھن وچئين جنس واري ھمراھن جي زلفن جي نشي ۾ الوٽ ٿيندا نظر ايندا، پوءِ اگر دلال ذريعي يا سڌو سنئون ڳالھين ۾ نھي ويا تہ اتان غائب پوءِ انھن جي گھرن ۾، يا ٻڌڻ ۾ آيو تہ سندن ڊانسنگ فلورن Dancing Floors تي جيڪي انھن جي عياشين جي اڏن تي آھن، جتي ھو ڪنھن عورت کان گھٽ Entertain نٿا وندرائن اھي سڀ اتان جي دوستن جي وات جون ڳالھيون آھن انھن ۾ ڪيتري سچائي آھي اھا خبر اتان جي رھواسين کي باقي Bogus Bazar ۽ سندن سجاوٽ، طور طريقا وغيره مان پنھنجي اکين سان 1978 ۾ ڏٺا ھئم انھن جي عياشين ۽ ڊانسنگ فلور جون ڳالھيون اتان جي ھڪ دوست سُريش ٻڌايون ھيون.

سو قصو پيو ھلي مس ڊيبيءَ ۽ سندس گھرَ جو. پاڻ مس ڊيبيءَ ٻڌايو تہ ھوءَ سترھن سالن ۽ ڪجھہ مھينن جي ٿي آھي، پر جڏھن پورن ارڙھن سالن جي ٿيندي تہ ڪيس امريڪي قانون موجب آزاد رھڻ جو پورو حق ملي ويندو ۽ ھوءَ پنھنجن ھر فيصلن ۾ قانوني طور وڌيڪ آزاد ٿي ويندي. اسان مس ڊيبيءَ جون تصويرون پئي ورتيون سين تہ ھن موڊ آف نہ پئي ڪئي. ھي صورت ۾ توھان ڪنھن بہ آمريڪيءَ عورت يا مرد جي تصوير سندس مرضيءَ کانسواءِ نٿا ڪيدي سگھو. مون کي ھڪ ننڍو

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واقعو ياد آيو تہ هڪ ڏينهن آئون Queen's ڪئينز نيويارڪ جو مشهور خوبصورت علائقو جتي منهنجي عزيزن جو گهر بہ هيو، هينئر هو اُتان لڏي ڪنهن ٻي علائقي ڏانهن ويا آهن سو اُتان جيئن گهران نهي سنبري وڊيو ڪئميرا ڪنيون گهمڻ لاءِ نڪتس، تہ گهر ڪان ٿورو اڳتي هڪ گهر جي ٻاهران درجي ڏاڪڻين تي هڪ نئين نيٽي عجيب هنگامون ڪيون ويٺي هئي. صبوح جو اٽڪل يارهين بجي ڏاران نشي ۾ ڏت ويٺي اول فول بڪي، ۽ هر ايندي ويندي کي پئي گاريون ڏنيون ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو سندس جسم تي صرف نالي خاطر لباس پيل هو. سو مان چاهيو پئي تہ اُن عورت کي وڊيو ۾ محفوظ ڪري ڳوٺ وارن دوستن کي آمريڪا جي عورتن جو هيءُ نرالو روپ بہ ڏيکاريان سو آئون روڊ جي ٻئي پاسي کان بيهي جيئن ئي ڪئميرا سڌي ڪئي تہ اُن عورت No, No جون رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون، ۽ ايترو هنگامو ڪيائين جو مون تقريباً ڀوڻ ڀيرن تي پڇي وڃي پنهنجي گهر ۾ لڪي جان ڇڏائي. سو آمريڪا يا يورپ جي ڏڳ ويندن مائهن کي گهوري ڏسڻ ۽ انهن ڏي اک ٽيڏ ڪرڻ وڏو گناهہ سمجهيو ويندو آهي ۽ تصويرون ڪڍڻ يا سندن وڊيو ٺاهڻ تہ جڻ وڏي ڳالهہ آهي. مان پنهنجي شوق ۾ وڊيو ڪنيون ٽائيمز اسڪوائر جي آسپاس روڊن جي چهل پهل جي وڊيو ٺاهي رهيو هوس تہ ڪئميرا جي اک مان لنگهندڙن يا ڪئميرا جي فوڪس ۾ ايندڙ هر عورت يا مرد جي چهري تي ناخوشگواريءَ جا تاثر صاف پئي ڏسندو رهيس پر آئون بہ نيويارڪ جي نقشي کي محفوظ ڪرڻ جي ڌن ۾، انهن جي ناخوشگوار تاثرن جو لحاظ ئي نہ پئي ڪيو. منهنجي ان زوريءَ تي مان محسوس پئي ڪيو تہ عورتون يا مرد ڪئميرا واري رُخ ڪان زوريءَ هيٺ ڪنڌي ڪيون، ٻئي پاسي نڪتا لڙائيندا پئي ويا. پر مس ڊيبي جيئن تہ تمام سلڇڻي ۽ لحاظ رکندڙ عورت هئي سو هن اسان سيني سان واري واري سان گڏجي پڪنڪ واريءَ جاءِ تي مختلف تصويرون ڪڍائڻ ۾ ڪو عذر نہ پئي ڏنو. اسين گهمندا سمونڊ پاسي بيٺل هڪ فيريءَ ڏي نڪري آياسين ۽ اُن جي پرسان بيهي سمونڊ جو مزو وٺڻ لڳاسين.

سامهون سنا ۾ آيل مهمان عورتون مرد يا سندن ٻار ڏاڍو هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماحول مان مزو وٺي رهيا هئا. ننڍڙا پتڪڙا ٻار معصوم فرشتن جيان هيڏي هوڏي ڊوڙي رهيا هئا ۽ عورتون پاڻ ۾ ويٺي ڪچهري ڪري رهيون هيون تہ مرد پنهنجين ڏاڙن گشن ۾ پورا هئا. ايتري ۾ مانيءَ جو سڏ ٿيو. مانيءَ وٺڻ لاءِ قطار لڳائي ۽ واري واري سان ٿيبل تي پيل مانيءَ کڻي ڪاڍي سين. مانيءَ بہ اهڙي جهڙي گهر ۾ کائي رهيا هجون لذيدار پاڪستاني کاڌن سان پيپسيءَ جي بوتل بہ. بوتل کي عام زبان ۾ آمريڪي يا اسان جا ديسي همراهہ سوڊا چوندا آهن. ۽ اها سوڊا تقريباً هر مانيءَ سان عام پاڻيءَ جي واهپي طور استعمال ڪئي ويندي آهي. هتي دوست پاڻي گهٽ باقي سوڊا جو استعمال آمريڪا ۾ گهٽ ڪندا آهن. مانيءَ بعد آئسڪريم وغيره مطلب تہ هڪ شاندار لنچ ڪئي سين. منجهند جي مانيءَ بعد، ڪجهہ دوست رسي ڇڪڻ جي راند ۾ لڳي ويا تہ ڪجهہ گهمڻ ڦرڻ ۾ مصروف رهيا.

محترم پليجو، اقبال مان ۽ ٻيا بہ ڪيترائي دوست پنهنجي زور آزمائڻ لاءِ پڻ شغل ڪندا رهياسين ۽ ائين شام جو 5 ڪن ٿيا جو دوستن واپسيءَ جي تياري شروع ڪئي ۽ ڏسندي ڏسندي ساڳين سوارين ۾ ويهي رستي تي ڪئليفورنيا جي خوابن جهڙيون گهٽيون، عمارتون جهڙوڪ اسٽيٽ هسٽوريڪل پارڪ، ميڪسيڪن مارڪيٽ ۽ چائنا ٽائون وٽان گهمندا ڦرندا اچي هوٽل ڪان نڪتاسين.

لاس اينجلس ۾ آرٽ جا دنيا ۾ سڀ کان وڏا ميوزم بہ قائم آهن. ڊائون ٽائون ۾ جاپاني مشهور اڏاوت جي انجنيئر اراتا سوزوڪيءَ جو ٺهيل خوبصورت ترين، ميوزم آف ڪنٽيمپرري آرٽ (Musuem of Contemporary art) لازوال مصوري شاهڪارن سان، جن ۾ امريڪي آرٽسٽن جون امن دور واريون شاهڪار تصويرون بہ موجود آهن سي هن ميوزم ۾ ڏسڻ وٽان آهن. هونئن تہ آمريڪا جي هر رياست ۾ نيچرل هسٽري ميوزم موجود آهي پر نيويارڪ جو اُهو ميوزم بہ ڏسڻ وٽان آهي. مان ۽ منهنجو دوست ۽ عزيز، اعظم خان هڪ سڄو ڏينهن ان جي ڏسڻ تي خرچ ڪيو هئوسين. سڀ وي ٽان نڪتاسين تہ سڌو آمريڪن نيچرل هسٽري ميوزم ۾ نڪاءُ ڪيوسين اصل سڀ وي جوڙيئي هن ميوزم جي منهن ۾ پٽي ڪليو سو گهمي ڦري وري سڀ وي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ذريعي اچي گهر ڪوئينز ۾ پهتا هئاسين. سو ڳالهه پئي ڪيم ته تقريباً آمريڪا جي هر رياست ۾ آمريڪن ميوزم آف نيچرل هسٽري موجود آهي ۽ هتي لاس اينجلس وارو ساڳيو ميوزم پڻ مغرب جو سڀ کان وڏو نيچرل هسٽري (قدرتي تواريخ جو) ميوزم ليکيو وڃي ٿو هن ۾ جنگهل جي جانورن، پکين پکڻن کي ان جي قدرتي ماحول ۾ اهڙي هوشياريءَ سان رکيو ويو آهي جو ڏسڻ وارا اُن جي ترتيب ڏيندڙن کي داد ڏيڻ کانسواءِ نه رهي سگهندا نيويارڪ جي هن تواريخي عجائب گهر ۾ ڪئين لک سال قديم جانور ڊائنوسار Dynosars جا ڊانچا ڏسڻ وٽان آهن. ٿي سگهيتو ته لاس اينجلس جي هن عجائب گهر ۾ به موجود هجن پر جيئن ته هتي قيام مختصر هئڻ ڪري مان هتان جو قدرتي تواريخ وارو عجائب گهر نه ڏسي سگهيو هوس. سو ايتري چاڻ نه هئم.

American History of Natural Musuem of New York

باقي نيويارڪ وارو عجائب گهر ڏسڻ لاءِ ڪوئينز asan آسٽوريا تان "N" ٽرين تي چڙهي 42 st: ففٿ ايوينيو 42nd st تان وري "C" سي ٽرين.تي سفر ڪري سڌو لٿاسين اچي 81st ايڪاسي گهٽيءَ تي اچان سڀ وي مان نڪتاسين ته سڌو ان تواريخي ميوزم جو در سامهون هو. اندر گهڙي اپائي اپائي ڊالرن جون به ٽڪيٽون وٺي اسان ميوزم گهمڻ لڳاسين (اهو ٻڌائي ڇڏيان ته ٻارن لاءِ اڌ ٽڪيٽ هئي) زميني طبقي تي گهمندي 40 فٽ اُڀي ۽ 66 فوٽ ويڪري T.V رکيل هئي جنهن کي IMAX SCREEN) اماڪس اسڪرين به چئبو آهي. اُن تي ان ميوزم بابت فلم شو ٿيندا رهن ٿا. اهڙي وڏي ٽي وي سيٽ تي، واشنگٽن ۾ جڏهن ڪتنب سميت نيشنل ايئر اينڊاسپيس ميوزم ۾ هلندڙ. سيموئل لينگلي ٿيئٽر (Samual P. Langley theature) ۾ جڏهن جهاز جي ابتدا ۽ ارتقائي مرحلن تي مشتمل فلم "To Fly" ڏسڻ ويٺاسين ته منهنجي ٻن ٻارن خليل جبران ۽ ارسلان ڊپ وچان اکيون بند ڪري ڇڏيون هيون دراصل

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏي وڏي پردي تي ائين پئي لڳو تہ جهاز سڌو اُڏامي اسان طرف اچي رهيو آهي يا هڪ سين ۾ ريل ائين پئي نظر آئي تہ جڻ اجهو اسان ڏي ڪاهيون پئي اچي دراصل ايڏي وڏي پردي تي وري ڊبل وزن جي ٽيڪنڪ واري فلم جنهن کي ڏسندي ائين لڳندو آهي تہ اها هر شيءِ جيڪا هو ڏسي رهيو آهي سا. ڏانهس ڪاهيون پئي اچي اهڙن منظرن ۾ وڏا بہ مشڪل سان دل ٻڌي ويهي فلم ڏسندا آهن.

سو هتي هن نيويارڪ جي امريڪن هسٽري آف نيچرل ميوزم جي زميني طبقي تي پڻ ساڳئي ٽي وي رکيل آهي ۽ اُن ۾ اوائلي جانورن ۽ سندن زندگيءَ متعلق فلمون ڊيڪاريون ويندڙيونْ آهن. هن ميوزم جي پهرين طبقي تي سنڌ جي علي محمد خاصخيلي، 75 سال عمر واري همراه جي ڪاشيءَ ۽ جنڊيءَ جو ڪم بہ رکيل اهي. سنڌوءَ جي ان تهذيبي ورثي کي نيويارڪ جي هن ميوزم ۾ محفوظ ڏسي، دل ڏاڍي خوش ٿي هئم. هن ميوزم جي ٽئين منزل تي رئبٽس ۽ پکي وغيره هئا ۽ چوٿين ۽ آخري طبقي تي لکين سال پراڻي Dynosoris ڊائنو سارز جا پيڃرا رکيل هئا.

ميوزم گهمي ڦري اگر ٻئي پاسي کان ٻاهر نڪربو تہ سڌو هڪ اسڪول وٽان اچي ٻاهر نڪرنداسين سو اسان بہ گهمي ڦري ٻاهر نڪتاسين تہ اُن اسڪول جي آڳر واري ڇپر وٽ ويهي ڪجهہ تڪ پئي پوءِ گهر ڏانهن موٽيا هئاسين ۽ اُن وقت اسڪول جي آڳر ۾ ننڍڙن فرشتن (اسڪول جا ٻار) Little angles کي گهر واپس ورائڻ لاءِ ڪيتريون بسون سندن انتظار ۾ بيٺيون هيون.

سنا جي ٻئي ڏينهن تي پڪنڪ تان موٽندي ڏاڍو ٿڪجي پيا هئاسين سو سڌو هوٽل تي موٽي اچي ڪمرو کولي اچان بسترن تي ليٽياسون ٿي مس تہ اک لڳي ويئي ۽ مان شايد مالڪ ڏني کان بہ ٻيٽا ڪونگهرا هڻي رهيو هوس.

ڪلاڪ کن اگهور ننڊ ڪرڻ بعد اُٿياسين ۽ چانهن جو ڪوپ پي غسل وغيره ڪري آئيني تي آخري نظر وجهندي مان ۽ مالڪ ڏنو هيٺ لٿاسين دل تي هي شعر تري آيو.

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئيني جـي اڳ پنيان، ڏسنـدو رهـيس
من نـہ من سهڻو لڳان، ڏسندو رهيس
سامهون ڏسندي ئي اندر پـڇري ويـو
پويان پيي آئي ٻَڇان، ڏسندو رهيـس
"تبسم"

هيٺ لهندي مالڪ ڏني ياد ڏياريو تـہ اڄ رات جي ماني دوست انور جتوئيءَ جي گهر آهي سو هتان فارغ ٿي اوڏانهن هلنداسون هال ۾ بہ باقي ڪي ٿورا ماڻهو بچيا هئا، باقي سڀ پڪنڪ جا ٽڪيل وچي ڪٽي تڪ پچي رهيا هئا.

سو دلچسپ ڳالهين ۽ صلاح مشورن بعد سنا جي ٻئي ڏينهن جي گڏجاڻي پوري ٿي ۽ حسب وعده سڀ انور ۽ بابر جي گاڏين ۾ انور جي گهر رات جي مانيءَ لاءِ روانا ٿياسين انور جو گهر سئن ڊيماس San Dimas ڪائونٽي ۾ واقع هيو.

رستـي ۾ انـور جي ڪاروبار واري جاءِ جتي سندس هڪ 7-11، (سيون، اليون) شاپ هيو ۽ اُن سان لڳ گئس اسٽيشن (Gas Station ياد رهي تـہ پيٽرول پمپ کي آمريڪا يا يورپ وغيره ۾ گئس اسٽيشن سڏبو آهي اتان لنگهندي ٿوري دير اُتي ترسياسين انور 7-11 وارو دوڪان گهمايو هڪ هڪ بوتل پيتيسن ۽ اُتي انور جي گهر لاءِ روانا ٿياسين، ڪل پوڻ ڪلاڪ اچي انور جي گهر سهيڙياسين، سندس ڪئليفورنيا جي خوبصورت علائقي ۾ هڪ خوبصورت گهر هيو مانيءَ تي ڪجهہ مذهبي بحث دوران گرما گرمي ٿي ۽ اُن بحث ۾ ڪافي دير مشغول رهياسين اُن سان گڏو گڏ انور جي گهر واريءَ يعني ڀاڄائيءَ جي هٿن جي گرم گرم مزيدار ماني بہ کائيندا رهياسين. ڪا دير ماني کائڻ بعد بہ ڊرائنگ روم ۾ هتان هُتان جو ڳالهيون ڪندا رهياسين بابر جي هٿ ۾ ڪئميرا هئي ۽ بابر ڪجهہ فوٽو گرافس بہ ڪيندو رهيو. بابر دوسٽ ارشاد، آفتاب، مس ڊيبي انور مالڪ ڏنو ويهي ڪيتري دير تائين حال احوال ڳالهيون ٻوليون ڪندا رهياسون تان جو گهڙيالُ تي نظر پيئي تـہ رات جا ٻارنهن وڄي رهيا هئا اهڙي سهڻي ڪچهريءَ تي اُستادُ جون سهڻيون سٽون هيانءَ تي تري آيون

soorhsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لھرن تي لھرون اُٿيون ڇولين تي ڇوليون
اڄ مِلي اُستاد اڄ- ھڪ ٻئي کي کوليون
روح رِڳون ڳوليون- ڇو ھي اُڄ اُجھي نٿي.

گھڙيال تي نظر وجھندي ئي رڙ ڪئيسون تہ ھاڻي ھوٽل تي ھلڻ گھرجي ڇو تہ انور جي گھر ۽ ھوٽل وچ ۾ بہ ڪافي پنڌ ھيو تقريباً منو يا پورو ڪلاڪ ڪن رستي تي لڳو واٽ تي ڪئليفورنيا جي رنگين رات جون جھلڪيون ڏسندا اچي ھوٽل پيڙا ٿياسون مان ۽ مالڪ ڏنو تہ ساڳئي ھوٽل ۾ اچي لٿاسون باقي پيارو دوست ارشاد اسان جي پرسان ئي ڪٽ رھي پيو سو اسان کي ھوٽل تي ڇڏيندو پاڻ پنھنجي گھر ڏي روانو ٿيو واچ تي ڏٺم تہ تقريباً ٻارنھن ٿي رھيا ھئا. دوستن جي ايڏي قرب ۽ پيار تي دل ئي دل ۾ اُستاد جو ھيءُ سٽون جھونگاريندو مان ۽ مالڪ ڏنو ھوٽل جي لابي لتاڙيندي ڪمري طرف ھلڻ لڳاسين.

ھٿ ۾ ڏيئي ھٿ ويھہ بخاريءَ ويجھڙو
تنھنجي منھنجي تانگھہ جو ساڳيوئي ساٽيھہ
ڏوريون ڳڏجي ڏيھہ سنگت سات سگھو ڪري

ڪمري ڏانھن ھلندي ڪوريڊور ۾ ھڪ در اندران ھمراھن جا ڀرپور ٽھڪ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. اصل سڄي ڪوريڊور ۾ پڙاڏا پئي گونجيان مالڪ ڏني کي خبر ھئي تہ اھو بہ پنھنجن ڪن يارن جو ڪمرو آھي. سو، ڇيائين تہ يار تبسم بيھہ تہ ھنن ھمراھن کي ڏسندا ھلون ۽ جيستائين مان جواب ڏيان ئي ڏيان، تيسين ھمراھ دروازو کڙڪائي، سندن دروازو کولي اندر گھڙي بہ چڪو ھيو. اندر چار پنج دوست پنھنجي ڌن ۾ مگن دنيا جھان جي ھن لڙ بکيڙن کان الڳ ٿلڳ مٽ جا مٽ کوليون، ڇڻ ٺندي الھيار جي ڪنھن ڳوٺ ۾ ڪنھن سانوڻ جي شام جو ڪنھن لانديءَ ۾ ڪا رھاڻ رچايون ويٺا ھُئا. سندن ھڪ ھڪ ٽھڪ، پيو نہ تہ پرپاسي وارن جي دلين کي ڇھڪ تہ ضرور ڏيندو ھوندو، پر پرپاسي ڪمرن ۾ بہ شايد سنا جا ساڏي ھيا جو بنا روڪ ٽوڪ جي ھي ھمراھ ھل ھنگامي سان ھوٽل مٿي تي ڪنيون ويٺا ھئا.
دوستن سان عليڪ سليڪم ٿي دوستن نہ ڪئي ھر نہ ڪاتم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڃي لاٿئون مڏجا مٽ اسان ٻنهي جي ٻه اڳيان ۽ ڪجهه اهڙي پيار سان آڇيئون جو مالڪ ڏني ۽ مون کي مجبوراً چوڻو پيو

اڄ رات شنبمي آ- جو جام ۾ ڪمي آ
هن وقت ڪا ٻه ناهي- مون تي ميار لوڪو
(اياز)

اُتي اُن شغل ۾ يارن سان ويٺي تعارف ٻه ٿيو هڪ دوست جڪراٽي هو نالو ياد نه ٿو ٻيهيم باقي ٻه تي دوست ٻه ڪافي حاتم طائي طبيعت جا لڳا پئي بهرحال اُن ڪل پوڳ ۾ ذري گهٽ اڃي صبوح ٿيو ۽ پوءِ يارن ڪان موڪلائي ڪوٽ ڪلهي تي لڙڪائيندا ڪمري ڏانهن روانا ٿياسون.

6جولاءِ جو دلفريب صبوح ۽ يونيورسل فلم اسٽوڊيو جو سير:

صبوح جو اک کلي ته سامهون ڪهڙيال تي نون ۾ پنج منٽ وڃي رهيا هئا. اڄ جي پروگرام ۾ مان مالڪ ڏنو ۽ ارشاد ميمڻ هالي وود جي يونيورسل اسٽوڊيو ڏانهن وڃڻا هئاسين. ارشاد سان رات اهو طي ٿيو هو ته صبوح جو ڏهين بجي هوٽل مان نڪري ملبو. دوست ارشاد کي ڪٿي ڪنهن ضروري جاءِ تي ڏهين بجي ڪان الڳ ۾ وڃڻو هيو ۽ هو اُتان ٿيندو اڃي اسان کي هوٽل تان ٺيڪ ڏهين بجي اڃي ڪٺندو سو اسان جي جيئڻ ئي نون ۾ ڪجهه منٽن تي اک کلي ته بسترو ڇڏي ڇانهن وغيره پي تياريءَ ۾ لڳي وياسون. ۽ اسان ٻئي مان ۽ مالڪ ڏنو اٽڪل پوڻين ڏهين بجي تيار ٿي ويهي ارشاد جو انتظار ڪرڻ لڳاسون ۽ ان وڇيم اسان پينهنجي سامان کي ٻه سهيڙي ورتو، جو هنيئر هي ڪمرو ڇڏڻو هيو. ۽ بئگ گاڏيءَ ۾ رکي دوست ارشاد سان اسٽوڊيو وغيره جو چڪر ڏيئي شام جو ڪٿي ڪهمي ڦري رات جو جهاز ۾ اسان سيني کي سواءِ انهن دوستن جي جيڪي ڪئليفورنيا ۾ ئي رهڻ پيا باقي ٻيا سڀ اڄ پنهنجن پنهنجن ماڳن ڏانهن ورڻا هئاسين.

مالڪ ڏني کي سئن فرانسسڪو ورڻو هو، اقبال ترين کي ارلنگٽن، ڊاڪٽر پٽيءَ صاحب کي شڪاگو ڏانهن مون کي ڊاڪٽر پٽيءَ صاحب شڪاگو اچڻ لاءِ اهڙي پيار سان دعوت ڏني جو مان ڪيس نه نه ڪري سگهيس پر پوءِ منهنجيءَ لا پرواهيءَ ڪري جيڪا تڪليف ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پهتي ان لاءِ اڄ بہ نهايت شرمندگي محسوس ڪندو آهيان ان جو ذڪر مان اڳتي ڪندس.

پوري ڏهين بجي ڪمري جي ڪنڊن ڪڙڇن تي آخر نظر وجهندي ڪمري کي الوداع چوندي هيٺ لئاسون ۽ ڊاڪٽر قلباڻي صاحب، دوست نثار صديقي (چيئرمن ميزبان ڪاميٽي) دوست ڊاڪٽر اختر پٺي ۽ اي ڊبليو پٺيءَ صدر سنا کان موڪلائيندي مان ويٽي ويٽي لائونج ۾ ٺي ڊاڪٽر صاحب کان بہ چار سوال سنا ۽ سنا جي فلاحي، سماجي آئنده پروگرامن بابت پڇيم جن جو تفصيل هيٺئن هيو.

ڊاڪٽر الهہ وڌائي پٺيءَ سان مختصر ڳالهہ ٻولهہ:

س: توهان اصل ڪٿان جا آهيو.

ج: پراڻي سکر جا

س: توهان جو اصل نالو

ج: الله وڌايو پٺي

س: آمريڪا ۾ ڪڏهن کان وٺي آهيو

ج: ڪافي پراڻي وقت کان وٺي هتي آهيان

س: سنا جي جوڙڻ جا خاص مقصد

ج: سنا صرف آمريڪا، خاص ڪري نارٿ آمريڪا جي سنڌين کي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ قائم نہ ڪئي ويئي آهي پر اسين چاهيون ٿا تہ سيئي سڄي دنيا جا سنڌي هڪ ٻئي جي ويجهو اچن. پاڻ ۾ سماجي ثقافتي ۽ مالي ڳانڍاپا رهندا اچن. اسان هن ننڍڙي پليٽ فارم ذريعي سنڌ جي عام ماڻهوءَ جي ذهني اوسر، ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيون پيا.

س: هن وقت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪافي سنڌي سڄاڻ دوستن تنظيمون قائم ڪيون آهن جن ذريعي هر سال ڳڏجاڻيون دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ٿين پيون جيئن مثال طور لنڊن ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس جيڪا هر سال هڪ وڏو ميڙڪوٺائي لندن ۾ سنڌين کي پاڻ ۾ ملائيندي رهي ٿي ان بعد دُبئيءَ ۾ سدائين گڏ سنڌي تنظيم جنهن جا روح روان دوست اجمل شيخ، شاهد سومرو، سيٺ مورج مل، موتي پرڪاش ۽ عطا سنڌي آهن ۽ جيڪي پڻ هرسال هڪ وڏو ميڙ دُبئيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪرائي ”شاه لطيف ايوارڊ“ هند سنڌ جي ڪلاڪارن، اديبن ۽ فنون لطيف جي مختلف شعبن جي ماڻهن کي ڏيندا رهن ٿا. سو مون سوال پڇي ڪيو تہ اهي سڀ تنظيمون پاڻ ۾ رابطو ڪري ڇو نہ ڪا گڏيل سگهہ واري تنظيم ٺا ٺاهيو.

ج: پهريون تہ انهن سڀني تنظيمن سان رابطو رکڻ پڻ مسئلو آهي اسين هت آمريڪا ۾ وينا آهيون. ڪيئن خبر پوي تہ دُبئيءَ سينگاپور، هانگ ڪانگ ۾ ڪهڙيون تنظيمون آهن ۽ ڪير اُنهن جا سرپرست يا هلائيندڙ آهن ۽ انهن جي ڪارڪردگيءَ يا مول متن ڇا اهن، بهر حال صلاح سهڻي آهي ڪوشش ڪبي تہ انهن دوستن سان رابطو جوڙجي.

س: پلا هن هيڏي ميڙ ۾ سنڌ جي تنظيمن کي دعوت وغيره نہ پيا ڏيو، جيئن مثال طور سنڌ گرئجويٽ ايسوسئيشن يا سنڌي ادبي سنگت (سگا ۽ ساس) وغيره ۽ ٻيون بہ ڪيتريون سگهاريون تنظيمون آهن.

ج: سنڌي ادبي سنگت جي رابطي جي لاءِ اسانکي ڪا ائڊريس ڪونهي باقي جيڪي نامور شخصيتون آهن انهن سان اسان انفرادي طور لهہ وچڙ ۾ اچي ڪين سڏيندا رهندا آهيون. ان جو مثال فقير محمد لاشاري (مرحوم) هن سال محترم پليجو صاحب ۽ ٻيا ڪافي دوست پڻ. باقي سگا سان اسان رابطي ۾ آهيون.

س: سنڌ ۾ تمام سٺا ڳائڻا آهن جيڪي ڌرتيءَ جي ٻوليءَ ۾ ڳائن پيا انهن مان هر سال هڪ هڪ فنڪار کي سڏيو، تہ جيڪر انهن دوستن جي مالي سهائتا بہ ٿي پوندي ۽ انهن جي لاءِ اعزاز هئڻ سان گڏ توهان بہ سال ۾ هڪ دفعو پنهنجي لوليءَ واري ٻوليءَ جي، سرسنگيت ذريعي نواڻ پيدا ڪندا رهندو.

ج: اسان هر سال ڪوشش ڪري پنهنجن ڪلاڪار دوستن کي دعوتناما موڪليندا رهندا آهيون جيئن گذريل سال وحيد عليءَ ۽ توهان جي ذريعي مون ڏنهن اشارو ڪندي) منظور سخيراڻيءَ لاءِ ڪوشش ورتيسون پهريون تہ توهان جي رابطي لاءِ اسان کي محنت ڪرڻي پئي، پوءِ وري منظور کي اوهان معرفت دعوتنامو پهچايوسين پر ٻڌوسين تہ ڪين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويزا نہ ملي سگهي نہ وحيد عليءَ کي نہ منظور کي بهرحال اسان پڻ ڪوشش ڪئي آهي ۽ اڳتي بہ ڪندا رهنداسون.

س: هن وقت تائين اوهان پنهنجي ڌرتيءَ جي کهڙي خدمت ڪئي آهي توهان کي موٽ ڇا ملي آهي.

ج: اسان سگا کي هڪ بہ ايمبولينس وغيره مهيا ڪئي آهي، حيدراباد ۾ هيومن رائيٽس ڪميشن جي آفيس جي جسٽس دراب پٽيل سان سهڪار ۾ پيون ڪيتريون ڳالهيون شامل آهن اسين پي بہ هرڪا خدمت ڪرڻ لاءِ هميشہ تيار آهيون جيڪا اسان جي وس ۾ آهي. اسان سنڌي فنڪارن جي لاءِ بہ پاڻ پتوڙيون پيا مثال طور سنڌ مان ڪنهن دوست خط لکيو آهي تہ گلزار علي فنڪار بيمار آهي ان جو آمريڪا ۾ علاج وغيره ڪرايو وڃي اسين اُن لاءِ ان دوست سان رابطو ڪنداسين ڪوشش ڪنداسون تہ ڪيس هتي گهرائي سندس علاج ڪرائي سگهون. (اهو خط لکڻ وارو نوجوان جيڪو حنيف لاشاري دوست پاڻ بہ سُريلو گائڪ آهي ۽ اُستاد گلزار عليءَ جو شاگرد پڻ آهي) ڊاڪٽر جذباتي ٿيندي وڏيڪ چيو تہ تبسم! هن وقت ضرورت آهي تہ اسين پاڻ ۾ رابطا جوڙيون پنهنجين ذاتي نفرتن کي محبتن ۾ بدلايون پنهنجن انتشارن کي يڪجهتيءَ جو روپ ڏيئو آهي پنهنجي ڏيڍ سرجي الڳ جاءِ جوڙڻ بدران هڪ ٿي ڪم ڪريون تہ وڏيڪ سٺو ٿيندو ورنہ اسان تاريخ جي ڏاڍي نازڪ موڙ وٽان گذري رهيا آهيون.

ڊاڪٽر سان اهي مختصر ڳالهيون لائونج جي هڪ ڪنڊ ۾ پيل صوفي تي ويٺي ٿينديون رهيون ن وچير ڊاڪٽر صاحب جي گهر واري بہ اچي چپ چاپ اسان جون ڳالهيون ٻڌي رهي هئي. سامهون لائونج ۾ دوست ارشاد ميمڻ کي ايندي ڏٺم تہ مان ڊاڪٽر صاحب ۽ ٻين کان موڪلايو. مالڪ ڏني ۽ مان، دوست ارشاد جي گاڏيءَ ۾ سامان رکيو ۽ يونيورسل اسٽوڊيو ڏانهن روانا ٿياسين. يونيورسل اسٽوڊيو هالي ووڊ ۾ واقع آهي ۽ هالي ووڊ، لاس اينجلس ڪائونٽيءَ جو ٻيو اهم سيرو تفريح جو مقام آهي.

مائونٽ لي جبلن کي هالي ووڊ جو جڳ مشهور نشان ليکيو ويندو آهي. دنيا جا فلمي شوقين (جن ۾ آئون پاڻ بہ شامل آهيان) هن

طرف هر سال لکن ڪروڙن جي تعداد ۾ ڇڪجي هيءَ علائقو ڏسڻ ايندا آهن. هالي ووڊ جي گهٽين ۾ چوڪن تي توهان کي صبوح شام پنهنجي پسند جا جڳ مشهور فنڪار نظر ايندا جن کي ڏسڻ جي حسرت توهان سالن کان سيني ۾ سانديون پيا اچو. سو انهن کي ويجهو ڏسڻ سان جيڪو لطف آهي ان جو بہ جواب ناهي. هتي هالي ووڊ جا اهي جڳ مشهور فنڪار لاهور جي گلبرگ وانگر پڻ چئن مخصوص علائقن ۾ رهن تا جيئن سائيڪا مور Sycamore گوون وائن گهٽي (Gowen Wyne Street) وغيره. هوٽل ڇڏيندي مختلف روڊ لتاڙيندي جن مان ڪجهہ روڊن جا نالا ياد پون ٿا تہ هلندي مارٽن لوٿرڪنگ، جي آر 1/4. ستيهين گهٽي (Martin lothur king Jr 1/4) ڊائون ٽائون ايڪسپوزيشن بليوارڊ (Dawn Town expo-sition) لتاڙيندي اچي فري وي هڪ سو هڪ تي چڙهياسين. Free way 101 ۾ فري وي 101 ورتيون دوست ارشاد سڏو اچي هڪ ڪلاڪ کن گاڏي هلائيندي يونيورسل اسٽوڊيو جي اڳيان بيهاريو.

<u>ٻاهرين ملڪ ۾ تيز رفتار رستن جي سهولت ۽ قانون:</u>

پاڪستان جي سپرهاءِوي جيان آمريڪا يورپ وغيره ۾ فري وي يا ٽال وي جو هئڻ اتان جي رهواسين لاءِ وڏي سهولت آهي ڪئليفورنيا جو فري وي، هوسٽن جو سام هوسٽن ٽال وي Sam Houstan Toll way يا جرمنيءَ ۾ هئاسون تہ اتي پڻ ساڳي طرح تيز رفتار گاڏي ڊوڙائڻ لاءِ اسان کي فرنيڪفرٽ کان ٻاهر ماربرگ ڏانهن ويندي Auto Ban 7 ونڻو پيو هو (جرمنيءَ ۾ وڏي شاهراه کي آٽوبان چوندا آهن) آٽوبان نمبر ستون جرمنيءَ جو وڏو شاهراه آهي.

اوهان کي هر ترقي يافتہ ملڪ ۾ رستن ۽ شاهراهن جو اهڙو چار وچايل ملندو جو ا وهين ان جي وروڪڙن ۽ هلندڙ تيز رفتار گاڏين جي اسپيڊ، يا رستن تي وري ننڍين ننڍين گهٽين ۾ مڙڻ لاءِ پهريون Exit ايگزٽ جو طور طريقو مقصد تہ اهڙي سهولت جو اوهين ڪٿي بہ تڪليف محسوس نہ ڪندؤ هيوسٽن ۾ هيوسٽن شهر جي ٻاهران پڻ وڏن شاهراهن جي وچير هڪ ننڍو رستو اهڙو بہ آهي جنهن تي توهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

صرف يا تہ ايئرپورٽ، اسپتال يا هنگامي حالتن ۾ گذري سگهوتا ٻئي صورت ۾ اُن تان گذرڻ منع آهي.
توهان انهن تيز رفتار گاڏين لاءِ مخصوص تيل شاهراهن تي رستي تي ڪٿي بہ بريڪ نٿا هڻي سگهو سواءِ ڪنهن اُن جاءِ جي جيڪا ٿورو ٽڪ وغيره پٽڻ لاءِ مقرر تيل آهي جرمنيءَ ۾ اهڙين جاين جو نالو ويترائون Wetterua آهي اوهان اگر مقرر تيل رفتار کان وڌيڪ انهن شاهراهن تان گذرندؤ تہ رستن تي لڳل چور ڪئميرائون اوهان جي تاڙ ۾ هر وقت اوهان جي چغلي کائڻ لاءِ تيار اوهان کي ملنديون هر شاهراه تان گذرندي، جيڪا رفتار اوهان کي ونٺي آهي آها اوهان جي سامهون لکيل اوهان کي ملندي اُن کان وڌيڪ رفتار پلي اوهان ڇو نہ ڪيتري بہ سچي يا ويران رستي تي اڪيلا بہ گذرندا هجو بہ اجازت ناهي. اوهانجي اُن وڌيڪ رفتار لاءِ اهي ڳجهيون ڪئميرائون اوهان جي خلاف گواه طور ڪم اينديون جن جي اک ۾ توهان هميشہ محفوظ آهيو توهان ڪو حادثو وغيره ڪري گاڏي يا پاڻ کي ڪنهن بہ طرح سان بچائي نٿا سگهو.
سويڊن ۾ گاڏيءَ جي وڌ ۾ وڌ رفتار نوي ڪلوميٽر هڪ ڪلاڪ ۾ آهي ۽ سويڊن ۾ ڏينهن جو بہ گاڏيءَ جون هيڊ لائٽ يعني وڏيون بتيون ٻاري رکڻيون پونديون آهن جو اُتي هر وقت ڪوهيڙو (Fog) رهي ٿو ۽ گاڏين جي مڪيہ لائٽ ٻارڻ سان حادثن جوامڪان گهٽ رهي ٿو. هالنڊ ۾ وڌ ۾ وڌ Km 120 في ڪلاڪ رفتار رکي سگهجي ٿي.
هنگامي حالتن ۾ اوهان کي اگر روڊ پارڪرڻو آهي تہ اوهان رستي جي هڪ پاسي کان بيهي پول جي پاسي ۾ رکيل بٽڻ کي دٻائيندو تہ ڳاڙهي بتي روشن ٿيندي ۽ اوهين روڊ پارڪري سگهو ٿا اهو هنگامي بٽڻ، اسڪول جي ٻارن، لولن، لنگڙن ۽ انڌن کي رستو پارڪرڻ ۾ وڏي مدد ڏيندو آهي گاڏي هلائڻ لاءِ اهي سڀ سهولتون ميسر هوندي بہ مان ٻاهر گاڏي هلائڻ کان سخت لنوائيندو آهيان جيتوڻيڪ اُتان جو نظام اهڙو سولو آهي جو ٻار بہ جيڪڏهن سمجهي تہ گاڏي ڏاڍي آرام سان هلائي سگهي ٿو.
پر مان ان معاملي ۾ پاڻ کي ٻارن کان بہ پري سمجهندو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يار دوست پاڻ پنهنجي نوڪرين تي وڃڻ مهل پنهنجي جان ڇڏائڻ لاءِ گهڻو ئي زور ڀريندا آهن تہ تون گاڏي ڪاهي وڃي گهمي ڦري اچ. پرمان پيدل يا سب وي Under graund Railway تي گهمڻ ڦرڻ نڪري ويندو آهيان پر سندن گاڏين کي هٿ لايان ئي ڪونہ ڪين چوندو آهيان تہ "اهو سون ئي گهوريو جيڪو ڪن ڇني" توهان کي ٽڪيٽن ڏيارڻ بدران يا توهان جي ليسن رد ڪرائڻ کان سٺو آهي تہ مان جنگهون نوڪيندو رهان. ٽڪيٽ ڏيڻ يا ڏيارڻ آمريڪا ۾ عام محاورو آهي اتي ڪوڏنڊ ڏوه سرڪار مقرر ڪندي آهي تہ ٽڪيٽ ملندي آهي. مثال گاڏي غلط جاءِ تي بيهاري توهان ڪٿي هليا ويا آهيو تہ پوليس وارو اوهان جي گاڏيءَ تي مقرر ڪيل ڏنڊ جي رقم جي ٽڪيٽ چنبڙايون پاڻ هليو ويندو ۽ اوهان کي ٽپال ۾ ڪجهہ ئي ڏينهن بعد ڪورٽ ۾ حاضريءَ جي سمن يانوٽيس اچي پهچندو پوءِ توها چاڻو توهان جو وڪيل ۽ سرڪار نامدار پاڻ ڄاڻي ۽ ها اگر سانده اهڙيون ١٢ ٽڪيٽون اوهان کي لڳل مليون تہ اوهان جو ليسن ڪن سالن تائين ضبط ٿيندو ۽ اوهان ڪابہ گاڏي نٿا هلائي سگهو.

WELCOME TO UNIVERSAL STUDIO

مان ۽ مالڪ ڏنو يونيورسل اسٽوڊيو وٽ لٿاسين دوست ارشاد. اسان کي هٿ ڇڏي وري ڇئن ڪلاڪن بعد ڪڻڻ جو واعدو ڪيو. جو ڪيس اميگريشن آفيس ۾ ضرور وڃڻو هو. اسين لهي اسٽوڊيو جي ٻاهران ئي وڏن شاندار لفظن ۾ يونيورسل اسٽوڊيو پلي ڪري آيا واري بورڊ وٽ بيهي فوٽو گرافي ڪئيسين ۽ پوءِ داخلا ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ لائن ۾ لڳاسين داخلا ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ 10 ڪن دريون هيون جتان ٽڪيٽ خريد ڪري سگهجي پئي. اسان بہ هڪ ڪڙڪيءَ وٽ بيناسين ۽ پوءِ 26 ڊالرن ۾ هڪ ٽڪيٽ يعني ٻئي ٽڪيٽون 52 ڊالرن ۾ خريد ڪيوسين (ٻئي ٽڪيٽون دوست مالڪ ڏني خريد ڪيون) ۽ ٽڪيٽ وٺي اندر داخل ٿيڻ واري دروازي وٽ آياسين اتي بيٺل نگهبان عملي اسان کان ٻئي ٽڪيٽون وٺي اسان جي هٿ تي هڪ ٺپ هنيو جيڪو اندر داخل ٿيڻ جي اجازت طور اسان کي ڪم آيو ۽ اسان اندر گهڙندي هڪ ٻئي پٺيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

چار وڏا Escalators لهي هيٺ قطار ۾ بيهي ٽرام ۾ چڙهڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. تمام وڏي مخلوق هئي ڪافي دير ڪانپوءِ هڪ ٽرام ۾ سوار ٿياسيون. ۽ اسان سان گڏ هڪ (گائيڊ) رهنمائي ڪرڻ وارو جنهن جو نالو (Robbert) رابرٽ هيو. سو اسان سان اسان جي رهنمائيءَ لاءِ سوار ٿيو ۽ ماٺهو پورا ٿيا تہ ٽرام هلڻ لڳي. گائيڊ ڳالهائڻ لڳو. هن خوش آمديد چوندي يونيورسل اسٽوڊيو جي عجيب وغريب نظارن متعلق ٽرام ۾ فٽ ٿيل مائيڪ ۾ لائوڊن تي معلومات ڏيندي، اسان کي مصروف پئي رکيو. اسين. تعجب ڀريل نظرن سان پراڻين ۽ جڳ مشهور فلمن جي محفوظ ڪيل سيٽن کي ڏسندي گذرندا پئي وياسين. ڪئي سال اڳ جڳ مشهور فلمن جا سيٽ يادگار طور اجان بہ لڳل هئا اسان ٽرام تي ويٺي ئي انهن کي ڏسندا پئي وياسون. ٽرام تان هيٺ پير لاهڻ جي ڪنهن بہ سياح کي موڪل نہ هئي. ڪنگ ڪانگ نالي پراڻي ٻارن جي مشهور فلم ان جو سيٽ اجان لڳل هو پراڻين ڪائو بواءِ Cow Boy فلمن جا سيٽ مختلف گهر بازاريون چوُنڪ. پب (ننڍڙا ميخانا) ڪلبون وغيره اجان اهڙيون جو اهڙيون جڙيل هيون 10 Cemmondo's ٽين ڪمانڊو فلم جو سيٽ پراڻي فلم رومن سينيٽ (Roman Senate) جو ڏيڪ اجان محفوظ ٿيل هئو. شڪاگو ۽ نيويارڪ جي مشهور گهٽين جا هو بهو ڏيک هن اسٽوڊيو ۾ ڏٺاسين. مثال نيويارڪ جي وال اسٽريٽ جي فلمبندي ڪرڻي هجي تہ اُهو سيٽ هتي موجود هئو ۽ سوڌ اهڙو جو اُن اصل ۽ نقل ۾ رتيءَ جو بہ فرق نہ. اڳتي هلياسين تہ The Birds فلم جو سيٽ لڳل هو يا سائيڪو هائوس جي فلم جو گهروارو سيٽ نظر آيو هڪ ميڪسيڪن (Mexican) فلم جي سيٽ تان لنگهندي، اسان جي ٽرام هڪ غار ۾ داخل ٿي ۽ جيئن ئي غار ۾ داخل ٿياسين تہ غار چوڏاري ڦرڻ لڳي اسان جا تہ چپ وچي ڏندن سان لڳا واڱڙن جيان هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳاسين. پر پوءِ پاڻ سنڀاليو ئي مس تہ لڳو اسين نارمل ٿي ويا آهيون ۽ ٽرام اڳتي ڇُري رهي آهي بلڪل ائيز جيئن ڀريون هٿاسين گائيڊ جو آواز اسان کي گائيڊ ڪندو پئي هليو.

اڳتي هلياسين تہ هڪ ٻئي سيٽ تي هڪ وڏي Dynosar جو

سيٽ لڳل هو گائيڊ ٻڌائيو ته انساني ارتقا تي هيءَ ٺهندڙ فلم 1993ع ۾ رليز ٿيندي.

اڳتي وڌياسين ته هڪ هنڌ Herry & Hendresen هيري ينڊ هينڊريسن جي پروڊڪشن جو دفتر نظر آيو اتي گائيڊ اسان کي ٽرام مان لاهي هڪ هال ڏي وٺي آيو ٻاهران E.I.adventure لکيل هو. سامهون باقاعده هڪ سئنما جو پردو لڳل هو ۽ اسين سيٽن تي ويٺا سون ته اسان ڏٺوسين ته پردي تي هڪ فلم جي شاٽ ظاهر ٿي جنهن ۾ الفريڊ هچڪاڪ Statue of liberty جي 300 فوٽ واريءَ مٿانهين کان ٽپو ڏئي ٿو ۽ ان شاٽ جي فلمبنديءَ جا مختلف مرحلا ۽ ان جي سائونڊ افيڪٽس) صوتي اثرات وارو مرحلو ڏيکاريو ويو.

الفريڊ هچڪاڪ جي ٽپي ڏيڻ کان وٺي ۽ ان جي هيٺ ڪرڻ تائين ان سين جا صوتي اثرات هڪ ٽيپ ذريعي هلائي ٻڌايائون الفريڊ هچڪاڪ جو ٽپو ڏيڻ هوا ۾ رهڻ هيٺ اچڻ تائين سڀ صوتي اثرات سامهون ٻڌايائون ڏٺم ته مون وانگر ڪيترن همراهن جا وات ڦٽيل هئا اها مٿئين سين شايد ڪئي سال اڳ ٺهيل فلم Back To The Future فلم جي هئي.

ان بعد ٽرام تي ويهي اڳتي هلياسين ته هڪ ٻئي پراڻي فلم River Corey جو سيٽ هئو ان فلم جي لاءِ لڳايل سيٽ واري پل مٿان جيئن ئي لنگهياسين ته هيٺان سمونڊ ۽ مٿان اسان هئاسين. دل تنهن مهل سچ پچ ٻيهندي محسوس ٿي جنهن مهل سمونڊ مٿان ٽرام گذرندي پل ڏڙام وجي هيٺ ڪيو ۽ هيٺيان سمونڊ وهي رهيو هو. ٻيئي اکيون بند ٿي ويون ماڻهن جي ڊپ کان وات ٻي ٻيڪوڙي ڇڏيم ته مٿان پراڻي ڏيهه ۾ ماڻهو نه ڪلائي وجهان، ڏٺم ته مالڪ ڏٺو، جو منهن جي سامهون ويٺل هو تنهن جو به اهو ئي حال هيو. ڪيترا ٻار ۽ عورتون جيڪي اسان سان ٽرام ۾ سوار هيون، تن جون ته باقاعدي رڙيون نڪري ويون (ٻوءِ ڇاٽي واٽي يا چرمخلائيءَ ۾) اکيون کوليون ته ٽرام پل تان گذري چڪي هئي ۽ ڪنڌ ورائي پٺيان ڏٺم ته پل جا ٻئي حصا پاڻ ۾ وري اچي ملي ويا جو جڻ الڳ ٿيا ئي نه هئا.

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڳتي هلياسين، تہ ڊرائيور طرف کان هڪ گهٽي نظر آئي جيڪا بلڪل خشڪ ۽ ڪنهن پن چڻ جي تاڪ منجهند واري ڏيک جيان ويران هئي، پر جڏهن اسان جي ٽرام ان جي پر سان لنگهي تہ اوچتو ان گهٽيءَ مان ايڏي زور سان پاڻيءَ جو ريلو آيو، جو اسان جي ٽرام ۾ پڻ سڄو پاڻي ڀرجي ويو. ان پاڻيءَ جي زوم مان اڇڻ ڪي ڏسندي وري ويٺل عورتن ۾، اسان سوڌو هراس پئجي ويو. پر جيئن ئي ٽرام گهٽيءَ وٽان اڳتي هلي تہ پاڻي غائب ۽ گهٽي ساڳي پن چڻ رُت جيان سڪل ٺوٺ لڳي پئي هئي. مون کي ائين لڳو تہ هيءَ مومل وارو ڪاڪِ محل آهي.

بلڪل شاه سائينءَ جي رسالي منجهان ورتل تصور ۽ ان مطابق مومل واري ڪاڪ محل جو سپنو مان ساڀيان ۾ ڏسي رهيو هوس. مان ۽ مالڪ ڏنو بلڪل انهن ڀاڙين شهزادن منجهان لڳي رهيا هئاسون جي ڪاڪ محل جي ور وڪڙن ۽ هيبت ناڪ ماحول کان ڊڄي پوئين پير موٽيا هئا. هاڻي نہ صرف گهٽيءَ مان پاڻي غائب هو پر وڻ ٽڻ بہ سڌا بيٺا هئا جي ٿوري دير اڳ طوفان ۾ اچي اسان جي ٽرام چوڌاري ڪري پيا هئا ۽ ٽرام جي درن کان اسان کي اندر وينئي ڇهي رهيا هئا. ۽ اُها برسات بہ ڪونہ هئي جيڪا مٿان زور سان وسي رهي هئي هيءَ فلم جي آهاسين هئي جنهن ۾ زوردار برسات پوڻ ڪري، طوفان ۽ ٻوڏ جو منظر فلمايو ويو هوندو.

اڳتي وڌياسون تہ ٽرام هڪ سمونڊ اندر ٺهيل غار ۾ داخل ٿي مٿان باقاعده سمونڊ جي پاڻيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو ۽ پاڻي اسان جي پيرن کي بہ ڇهي رهيو هو. زمين تي زلزلو اچي چڪو هو، ۽ اسان جي ٽرام ڪرڙهارڪي پئي ٿي ۽ اسان ان زلزلي ۾ فرانسسڪو کان برڪلي وڃي رهيا هئاسون. يعني هيءَ سين هئي ڪنهن فلم جي جنهن ۾ سمونڊ اندران گذرندي ريل زلزلي جي نذر ٿئي ٿي ۽ اها ڪهڙي فلم جي سين هئي تنهن فلم جو نالو ياد نہ آهي.

اڳتي وري اسٽوڊيو ننڍن ننڍن ٿيٽرن ۾ ورهائجي وڃي ٿو، جنهن ۾ 20 منٽ جو هڪ شو ٿئي ٿو ۽ انهن ٿيٽرن جي بہ هڪ هڪ جي ڏيکه ويکر گهٽ ۾ گهٽ اڌ لاڙڪاڻي جيڏي هئي ۽ اهڙا ڪيترا ٿيٽر جنهن ۾ مختلف ٽي وي سيريل يا مشهور فلمن جا جيئرا جاڳندا ڪردار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجي ڪردار ۾ زنده اسان جي سامهون موجود هيا.

مان ميامي وائس Miami Voice جي ٽڪيٽ وٺي اندر ويٺس، باقاعده ٿئيٽر جيان چوطرف ويهڻ جو بندوبست هيو ۽ وچم فلم جي جيئري جاڳندي سين ۾ ڪردار هئا.

خالي هال اک ڇنڀ، ۾ پرجي ويو ۽ پوءِ شو شروع ٿيڻ جو بگل وڳو. پري کان هڪ هيليڪاپٽر آيو سمگلرن ان تي فائرنگ ڪئي ۽ پوءِ زمين تي فائرنگ شروع ٿي وئي رت، لاش فائر بلڪل ڪراچيءَ جي تازه ترين صورتحال جيان، ڪراچيءَ جي اسٽيج جو خوني ڊرامو رچائيندڙ به شايد ان ڏيهہ جو تربيت يافتہ آهي. ويهہ منٽ ڪن شو هليو پورو ٿيو ٿئيٽر کان ٻاهر نڪتاسين تہ پرسان ٻيو ٿئيٽر لڳل هو Betlle Juices اهو شو بہ ڏٺوسين ان بعد ٿورو وقفو ڏئي ٽئين ٿئيٽر ۾ گهڙياسين Gvave Yard Revue مردا، قبرستان غائب، وري حاضر مطلب تہ ماضيءَ ۽ حال وارين فلمن جي منظرن ۾ هنن شاهڪار فلمن جي خالقن کي داد بہ ڏئي رهيا هئاسون. اهي بہ چار شو ڏسي فارغ ٿياسون تہ ٽائيم گذرڻ جو احساس ٿيو واچ ڏٺي سون منجهند جا تقريباً سواٽي وڄي رهيا هئا. دوست ارشاد اسان کي کڻڻ لاءِ آيو هوندو ۽ ٻاهر انتظار ۾ هوندو اهو سوچي پڳاسون ٻاهر ۽ سڌو اچي ٻاهر ساهہ پٽيوسون دوست ارشاد کي ويلڪم ٽو يونيورسل اسٽوڊيو بورڊ وٽ منتظر ڏٺوسين. يونيورسل اسٽوڊيو جي پراسراريت تي مان شاهہ سائينءَ جو بيت جهونگارڻ لڳس.

دهشت ڏوم درياهہ ۾ جت سناٽا سيسار
بيحد ٻاگو بحر ۾ هيبتناڪ هزار
ساريان ڪانہ سرير ۾ طاقت توهان ڌار
ساهڙ چار ستار- سگهو رسج سير ۾
-شاهہ-

گاڏيءَ ۾ ويناسون تہ دوست ارشاد خوشخبري ٻڌائي تہ اميگريشن وارن ڪيس ڪارڊ ڏئي ڇڏيو آهي ۽ ڏنم تہ دوست سرهو هو. اسٽوڊيو تان واپسيءَ تي ارشاد جي گهر جو رخ رکيوسين ۽ برهام Barham Blvd تان ٿيندي ارشاد جي گهر وٽ اچي پهتاسون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سندس گهر ۾ تڪيل سندس چاچي ۽ هڪ دوست ڊاڪٽر سان ملاقات ٿي هي نوجوان ڊاڪٽر سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ جو گرئجويٽ هيو ۽ 90 ۾ جيئن ئي گرئجويشن ڪيائين تہ سڌو آمريڪا ڪان اچي نڪتو ۽ هتي ڪنهن روزگار سان آهي ساڻس ڳالهائيندي لڳو تہ في الحال ڪنهن سٺي روز گار سان نہ هئڻ ڪري بي مزي آهي بهر حال اهو هر نئين آمريڪا ۾ وارد ٿيڻ واري جو حال هوندو آهي چوٽي آهي تہ پهرين 100 ڏينهن ۾ جنهن آمريڪا جي سٺ سهي ورتي اُهو سمجهو تہ جڻ ڪوريءَ مان پچي نڪتو. سو همراه جو بہ اجا ڪوريءَ ۾ پچڻ ۽ پچرڻ وارو مرحلو جاري اهي. ڪيس وقت ۽ حالتن جي انتظار لاءِ همتايوسين ۽ ائين ڳالهائيندي چانهن پيئندي ڪافي وقت ارشاد جي اپارٽمنٽ تي گذاريوسين. ان دوران ارشاد اسان کي پوري خلوص سان صلاحيندي چيو تہ سچ لهڻ ۾ ڪادير آهي اوهان هلڻ چاهيو تہ سمونڊ ڪنارو جنهن کي Hermosa چوندا آهن هلو تہ اُتان ٿي اچون چو تہ توهان پنهي جي، مون ڏانهن ۽ مالڪ ڏني ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين) تہ توهان جي جهازن جي وڃڻ ۾ اجان ڪافي وقت آهي ڪجهہ وقت بہ گذري ويندو. اسان سندس خلوص پرئي دعوت کي نہ نہ ڪئيسين ۽ سمونڊ ڪناري روانا ٿياسين.

هرموسا نهايت سهڻو سمونڊ ڪنارو لڳو-ڪافي پيهہ هئي، هونئن بہ هن طرف جي ماڻهن لاءِ سمونڊ ڪنارو نهايت وڻندڙ تفريح آهي. موڪل وارن ڏينهن تي اڪثر ماڻهن جي گاڏين پٺيان ننڍڙيون پيڙيون بدل (Boats) ۽ سچو ڪٽنب ساڻ، سمونڊ ڪنارن، ڏانهن رمندي نظر ايندا. صبوح ڪان شام تائين سمونڊ ڪناري، واريءَ مٿان ننڍيون ننڍيون چٽ ڪبريون چٽيون هنيون، اُن جي هيٺان ڪلاڪن جا ڪلاڪ بي ساه بڻن جيان سُتل نظر ايندا. عورتون، مرد ٻار سب سوئمنگ ڪاسٽيوم پهريل هزارن جي تعداد ۾ پيا سمونڊ، اُس ۽ ترڻ جو مزو وٺندا.

هڪ دفعو نيويارڪ جي برائٽن بيچ تي (Brighten Beach) تي وڃڻ ٿيو ساڳيو ئي منظر هزارن جي تعداد ۾ سمونڊ ڪناري سنهي چيلهہ واريون ائين بي جان ستل هيون جو پري ڪان لڳو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پئي تہ ڇڻ رنگ برنگي مڇيون سمونڊ ۾ مان نڪري اچي ڪناري پيون آھن. ڏسڻ ۾ تہ اڄ بہ ساڳيوئي منظر پئي آيو آھي ٿي پري پري تائين نيريون، سايون ڳاڙھيون ڇتيون زمين ۾ ڪُتل ۽ انھن ھيٺيان ڪُرڙين جيان ڪاٺيون سُتل ڪڏھن ڪڏھن پئي لڇيون ۽ ڦٽڪيون يا پاسو پئي ورايائون يا سڏو سمھي سڄ جو تئہ پئي ورتائون ڪافي دير سمونڊ ڪناري سير ڪندا رھياسين ۽ خاص ڪري سڄ لھڻ جو سمان اندر ۾ اوتي ھرموسا کي خدا حافظ چيوسين.

اڄ ڪئليفورنيا ۾ آخري شام ھئي مالڪ ڏني کي واپس سئن فرانسڪو وڃڻو ھو ۽ مان جيئن تہ اڳ ذڪر ڪري چڪو آھيان تہ مون کي ڊاڪٽر پٽيء ڏاڍي پيار سان ملواڪيء جي، جتي سندس گھر آھي دعوت ڏني ماڻا واڪي شڪاگو کان تقريباً ڪو ٻن سو ڪلوميٽر جو مفاصلو آھي، ۽ ڪار ۾ ملواڪيء کان شڪاگو اچڻ تائين ٻہ اڍائي ڪلاڪ پئي لڳا. مون کي ان ملواڪي ۽ شڪاگو جي فاصلي جي خبر بلڪل ڪونہ ھئي تہ ڪو ٻئي پاڙ ۾ ايتري فاصلي تي آھن سو ڊاڪٽر صاحب بہ دعوت ۾ بار بار پئي چيو تہ توھان واپسيء تي شڪاگو مان ٿيندا وڃو سو منھنجي سمجھہ ۾ ائين پئي ايو تہ ملواڪي ۽ شڪاگو ڪو روھڙيء ۽ سکر جيترو فاصلو ھوندو منھنجي پنھنجي سٿاء موجب تہ مون کي ڪئليفورنيا کان پوء ھيوسٽن وڃڻ ھو. پرھيوسٽن وڃڻ لاء ڪئليفورنيا کان شڪاگو پھچي اتان ٻئي اڏام تي ھيوسٽن وڃڻو ھو، سو شڪاگو رستي ۾ ھئڻ ڪري، ڊاڪٽر صاحب کي ھام واري تہ اوھان وٽان ٿيندو ويندس. ڊاڪٽر صاحب کي اھو بہ ٻڌايو تہ منھنجي اڏام سادي ائين بجي آھي، يعني سادي ائين بجي لاس اينجلس تان جھاز اڏندو ۽ توھان وٽ پھچي ويجبو. مون کي ۽ مالڪ ڏني کي گھر کان ايئرپورٽ ڏانھن نڪرندي نڪرندي دير ٿي وئي، سو ايئرپورٽ پڳاسين تہ سادي ائين واري اڏام اڏي چڪي ھئي. ۽ پوء مون کي ٻيو جھاز جيڪو شڪاگو لاء مليو آھو اتان سادي يارھين بجي اڏاميو. ان کان اڳ مالڪ ڏني مون کي ڏاڍو زورڀريو تہ ڏينھن ٻہ مون سان ھلي، سانِ ھوزي ۾ گھارِ. پر مان جيئن تہ ھيوسٽن ۽ شڪاگو لاء ذھني طور تيار ٿي چڪو ھوس سو مالڪ ڏني کان ڏاڍي پيار سان وري ٻئي سال اچڻ جي حامي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پري موڪلايو ۽ ائين مالڪ ڏني سان پيار پاٻوهه ڀريل سفر ختم ٿيو ۽
اسان ٻنهي حسين يادون سانديندي هڪ ٻئي کان ۽ هڪ پياري دوست
ارشاد کان موڪلايو ۽ پنهنجيءَ پنهنجيءَ منزل ڏانهن روانا ٿياسين.
مان آمريڪن ايئرلائينز جي اڏام 1744 تي تقريباً رات جو
شڪاگو جي مقامي وقت پنجين بجي ڌاران اچي شڪاگو پهتس هتان ٻي
فلائيٽ جيڪا هيوسٽن لاءِ مون کي ملڻي هئي سان صبوح جو اٺين بجي
هئي مان دل ۾ سوچيو تہ ڊاڪٽر صاحب کي ايئرپورٽ تان فون ڪري
شڪاگو ۾ ترسڻ جي معذرت ڪبي ۽ اها اٺين بجي واري اڏام پڪڙي
سڌو هيوسٽن روانو ٿبو پر صبوح جو پنجين بجي ڊاڪٽر صاحب کي ننڊ
مان اٿارڻ مناسب نہ لڳو مان لائونج ۾ ويهي وقت گذرڻ جو انتظار
ڪندو رهيس. لاس اينجلس ۽ شڪاگو جي وقت ۾ ٻہ ٻہ ڪلاڪن جو
فرق هيو. شڪاگو جو ايئرپورٽ ويڻي ويڻي جهڙي طرح مون کي
مصروف لڳو تہ ان مان اهو محسوس ٿيو تہ. شڪاگو جو ايئرپورٽ دنيا
جو مصروف ترين هئڻ جي صرف دعويٰ ناهي پر بلڪل صحيح بہ آهي.
هتان هڪ ڏينهن اندر اندازاً ٻاويهہ سؤ اڏامون لهن چڙهن ٿيون.
سامهون ٽي وي سرڪٽ تي جيئن جيئن جهاز لهن ۽ اڏامن پيا تيئن
سرڪٽ جو نقشو بہ هر منٽ اندر بدلبو پئي ويو مان جهازن جي ايڏي
تيز رفتار لهہ چڙهہ کي پنهنجي ايئرپورٽ سان ڀيٽائڻ چاهيم تہ ذري
گهٽ ڪل پئي نڪتي پاڻ وارو ايئرپورٽ هتان جي ڪنهن سؤٽي حصي
کان بہ گهٽ مصروف پئي لڳو. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون
سوچيندي ذري گهٽ ساڍا ڇهہ ڪن وڳا تہ مان اٿي ڊاڪٽر صاحب جي
فون ملائي. ڪنهن عورت جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو مان ڪيس پنهنجو نالو
ٻڌايو تہ جيڪو جواب محترمہ ڏنو سو مون کي شرمندي ڪرڻ لاءِ
ڪافي هو. فون تي شايد ڊاڪٽر صاحب جن جي والده هئي جو تہ آواز
ڪجهہ عمر رسيده عورت جو پئي لڳو اُن ٻڌايو تہ بابا توهان جنهن
فلائٽ تي اچڻ لاءِ چيو هو اُن تي نہ آيا. ڊاڪٽر صاحب اوهان کي
پنهنجن ٻن چئن دوستن سان گڏ ايئرپورٽ تي وٺڻ آيو هو ۽ هتان کان
ايئرپورٽ تائين هڪ طرف جو مفاصلو ذري گهٽ ٻن ڪلاڪن جو آهي.
مان تہ فون تي جهاز نڪري وڃڻ جو سبب ٻڌايو پر دل ۾ اهو سوچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نهايت شرمندو ٿيس، تہ ڪاش ٿوري لاپرواهي نہ ڪجي ها تہ جيڪر ساٿي جهاز تي پهچي ها ۽ هيتري تڪليف هن مهربان کي نہ اچي ها. پر تنهن وقت مون بہ صحيح نہ سمجهي سگهيو هوس تہ ڪو ملواڪي ۽ شڪاگو ايڏو پري آهي. مان سوچيو پئي تہ هي جهاز ويو تہ ٻئي جهاز ۾ ويهبو ۽ شڪاگو پهچي ڊاڪٽر صاحب کي فون تي رابطو ڪبو يا مان پاڻ ئي ٽيڪسي وغيره وٺي ڊاڪٽر صاحب وٽ پهچي ويندس پر هيءَ سڄي ماجرا ٻڌي مون کي سخت شرمندگي ۽ افسوس ٿيو. والده ٻڌايو تہ ڊاڪٽر صاحب قرآن پاڪ جي دؤر ۾ مشغول آهي توهان ٿوري وقفي ڪانپوءِ فون ڪجو. پر مان پنهنجي شرم وچان ڊاڪٽر صاحب کي ٻيهر فون نہ ڪري سگهيس، ڇو ته هڪ تہ آئون پاڻ بہ ٽيڪسي ڪري هينئر مالا واڪي نہ پئي پهچي سگهيس ۽ نہ ڊاڪٽر صاحب کي ٻيهر تڪليف ڏيڻ پئي چاهي تہ هو وري بہ ادائي ڪلاڪ سيڙائي مون ڏانهن اچي. سو ان مرم وچان مان امڙ کي نياپو ڏنو تہ ڊاڪٽر صاحب کان منهنجي پاران معذرت. مان نهايت شرمندگي محسوس ڪندي فون بند ڪئي ۽ پوءِ پنهنجي آڏام ڏانهن رخ رکيو مون کي جنهن گيٽ ۽ لائونج کان پنهنجي جهاز ڏي وڃڻو هيو. اُن جو تفصيل سامهون پٽ ۾ ڪتل ٽي ويءَ تان پڙهي اوڏانهن رخ رکيم ۽ جهاز تي چڙهڻ کان اڳ واريون سڀ رسمون پوريون ڪري جهاز تي سوار ٿيس. جهاز پوري ٽائيم تي زمين ڇڏي ۽ مان پشيمانيءَ واري ڪيفيت پاڻ سان کنيون شڪاگو کان ٽيڪساس جي شهر هيوسٽن ڏانهن اڏامي رهيو هوس.

هوسٽن جون هوائون ۽ مان:-

هيوسٽن ايئرپورٽ تي جهاز مان لهي لائونج ۾ آيس ٽيليفون بوٿ ڳولهي دوست ڊاڪٽر نثار کي فون ملايم. ڊاڪٽر نثار پاڻ گهر ۾ موجود ڪو نہ هيو، پر (Ansewring Machine) جواب ڏيندڙ مشين تان ورندي ملي تہ اوهان ڊاڪٽر کي سندس نوڪريءَ واري جاءِ تي فون ڪري سگهو ٿا ۽ پوءِ فون نمبر بہ مشين ٻڌائيندي رهي. ٻاهرين ملڪن ۾ هن قسم جي جوابي مشين جي وڏي سهولت آهي تہ جيڪڏهن اوهان گهر ۾ ناهيو تہ هيءَ جوابي مشين اوهان جا نياپا سنيها بہ نوٽ ڪندي ۽ اوهان کي گهر وارن جي متعلق بہ ڄاڻ ڏيندي رهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تہ ڪيتري دير ڪان ويل آھن؟ ڪڏھن ايندا؟ ۽ ڪيڏانھن ويل آھن؟ وغيره ھينئر پاڪستان ۾ ڪن دوستن وٽ يا ڪن ذاتي فرمن ۾ اھا مشين لڳل آھي. ڪراچيءَ جي وڏ گھراڻن ۾ تہ ان جو ھئڻ چڻ عام آھي.

سو جوابيءَ مشين جي ورندي پڏي سوچيم تہ دوست ڪي نوڪريءَ تان نہ سيڙائبو. البت پنھنجن ھن پائٽن جيڪي آھن تہ منھنجي عزيز دوست ھدايت بلوچ جا فرزند پر ادب مراد ايتري اٿن جو جڏھن ۽ جتي بہ ملندا تہ چاچا چئي نوڙي ملندا. مون سان تہ بہ رتيون ان ڪري بہ وڌيڪ لڳندي آھي جو ھمراھن کي راڳ رنگ جو ڏاڍو شوق آھي ڪراچيءَ ۾ ھوندا ھئا تہ منظور ۽ محمد يوسف جي نئين رليز ٿيل ڪيسٽ ڪين تحفو ضرور ڏبو ھو. دير ڪبي تہ ھُج مان، فون تي يا روبرو بہ چئبو چاچا نئين ڪيسٽ دير ڪئي آھي.

اُھي ٻئي، فاروق ۽ ممتاز سال اڌ ڪان ھتي ھيوسٽن جي پرسان ھڪ ڪائونٽي ۾ رھيل آھن ڊاڪٽر نثار سان رابطو نہ ٿيو تہ سوچيم ممتاز کي فون ڪريان ۽ پوءِ وري ممتاز جو فون ملايم، ممتاز فون تي مليو تہ اُنھيءَ پيار ۽ اُڪير مان خوش خيرعافيت بعد پڇيائين چاچا ڪٿان پيا ڳالھائيو مان ڪيس ٻڌايو تہ ھيوسٽن ايئرپورٽ تي آھيان پوءِ پاڻ ئي چيائين تہ توھان اتي ترسو آئون اوھان کي ڪٽڻ اچان پيو. مان لائونج ۾ ئي ٺھيل ھڪ ريسٽورنٽ جي ڪنڊ واري صوفي تي ويھي ممتاز جو انتظار ڪرڻ لڳس ۽ ان وچ ۾ بڪ ورايو تہ برگر وغير کائي پيٽ پري ورتم ۽ لائونج ۾ ھيڏانھن ھوڏانھن ڦرندي وقت گذارڻ لڳس لائونج ايئرپورٽ جي پھرين طبقي تي ٺھيل ھئي سو واري سان ڪڏھن ھيٺ پئي آيس تہ ڪڏھن مٿي لائونج ۾ پئي چڪر ھنيا. تان جو شام جا چار ڪن ٿي ويا ۽ مان بيقرار، منتظر منٽ منٽ ڳڻيندو رھيس. ان وچ ۾ ممتاز کي ھہ ٽي دفعا وري فون ڪيم تہ جواب نہ پئي آيو. سمجھ ۾ نہ پئي آئي تہ ماجرا ڇا آھي ۽ پوءِ بريف ڪيس ڪنيون لائونج مان ھيٺ لھي آيس تہ ڪنھن ھوٽل جو رُخ رکجي ڇو تہ ٻارنھن مان ڦري انھيءَ انتظار ۾ ويھندي ھينئر چار ڪن ٿي چڪا ھئا. سو بريف ڪيس کڻي اچي معلومات واري نديڙي ڪونيءَ ۾ ويٺل سھٽي مھانڊي واريءَ ميم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صاحب وٽ بيٺس، ۽ ڪيس ٻڌايم تہ مون کي ڪنهن هوٽل جو ڏس پتو ڏي جو آئون اُتي وڃڻ ٿو چاهيان. هن سامهون هڪ ڪنڊ ڏانهن اشارو ڪندي چيو ”محترم هوءَ فون لڳل اٿئي ۽ ان جي ڀرسان هڪ ننڍڙو ڪتاب پيل اٿئي جنهن ۾ هوٽلن جا فون نمبر انهن جي ڪمرن جا اگهہ وغيره ان ۾ تفصيل سان ڏنل آهن توهان اُتان ڪنهن هوٽل تي فون ڪيو ۽ ان هوٽل جي (Shuttle) گاڏي اوهان کي هتان اچي ڪٺي ويندي مان مهرباني چئي واپس فون ڏانهن آيس، ۽ بيهي هوٽلن جا فون نمبر ۽ نرخ وغيره پڙهڻ لڳس.

هيوسٽن جو هوٽل ڪمفرٽ اِن ۽ مان:

ورق اٿلائيندي پٿلائيندي نيٺ هوٽل ڪمفرٽ اِن کي فون ملايم اهو ٻڌائيندو هلان تہ هيءَ ٽيليفون جتان آئون فون ڪري رهيو هوس سا هُئي ئي صرف ايئرپورٽ ۽ ڀرپاسي وارن هوٽلن لاءِ. ٽن نمبرن ملائڻ سان هوٽل جو نمبر ملي ويو ۽ ٻئي پاسي ڪنهن من مهٽيءَ جو آواز هيو مان ڪيس ٻڌايو تہ مان ايئرپورٽ تي توهان جي گاڏيءَ جو انتظار ڪري رهيو آهيان ۽ اوهان جي هوٽل تي اچي ترسڻ چاهيان ٿو. مان جيئن تہ سارو ڏينهن اوسيئڙي ۾ گذاريو هو، سو چاهيم پئي جلد ئي ڪنهن هوٽل پيڙو ٿيان. هوٽل واريءَ ميم کي فون بند ڪرڻ کان پهريائين اهو تاڪيد ڪيم تہ جلد ئي گاڏي موڪلجو. مان فون بند ڪري بريف ڪيس هٿ ۾ لوڏيندو اچي باهرين گيٽ جي ڀرسان صوفي تي ويهي رهيس.

سامهون شيشن جي آرپار ٻاهران جو منظر صاف نظر اچي رهيو هو هيوسٽن جو شهر جهاز مان ئي هڪ نظر وجهندي لڳو هوم تہ ڏاڍو سرسبز آهي جهاز مان هيٺ نظر ڪئي هئم تہ ايئرپورٽ جي چوڌاري گهاٽا ڊگها محبوب جي قد جيان سرو قد وڻ ئي وڻ هئا تاحدِ نظر گهاٽا ۽ سرسبز وڻ ڏسي اندازو لڳايو هوم تہ هيوسٽن سرسبز هوندو. سو هينئر بہ شيشن وارن گلاسن کان آرپار ڏسي رهيو هوس تہ مٿان اُڀ تي هلڪا هلڪا ڪڪر ڇانيل هئا ۽ جهڙ جي ٿڌي هير ۾ سامهون وارا ساوا گهاٽا وڻ ائين لڏي لمي رهيا اهئا جيئن ڪنهن جهڙاليءَ رُت ۾ ڪينجهر جي ڪپ تي ڪنهن ڪامڻيءَ جي رُخ تي ڪارا ڪيا وار اُڏامندا هجن.

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سامهون وارو دلفريب نظارو پرڪيف هيو پر اڄ جي اوسيڙي موسم مان مزي وٺڻ وارن سمورن حواسن کي ٽڪائي وڌو هو سو اکيون ٻوٽي پٽ سان ٽيڪ ڏئي ويٺس ۽ انتظار جي گهڙين جي خفگي مٽائڻ لاءِ جرمنيءَ کان نيويارڪ اينڊي JFK ايئرپورٽ تي لهڻ مهل، اميگريشن وارن جي آڏي پڇا واري عدالت ۾ منهنجي حاضري ڏيڻ ۽ آميريڪي ڪسٽم وارن جي ڪارروائيءَ ڪرڻ، واري ڪيسٽ ذهن جي ٽيپ تي چاڙهي انهن خوفناڪ منظرن جو ايڪشن ري پلي ڏسڻ ويهي رهيس. شروعات ۾ ئي نيويارڪ ايئرپورٽ جو سين ڏسڻ ۾ آيو ۽ مان اکيون ٻوٽي ان وڊيوٽيپ ڏسڻ ۾ محو ٿي ويس.

جهاز جيئين ئي JFK ڪينڊي ايئرپورٽ تي پير کوڙيا ته مان پنهنجو سامان اڳ ۾ ئي پيڪ ڪري ڇڏيو هوم، سو جهاز بيهڻ شرط چند منٽن اندر جهاز جو در کليو ۽ مان ۽ منهنجي اڳيان سنڌي هندو فيملي جلدي جلدي ٻاهر نڪتاسين جو مون کي پي آءِ وارن دوستن ٻڌائي ڇڏيو هو ته، تڪڙي ٻاهر وڪ وجهبي ته اميگريشن ۽ ڪسٽمن وارن کان ٻه جلد فارغ ٿبو سو مان ٽيون ورانگون وجهندو ٽيون ڏاڪٽيون ٽپندو هيٺ اميگريشن واري هال ۾ آيس، پرکي ٻه چار همراهه مون کان ٻه اڳ ۾ قطار ۾ موجود هئا. مان کي همراهن ٻڌايو هو ته آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اصل انٽرويو نيويارڪ ايئرپورٽ وارو ليڪبو آهي ۽ ڪيئي مشڪوڪ همراهه هتان ٻه واپس پاڪستان موٽايا ويندا آهن. سو مان هال ۾ بيهي چوڌاري نظر ڦيرائي ته ڪو شريف همراهه ڏسجي ۽ ان اڳيان پيش ٿجي نظر ڊوڙائيندي 9 نمبر بوٿ تي هڪ ڪراڙي عورت نظر آيم اکيون ٻوٽي فصلو ڪيو ته انّ بوٿ تي پيشي ڏبي .. سو سِري اچي ان بوٿ جي قطار ۾ بيٺس مون کان چار همراهه اڳ ۾ بيٺل هئا مون کي سڏ ٿيو پهريون ڪجهه ڏڙڪ تي پر پوءِ پاڻ سنڀالي چيم خير آ. پورا ڏند هرويرو ٻه ڪڍندي ڪيس Good after noon چيو ۽ مولائڻ جو (REaction) جاچڻ لڳس منهنجي دل کي تسلي تڏهن ٿي جڏهن هن ٻه ڪلندي ئي مون کي سلام جو جواب وراڻيو. مون کان پاسپورٽ گهريائين سو ڏنومانس ۽ منهنجي پاسپورٽ ۽ اميگريشن ڪارڊ ٻه چار سيڪنڊ خاموش ٿي مطالعو ڪندي رهي. مان سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇهري جون لاهيون چاڙهيون جاچيندو رهيس، ٿوري دير بعد ڪنڌ مٿي ڪري پهريون سوال ڪيائين

ويزا ڪڏهن ڪهڙي تاريخ ملي هيئہ؟

مون وراڻيو 7 آڪٽوبر تي

ڪٿان؟

ڪراچي ڪان؟

گهٽا ڏينهن ٽڪندين؟

وراڻيم اٽڪل پندرهن ڏينهن ڪن.

مون وارو پرپل اميگريشن ڪارڊ وري جاچيندي پڇيائين

هيءُ ايڊريس وارا همراهہ ڪير آهن؟

مون چيو دوست آهن.

دل ۾ چيو تہ خدا ڪري اهو نہ پڇي تہ ڇا ڪندا آهن؟ ڇوتہ سا مون کي بہ خبر ڪونہ هئي ۽ اتفاقاً غلط جواب ٿيو تہ امتحان ۾ فيل ڪندي ۽ اتان ئي ساڳي جهاز ۾ واپس ڪري سگهي ٿي سو شڪر ٿيو جو اڳتي ان متعلق ڪو سوال نہ ڪيائين

چند منٽ بس ڪري وري چيائين تہ

واپسيءَ جي ٽڪيٽ اٿئي؟

مان ٺهہ پهہ وراڻيو ها بلڪل آهي پوءِ ٽڪيٽ ۽ PIA وارو ڪارڊ بہ ڪڍي ڏيکاريو مانس ۽ ڪجهہ وڏي آواز ۾ چيو مانس هي ڏس نوڪريءَ جو ڪارڊ بہ. مان ايئرلائينز ۾ ڪم ڪندو آهيان ۽ موڪلن ۾ مفت واري ٽڪيٽ خرچ ڪرڻ آيو آهيان مون کان ٽڪيٽ ۽ ڪارڊ ورتائين ۽ ٻنهي کي واري واري سان اٿلائيندي پٿلائيندي رهي پوءِ نيٽ نيو ڪٽي مون واري ڪارڊ کي هنيائين ۽ اڌ ڪارڊ جو ڦاڙي مون واري پاسپورٽ سان Stapple ڪيائين ۽ آخر ۾ پاسپورٽ ٽڪيٽ ۽ ڪارڊ مون کي واپس ڏنائين ۽ مان بنا ڏسڻ جي شيون واپس ڪيسي ۾ رکيون ۽ اڳتي روانو ٿيس ڏٺم ٿي نہ تہ گهٽڻ ڏينهن جي ويزا ملي، سوچيم اهي ٿيڙ ڪهر وڃي ڦولبا.

هڪ هٿ ۾ ٿيلهو ٻئي هٿ ۾ مٺائي وارا دٻا ڪنيون ٽڪڙو ٽڪڙو اڳتي هليس تہ سامان ۾ باقي رهيل بئگ هٿ ڪريان سو نيٽ سامان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

واري هال ۾ آيس تہ ڏاڪٽڻ کان لهندي ئي هڪ همراهہ ڏيڍ ڊالر وٺندي سامان کڻڻ لاءِ ٽرالي ڏني مون وٽ ڊالر T.C جي شڪل ۾ موجود هئا ۽ اندازاً 4 ڏهين ڏهين وارا پائونڊ بہ هئا (انگلينڊ جو سڪو) هڪ پائونڊ ٽراليءَ واري کي ڏنم تہ سامهو هڪ بوٿ ڏانهن. اشارو ڪري چيائين هُتان ڪلائي وٽ مان سڌو بوٿ وٽ ويجي 10 پائونڊ ڪولايا همراهہ مون کي 10 پائونڊن عيوض 15.9 پندرنهن ڊالر ۽ 90 سينٽ ڏنا سو موقعي تي ساڳئي همراهہ کي ڏيڍ ڊالر ڏئي ٽرالي ورتم ۽ سڌو آيس سامان واري هال ڏي سامان پٽي پٽي تي ڦريو تقريباً سڀ جهاز سوار همراهہ چوڌاري بيٺل نظر آيا جيڪي پنهنجي پنهنجي سامان لاءِ واجهائي رهيا هئا. نيٺ مون واري بئگ بہ پٽي تي ڦرندي نظر آئي ۽ هال ۾ بيٺل هڪ لوڊر پريان هٿ وجهي ان کي هيٺ لاٿو مان ڪيس پريان ئي رڙ ڪئي IT'S MINE ۽ وڌي وڃي پئي هٿ بئگ ۾ وڌم، مان جيئين ئي پئي هٿ بئگ ۾ وڌا تہ پويان ڪنهن پئي، پئي هٿ اچي مون ۾ وڌا، مان پوٺتي نظر ڦيرائي تہ ڏٺم هڪ ٿلهو بندرو سرڪاري ڊريس ۾ همراهہ مون کي چئي رهيو هو هي سامان تنهنجو آهي مان پهريون تہ ڪجهہ نہ سمجهيو ۽ چيومانس ها بلڪل منهنجو آهي ۽ تون ڪير آهين جواب ڏنائين ڪسٽم وارو.

منهنجا تہ هٿ پير ئي ٿڌا ٿي ويا جو ڏٺم تہ همراهہ سيٺن کي چڙي اچي مون کي ورتو آهي، سوالائي چا ٿيندو. هڪدم سوين دليل دل ۾ ڊوڙڻ لڳا منهنجي دل ۾ اڳ ۾ ئي جڏهن ڪراچي بهادرآباد مان مٺائيءَ جا ڊبا وٺي Tin packing لاءِ پيڪنگ واري دوڪان برهاني پيڪرز جي حوالي ڪيا هئم، تہ اُتي ئي شڪ ٿيڻ لڳو هو جڏهن برهانيءَ وارو چيو هو تہ ڊبا چڙي وڃو ۽ ٻن ڪلاڪن بعد ڪٽي وڃجو مان زال کي اتي ئي چيو هو، مولائڻ اگر هي انهن ٻن ڪلاڪن ۾ ڊبي اندر گڙٻڙ ڪري ڊبا بند ڪري ڇڏي تہ اسان تہ ڪيس ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهون سو دل ۾ ان مٺائيءَ جي ڊبن لاءِ هڪ هلڪو خوف هيلتائين رهيو سو منهنجا تہ سچ پچ حواس گم ٿي ويا جڏهن سون مسافرن مان ڪسٽم واري مون کي اچي سامان چيڪنگ لاءِ چيو خير مون کي بئگ ڪائونٽر تي رکڻ لاءِ چيائين، بئگ ڪائونٽر تي رکيم

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همراهه هڪ ڪري ڪپڙا ڏنا ۽ بئگ ڪي چوڌاري ٽڪي ٽوڪي ڪڙڪائي اونڌي سنئين ڪري ڏٺو، مان ان وچ ۾ سڪرات واري حالت ۾ رهيس بهرحال بئگ بند ڪري منهنجي حوالي ڪيائين ۽ مون کي Thank you چيائين. مان خدا ڪندو ڪسٽم هال مان ٻاهر نڪتو هوس.

اوچتو هيوسٽن ائيرپورٽ جي لائونج ۾ مون کي محسوس ٿيو ته منهنجي پرسان ڪو اچي ويٺو آهي ۽ منهنجي اڳيان پيل منهنجي بريف ڪيس کي شايد سندس پير لڳو ته مان اکيون کولي پنهنجي بريف ڪيس تي نظر ڦيرايم ۽ پوءِ پر ۾ ڏٺم ته نئين نندي خوبرو، خوش پوشاڪ منهنجي پرسان اچي پنهنجي بئگ رکي هئي ۽ ان بئگ جي ٻاهرين خاني ۾ رکيل اخبار ڪڍي ويهي پڙهڻ لڳي. مني اسڪرٽ پهريل سترهن ارڙهن سالن جي هن گوريءَ تي نظر وڌم پهرين ٽي نظر ۾ ڏاڍي سهڻي ۽ سمارٽ لڳي. مان وري پنهنجي واچ تي نظر وڌم ته شام جا پنج وڄي رهيا هئا ۽ اڃان هوٽل جي گاڏيءَ جو ڪو نالو نشان ئي ظاهر ڪو نه هو. بريف ڪيس کڻي ٻاهرين دروازي کان نڪري اچي ننڍڙي شيشي واري گهر ۾ اندر ويٺل ان عورت جي آڏو ننڍڙيءَ دريءَ کان بيهي ڪائنس پڇڻ لڳس ته ڪمفرٽ ان هوٽل وارن جي ڪا گاڏي ته ڪو نه آئي هئي ۽ اها عورت جيڪا ان ننڍڙي شيشي واري گهر اندران ويهي ٻاهران اينڊڙ ويندڙ گاڏين جو انتظام رکي رهي هئي ۽ اڳيان پيل ننڍڙي مائيڪ تي ويهي انهن اينڊڙ ويندڙ گاڏين، جن ۾ ٽيڪسيون ۽ پيون ذاتي گاڏيون به شامل هيون انهن کي اندران ٽي اندران ضروري هدايتون به ڏئي رهي هئي. ڪيس پوليس وارو لباس پهريل هو جنهن مان اندازو ٿيو هو ته هوءَ ٽريفڪ پوليس منجهان آهي منهنجي سوال تي هن مون ڏانهن ڏٺو ۽ مون کي وائڙن جيان ڏسي هو- موقعي مهل کي سمجهي ويئي ته ڪو ٻهراڙيءَ جو ٻڪرُ شهر جي وٿاڻ ۾ ڦاٿو آهي. مون ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين تو هوٽل جي گاڏيءَ کي پنهنجو ٽرمينل نمبر ٻڌايو آهي ته تون ٽرمينل نمبر بي B تي ان جو انتظار ڪري رهيو آهين مان نهڪر ڪئي ته هن مون کي اندران سمجهائيندي چيو ته تون هوٽل وارن کي وري فون ڪر ۽ کين ٻڌاءِ ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تون ٽرمينل بي جي Arrival تي سندن انتظار ڪري رهيو آهين. مان ان عورت جو ٿورو مڃيندي وري اندر ساڳي فون تي هوٽل وارن جو نمبر ملايو ٻئي طرف کان ساڳيو ئي سُريلو آواز ٻڌڻ ۾ آيو مان جيئن ئي ڪيس پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو ته محترما! اوهان جي گاڏيءَ جو ڪافي وقت کان انتظار ڪري رهيو آهيان ته هن مون کي دٻ پٽيندي چيو، ته توکي پهريون ٻڌائڻ ڪپندو هو ته تون ڪهڙي ٽرمينل تي بيٺو آهين. اسان جي گاڏي ٽرمينل A,B۽C تان اوهان لاءِ ٻه چڪر ڪائي موٽي آئي آهي، هينئر اوهان ٻڌايو ته ڪهڙي ٽرمينل تان ڳالهائي رهيا آهيو. مان ڪيس ٻڌايو ته مان بي ٽرمينل جي Arrival تان ڳالهائي رهيو آهيان ۽ پوءِ فون بند ڪرڻ کان اڳ محترما وراڻيو اوهان ٻاهر نڪري بيهو اسان جي گاڏي 15 منٽن ۾ اوهان وٽ پهچي ويندي مان ڪيس مهرباني چوندي فون جو رسيور واپس ڪريڊل تي رکيو ۽ لائونج کان ٻاهر نڪري آيس. دل ۾ سوچيندو رهيس ته مت موڙهيل ماڻهوءَ جو ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ ئي غلطي آهي، يا ته نڪرڻ کان اڳ ان ملڪ يا شهر جي جاگرافي، تواريخ سڀي پڙهي پوءِ نڪرجي، يا نڪرجي ئي نه. لاس اينجلس واري ايئرپورٽ واريءَ تعديءَ مان ئي مون کي سکڻ ڪپندو هو ته جهاز مان لهي ايئرپورٽ متعلق سڀي معلومات مون کي دوست کان فون تي يا هتان جي معلومات واري ڪائونٽر تان وٺڻ ڪپندي هئي ۽ مان اگر ائين ڪريان ها ته هي هيڏا سارا ڪلاڪ ضايع نه ٿين ها. منهنجي دل ۾ پوءِ ته اهو به خيال پڪ ڪري ويو ته، ممتاز ويچارو آيو هوندو ۽ ان سان به اهڙي ويڌن ٿي هوندي جو مون کي ٻين ٻن ٽرمينلن تي ڳولهي ڳولهي واپس ويو هوندو. هاڻي ته جيڪا ٿيڻي هئي سا ٿي چڪي، پر اڳتي خدا ڪري اهڙي چريائپ نه ٿئي اجا اهي ئي پور پچائي رهيو هوس ته ڪمفرٽ ان جي گاڏي اچي منهنجي سامهون بيٺي ۽ ڊرائيور به منهنجي مهانڊي مان مون کي جاچي ورتو هو ته اهو وائڙو ماڻهو مان ئي ٿي سگهان ٿو مان گاڏيءَ جي پرسان بيٺس ته گاڏيءَ جو پاڻ مرادو ڪلندڙ دروازو (Automatic) ڪليو مان بريف ڪيس سوڌو گاڏيءَ ۾، گاڏيءَ جو دروازو بند ٿيو ۽ گاڏيءَ جي نيگرو ڊرائيور مون ڏانهن آئيني مان ڏٺو، مان سمجهيو ته اجهو هي به ٺاهوڪي چٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيندو جو ڪيس بہ دفعا رُلايو اٿر. پرهن پاڀوهہ مان مون کي آئيني مان ڏسندي مرڪي مون کي شام جو سلام ڪيو ۽ پوءِ بنا ڪڇڻ جي گاڏي ايئرپورٽ جي حدن کان ٻاهر ڊوڙائيندو رهيو مان ٽڪ ۾ چپ چاپ ڪيون روڊ جي ٻنهي پاسن کان ٽيڪساس جهڙي افسانوي ڪردار واري رياست جي شهر هيوسٽن جي رستن تي ڪائو بوائز جون اُهي خونخوار ٽوليون ڳولهيندو رهيس جيڪي نندي هوندي کان فلمن ۾ يا ماڻهن جي واتان ٻڌندو آيو هوس، تہ هتي ڏينهن ڏٺي جو روڊن، رستن تي چاقو هٽي ماڻهن کي ڦريو ۽ ماريو ويندو آهي. پاڪستان ۾ جگهڙن وارن علائقن کي عام ڪري ٽيڪساس سان مشابهت ڏني ويندي آهي، تہ لالوڪيت يا لانڍي هيئر چڻ ٽيڪساس بڻجي ويو آهي. سو اڄ ان ٽيڪساس جي، رستن تي مان ڪجهہ ٽڪل ڪجهہ هراسيل هوٽل ڪمفرٽ اِن ڏانهن وڃي رهيو هوس. ساري ڏينهن واري ٿڪ مون کي پڄي وڌو هو ۽ مان گاڏيءَ مان لهي هوٽل ۾ اندر داخل ٿيس، سهڻن وصفن واري من موهڻي پدمڻي دخل تي ويٺل هئي مان سڌو ان وٽ اچي ڪمري لاءِ پڇيو هن منهنجي نالي سان اڳ ۾ ئي ڪمرو رکي ڇڏيو هو مان چاٻي وٺڻ کان اڳ ۾ ڪيس پنهنجي نوڪريءَ وارو ڪارڊ ڏيکاريندي چيو تہ آئون ايئرلائن ۾ ڪم ڪندو آهيان ۽ ايئرلائين واري عملي لاءِ سڄي دنيا جي هھڙن فور اسٽار، يا فائيو اسٽار هوٽلن ۾ رعايت هوندي آهي سو مان بہ ان رعايت جو طلبگار آهيان، هن منهنجي ڪارڊ کي منهنجي هٿ مان وٺي اڳيان پويان اٿلائي ڏٺو ۽ مون کي Ex-cuse me چئي دخل جي پويان دروازي ۾ ڪنهن جل پريءَ جيان غائب ٿي وئي. دروازي مان وري ظاهر ٿي تہ ساڻس هڪ اڌڙوٽ عمر جو همراه مهانڊن ۾ اسان جي ڏيهہ جو پئي لڳو، سو بہ ساڻس گڏ هئو. هن همراه مون ڏانهن ڏٺو، مان پڻ ڏٺو تہ مون وارو پي آءِ اي وارو ڪارڊ هاڻي چرڪريءَ جي بدران سندس هٿ ۾ هو هن مون سان مخاطب ٿيندي مون کان پڇيو، اوهان پي آءِ اي ۾ ڪم ڪندا آهيو؟ اهو تہ ان ڪارڊ مان جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي تنهن مان ئي ظاهر آهي. پوءِ همراهہ مرڪي مون ڏانهن هٿ وڌائيندي پڪل ٽٽل اردو ۾ چيو مان بہ توهان جي پاسي جو آهيان پوءِ خبر پئي تہ همراهہ ايراني هيو ۽ هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

هوٽل ۾ ڪيترن سالن کان مئنيجر آهي. هن مون کي ان ڪارڊ ڪري تقريباً اڌ رعايت مون سان ڪئي، ۽ هينئر اهو هوٽل جو ڪمرو مون کي 60 ڊالرن روز جي بدران 30 ڊالرن ۾ پيو. مان چاٻي وٺي هيٺ طبقي تي ٺئي واقع پنهنجي ڪمري ڏانهن آيس، ۽ در کولي بريف ڪيس هڪ پاسي رکي پلنگ تي پاڻ اڇلايم باقي برداشت ڪرڻ جي سگهه مون ۾ نه رهي هئي، ۽ مان بنا بوٽ لاهڻ جي ئي ڪونگهرا هڻڻ لڳس.

اڪ ڪلي تہ رات جا اٺ وڄي رهيا هئا مان پيرن ۾ پيل بوٽ ڏانهن نظر وڌم هلڪي مشڪ چپن تي ڦهلجي وئي سچ چوندا آهن تہ ماڻهوءَ کي ڪنڊن تي بہ ننڊ اچيو وڃي مون کي تہ پوءِ بہ نرم نفيس بسترو مليو هو سو ننڊ ائين گهيرو ڪيو هو جو بہ ڪلاڪ ڪن دنيا جهان جي خبر ئي ڪونہ پئي، تہ آئون ڪٿي اچي پهتو آهيان. بستري تان اٿي سامهون شيلف مٿان رکيل ٽي وي کي کوليم. ڪو ڪارو انگريز ڏاڍو سُر ۾ ڳائي رهيو هو ڪا جهٽ ائين ئي ليٽندي ٽي وي ڏسندو رهيس پوءِ خيال آيو تہ ڊاڪٽر نثار هينئر نوڪريءَ تان گهر آيو هوندو سو ڪيس فون ڪجي مان ڊائريءَ تان فون نمبر ڏسي ڊاڪٽر کي فون ملائڻ لڳس.

ڊاڪٽر نثار حقيقت ۾ منهنجي سالي جو دوست هو. جنهن کي مون واري سالي نيويارڪ مان فون ڪري ڇڏي هئي تہ آئون وٽس ايندس، سو همراهہ کي منهنجي (Biodata) تفصيل جي ڄاڻ اڳيئي هئي تہ آئون ڪيليفورنيا مان گهمندو ڦرندو وٽس پهچڻ وارو آهيان. ڊاڪٽر نثار بہ ٿورو وقت اڳ اچي آمريڪا پهتو آهي ۽ هتي جي نهايت شريف ۽ معزز وساڻ خاندان سان سندس تعلق آهي. سندس پيو پاڻ جيڪو پڻ ڊاڪٽر آهي سو ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن پاسي ڪٿي ڊاڪٽري بہ ڪندو آهي ۽ سندس گهر بہ اتي آهي.

سو ڊاڪٽر کي فون ملائي تہ ٻئي پاسي کان ڊاڪٽر صاحب پاڻ فون ڪنئي. مختصر حال احوال ٿيا ڊاڪٽر صاحب چيو تہ منهنجي اچڻ جي ڪيس اڳ ۾ ئي ڄاڻ سندس جوابي مشين تان ملي چڪي آهي ۽ مون کي اهو چوندي فون بند ڪيائين تہ آئون هوٽل تي ڪلاڪ ڪن ۾ پهچي ويندس. فون بند ڪري مان ڊاڪٽر صاحب جي پهچڻ تائين تيار ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رهيس ۽ تيار ٿي اچي لائونج ۾ ويهي ڊاڪٽر صاحب جي اچڻ جو اوسيئڙو ڪندو رهيس ڊاڪٽر پهچڻ ۾ دير ڪئي ته هوٽل کان ٻاهر نڪري آسپاس جو نظارو ڪندو رهيس. ٻاهر زندگي روان دوان هئي هڪ ئي نظر ۾ سمجهي ويس ته هيوسٽن به ڪافي سرسبز ۽ خوبصورت شهر آهي. گهمندو هڪ بورڊ جي پرسان اچي بيٺس مون واري هوٽل ڪمفرٽ ان جو وڏو شاهي بورڊ لڳل هو.

هيوسٽن کي عام ماڻهوءَ يا سياحن جي سهولت لاءِ ستن زونن ۾ ورهايو ويو آهي.

اُهي زون، علائقا ڪجهه هيٺين طرح ورهايل هئا.

زون ۱: ڊائون ٽائون، ۽ انهيءَ ئي ڊائون ٽائون جي ايريا ۾ هوٽل ڪمفرٽ ان به 12500 North Fwy گرين پوائنٽ تي واقع هيو. هتان جا روڊ عام ماڻهن جي وڏيڪ سهولت لاءِ پڻ نارٿ، سائوٿ، ويسٽ يا ايسٽ ۾ ورهايل آهن ته جيئن عام ماڻهوءَ کي هڪدم ڄاڻ پوي ته سندس گهربل پتو فلاڻي روڊ جي نارٿ يا سائوٿ وغيره تي واقع آهي.

زون ۲: هن زون ۾ هيوسٽن جون مشهور يونيورسٽيون يا اسپتالون واقع آهن.

زون۳: گيليريا، آستروڊم ۽ گرين وي وغيره تي مشتمل آهي.

گيليريا ۽ آستروڊم ڇا آهن؟

گيليريا (Galaria):- هيوسٽن جي گيليريا تمام وڏو شاپنگ مال آهي جوڏاري عظيم الشان دوڪان وغيره ٺهيل آهن ۽ اُن جي وچ تي تمام وڏو ميدان آئس اسڪيٽنگ (Ice Scating) لاءِ ٺهيل هو هيوسٽن پهچڻ کان ٻئي ڏينهن شام جو ڊاڪٽر ۽ مان گيليريا گهمڻ ويا هئاسين ۽ ڪلاڪ به بيهي برف تي ترندڙ نوخيز ڇيرو مرد ۽ ڇوڪرين کي اسڪيٽنگ وارو بوٽ پائي برف تي ڊوڙندي ۽ ڪيڏندي ڏٺو هئوسين. ڏسڻ ۾ ئي ڪم نهايت سولو پئي لڳو جو برف جي ميدان تي ڦيٿن وارو بوٽ پائي هيڏانهن هوڏانهن پيو گسڪجي. پر ڊاڪٽر ٻڌايو ته اسان اڻڄاڻ اگر بوٽ پائي برف تي هلڻ شروع ڪيون ته بنا ڄاڻ جي جيڪر ٻه ٽي ڀيرا ئي ورانگ ۾ پنهنجو مٿڪو ڀڃائي ويهون. هن

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ خاص قسم جي تربيت وٺڻي پوندي آهي. بهرحال جيڪي به ڪلاڪ بيهي برف تي انهن جل پرين جي ترڻ جو منظر پئي ڏٺوسين ته ڏاڍو مزو پئي آيو. گيليريا کي مهانگي ۾ مهانگو شاپنگ سينٽر هجڻ جو به اعزاز حاصل آهي.

آسٽروڊم (Astro dam)- هتي هر سال تمام وڏو ڪائو بوائز (Cow Boys) جو ميڙو ٿيندو آهي ان ڪانسواءِ ميوزڪ يعني ۽ ڪيٽل شو وغيره جا وڏا وڏا ميڙ هتي ٿين ٿا.

زون ۴: هن زون ۾ هيوسٽن جو ملڪ جي اندرين پروازن جي استعمال وارو هوائي اڏو ٺهيل آهي جنهن کي هابي هوائي اڏو (Hobby air port) چئبو آهي.

زون ۵: گلف فري وي Gulf free way تي مشتمل آهي.

زون ٦: گينوا ۽ الميڊا Genoa & Almeda.

زون ۷: هي جڳهه مشهور هيوسٽن جو علائقو آهي هتي جي خاص ڳالهه آهي ته هتي خلائي تجربيگاهه ۽ خلائي اسٽيشن ناسا NASA واقع آهي.

ايئرپورٽ کان انهن ستن ئي مختلف علائقن (Zones) لاءِ ڪرايو هيٺين ريٽ مقرر آهي جيئن.

۱- ايئرپورٽ کان زون ۱ لاءِ ٽيڪسيءَ جو ڪرايو ٢٧.٥٠ ڊالرز.
٢- = = = = زون ٢ = = = = = == = = = ٢٩.٥٠ ڊالرز.
٣- = = = = زون ٣ = = = = = == = = = ٣١.٥٠ ڊالرز.
۴- = = = = زون ۴ = = = = = == = = = ٣٦.٥٠ ڊالرز.
۵- = = = = زون ۵ = = = = = == = = = ٣٩..٥٠ ڊالرز.
٦- = = = = زون ٦ = = = = = == = = = ۴٢.٥٠ڊالرز.
۷- = = = = زون ۷ = = = = = == = = = ۴٩.٠٠ ڊالرز.

مان ڊاڪٽر نثار جي انتظار ۾ هوٽل کان ٻاهر نڪرندي، ٻاهر جو واءُ سواءُ وٺي، وري هوٽل ڏانهن تڪڙو موٽيس. ڊاڪٽر کي فون ڪندي هيئنئر اندازاً ڪلاڪ کن ٿي چڪو هو. ڊاڪٽر ڪهڙي علائقي ۾ آهي مان ڪهڙي ڪنڊ ۾ آهيان سا مون کي ته بنهه خبر ئي ڪونه پي پئي، پر اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو نه پئي ٿيو ته ڊاڪٽر ۽ منهنجي وچ ۾ ڪافي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فاصلو آھي جو ڊاڪٽر اچڻ ۾ ڪافي ديرو ورتي ھئي. سوا ڪلاڪ ڪن گذري چڪو ھو مان واچ تي وقت ڏٺو تہ پورا ڏھہ ٿي رھيا ھئا تہ ڊاڪٽر کي لائونج ۾ گھڙندي ڏٺم. ڏٺمي قد سان سنھڙي ھڏ ڪاٺ وارو ڊاڪٽر نثار ھڪ خوبصورت شخصيت جو مالڪ ھو.

ڊاڪٽر ايندي شرط زور رکيو تہ مون کي ھتي ھوٽل ۾ نہ ترسڻ کپندو ھو ۽ ھينئر بہ سامان کڻو تہ ھلي ٿا سندس گھر رھون. ڊاڪٽر ويچاري پنھنجي پوري خلوص سان مون تي زور رکيو تہ آئون ھينئر ھوٽل ڇڏيان ۽ ساڻس گڏ ھلي رھان پر پوءِ منھنجي پنھنجي فطرت جنھن ڪان آئون مجبور رھيس. ايئرپورٽ تان فون ڪرڻ مھل اگر ڊاڪٽر گھر ۾ ملي وڃي ھا تہ واقعي آئون وٽس ھليو وڃان ھا جو ھيوسٽن جو ڪوبہ علائقو منھنجو ڏٺل نہ ھو ۽ ٽيڪساس جي مشھور تيل افسانن ڪان بہ شروع ۾ ڪافي ڊنل ھوس پر ھينئر موزون ھوٽل ۾ ڪمرو وغيره ملي چڪو ھو ۽ ڊپ بہ ڪافي گھٽجي چڪو ھو سو ھٿ ٻڌي ڊاڪٽر ڪان زورڻيءَ معافي ورتي ۽ پوءِ ڊاڪٽر بہ مجبوراً ھوٽل تي ئي مون کي ڇڏڻ لاءِ منھنجي ضد آڏو ھٿيار ڦٽا ڪيا ڊاڪٽر نثار سان سڀاڻي صبح جو پروگرام ٺھيو تہ ڊاڪٽر سڀاڻي نوڪريءَ تان موڪل ڪندو ۽ صبح جو ڏھين بجي ڌاران مون وٽ پھچي ويندو ۽ پوءِ گھمڻ ڦرڻ نڪري ويندا سون ڊاڪٽر تقريباً ساڍي يارھين بجي مون ڪان موڪلايو. ڊاڪٽر ٻڌايو تہ ڪيس پنھنجي گھر پھچڻ لاءِ ھتان ڪان ڪلاڪ کن گاڏي ھلائڻي پوندي تڏھن ھو پنھنجي گھر پھچي سگھندو. يعني ڊاڪٽر جي گھر ۽ منھنجي ھوٽل جي وچ ۾ ڪلاڪ ڪن جو رستو ھيو. ڊاڪٽر موڪلايو تہ مان پي ڪمري جو رُخ ڪيو ۽ ٿوري دير ۾ دل ڦاڙ ڪونگھرا ھٽي ھيوسٽن کي پنھنجي ھئڻ جواحساس ڏياريندو رھيس.

راتِ اڄوڪي اسرارن ۽ الھامن جي ڪاڻ
جيڪو جاڳ جي ڀاڳ ۾ ڪونھي سو سپني ۾ ماڻ
تنھنجي ذھن جا گھٽيون ۽ رستا رلون پيا اڄ رات
ڀانئيان مَن ڪنھن ٻيت مان نڪري، ڇرڪائين ڇٽي ھات.
ذوالفقار راشدي

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الين جولاء جو صبح ۽ هوسٽن جا رنگين نظارا:

صبح جو منهنجي اک کلي ته ست وڄي رهيا هئا ڊاڪٽر جي اچڻ ۾ اڃا پورا ٽي ڪلاڪ هئا. سو ٽي وي کولي ويٺس صُبح نوبهار جا رنگ ڏسڻ. ٽي ويءَ جون مختلف چينلون ڦيرائيندي، ڏسندي اٽ کن ٿيا ته مون کي ممتاز بلوچ ۽ منظور ميمڻ جي ياد وري ستائڻ لڳي سو فون کڻي ويٺس پهرين ممتاز جو نمبر ملائڻ. ممتاز فون تي مليو ته ويچاري روئنهارڪي لهجي ۾ چيو چاچا توهان ڪالهه کان ڪٿي گم آهيو مان اوهان کي ڳولهي ڳولهي سخت پريشان ٿي پيو آهيان ۽ پوءِ اُها ئي ڳالهه ڏسي ائين جنهن جو مون کي اندازو هيو ته ويچاري مون کي ٽرمينل C ۽ B ... پئي ڳولهيو ۽ جيئن ته ممتاز کي به آمريڪا آئي ڪو گهڻو وقت نه گذريو آهي تنهن ڪري انهن ٽرمينل ۽ رستن وغيره جي ڪيس صحيح ڄاڻ به ڪونه هئي. هونئن به هيوسٽن کان ٻاهران روزن برگ ۾ رهڻ ڪري هيوسٽن سان سندن ايترو واسطو رهي.به ڪونه ٿو نوڪري به روزن برگ ۾ گهر به آٿي، سو مون کي جنهن نموني ممتاز منهنجي تلاش جو قصو ٻڌايو ته مان پاڻ پشيمان ۽ پريشان ٿي ويس فون تي ڳالهيون ٿيون ممتاز ڪانپوءِ فاروق جيڪو ممتاز کان ننڍو ۽ هدايت بلوچ جو پيو نمبر ولي عهد آهي اُن سان به فون تي ڳالهايم ۽ پندرنهن ويهه منٽ کن ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ ڪين سياڻي جي ملڻ جو واعدو ڏيئي، جو ته اڄ ڊاڪٽر نثار سان گهمڻ ڦرڻ جو پروگرام ٺاهي چڪو هوس سو سياڻي ملڻ جو پروگرام ٺاهي موڪلايو. موڪلائيندي ممتاز ٻڌايو ته بابا جي شاهي سواري به ڏينهن ٻن اندر هيوسٽن جي پرڪيف هوائن ۾ داخل ٿيڻ واري آهي. ممتاز جي واتئون اها نويد ٻڌي دل تقريباً سيني کان ٻاهر پئي نڪتي. پنهنجي دوست هدايت بلوچ سان رهاڻين ڪرڻ ته نهيو پر اُن جو تصور ڪرڻ ئي بسنت جي رُت جي آمد کان گهٽ ناهي. سندس معصوم ادائون ۽ علم اڪابريءَ واريون ڳالهيون ٻڌي چئبو اُهي ته جيڪر سندس پر مان اُتجي ئي نه.

لهرن تي لهرون اُٿيون- چولين تي چوليون
هل ته هلي هن اوٽ وٽ- هڪبئي کي کوليون
روح رڳون ڳوليون- چوهي آڳ اُجهي نٿي-
اُستاد

سو هدايت جي اچڻ جو ٻڌي جڻ پاءُ اڌ رت جو وڌي پيو.ممتاز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪان موڪلائي فون بند ڪري باٿ روم ۾ ويس تڙ ڪري تيار ٿي بيٺس ته ڊاڪٽر به اچي در کڙڪايو، ۽ پوءِ نڪري پياسين هيوسٽن جي گهٽين ۾ روڊن تي. ڊاڪٽر جيئن ته اڄوڪي ڏينهن پنهنجي نوڪريءَ کان موڪل ڪئي هئي، سو اُن جو پورو فائدو مون به ورتو ته ڊاڪٽر به. شام تائين گهمندا رهياسين ۽ چار مشهور جايون گهميوسين جنهن ۾ گيليريا جنهن جي تفصيل اڳ ۾ ٻڌائي چڪو آهيان اُن بعد آسٽرو ورلڊ وٽ آياسين.

آسٽرو ورلڊ Astro World:- ٻارن، جوانن، ڪراڙن جي لاءِ هيءَ جڳهه ڪافي دلچسپ آهي سندس وندرائڻ جو اندازو اُهو ٿي اسان جي ڪلفٽن واري علائقي جهڙو آهي جتي فن لينڊ جيان ٻارن جي لاءِ وڊيو گيم يا مختلف رانديون رکيل هيون يا جيئن تازو ڪراچيءَ جي سمونڊ ڪناري ٺهيل ڪسينو ۾ "سند باد" نالي ٻارن جي لاءِ مختلف راندين وغيره جو سلسلو آهي. هيوسٽن جي آسٽرو ورلڊ ٻارن لاءِ نهايت ئي دلچسپ ۽ عجيب آهي. آسٽرو ورلڊ بعد گلويسٽن (Gul Wes-ton) تي آياسين.

گلويسٽن (Gul Weston):- هيءَ هيوسٽن جو سمونڊ ڪنارو آمريڪا جي خوبصورت ڪنارن مان هڪ آهي. اُتي ڪجهه دير رهڻ بعد Sea Avonia آياسين سي ايونيا تي مڇين جو ميوزيم ۽ اُن ۾ وري ڊولفن مڇيءَ جي جمناسٽڪ ورزش وارا ڪرتب ڏسي ڏندن ۾ آڱريون اچي ويون. اهڙي ساڳئي قسم جي ڊولفن جي ورزش جو مظاهرو نيويارڪ ۾ برائيٽن بيچ تي مڇين جي عجائب گهر ۾ به ڏسڻ وٽان آهي. هڪ ڪلاڪ جي مڇين واريءَ هن سرڪس ۾ مڇين جا ڪرتب ڏسي وات اصل کُڏي ٿيو وڃي، انسان ڇا آهي؟ ڪيس سيکارڻ لاءِ ليڪچر ٿي وي ڀيون ڪيتريون ميڊيائون جيڪي صبح شام انسان کي انسان ٿيڻ جو درس ڏينديون رهن ٿيون پر انسان آ جو وڃي ٿيڻ ماٺيپي مان نڪرندو ۽ وحشي ٿيندو. پر هنن مڇين کي ڏسڻ ڪانپوءِ اهو احساس ٿئي ٿو ته ماڻهو پڪين، جانورن کان به پري وڃي پهتو آهي. مڇين کي جهڙي نموني سيکاري ۽ ڪائنن مختلف دل وندرائڻ وارا ڪم ورتا وڃن ٿا ته ڏسي عقل دنگ ٿيو وڃي ڀيو ته ٿهيو پر ١٢٥٠ پائونڊن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

واري ميڇيءَ کي جڏهن سرڪس جهڙا ڪرتب ڪندي ڏسندؤ تہ توهان بہ حيرت زده ضرور ٿي ويندؤ.

گلوسيٽن تي گهمندي ٿي شام ٿيڻ لڳي هئي سو هينئر گهر موٽڻ جي ڪئيسين. رستي تي ڊاڪٽر پنهنجي هڪ دوست وٽ وٺي هليو سندس گهر تي پڳاسين تہ سندس گهر تي وڏو تالو لڙڪي رهيو هو ڊاڪٽر ٻڌايو تہ سندس هندو دوست نالي اپيمان ڪافي وقت کان هت رهي پيوسندس تعلق ٿر جي پالوا پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ سان آهي. پالوا جو ٻڌم تہ، اپيمان جي نہ ملڻ جو ڏک مون کي بہ ٿيو، جو مارئيءَ جي جُهوپن واري هن جهانگيئڙن سان ملڻ جو اشتياق ٿي پيو هوم. پر اپيمان گهر ڪونہ هُو سو چا پٽي ڪري سگهياسين سواءِ ان جي جو هڪ سنيهو سندس درجي ڪنڊي ۾ اٽڪائي پوئين پير موٽياسين.

ڊاڪٽر نثار جي ٻن ڪمرن واري خوبصورت اپارٽمينٽ تي پهتاسون تہ اپيمان ۽ آفتاب دائودي اتي اڳ ۾ ئي ويٺل هئا ملياسون ٻئي ڏاڍا پيارا ۽ زنده دل پئي لڳا. ويٺي ويٺي سنا جي ڪانفرنس جا حال احوال اُن سان گڏ پاڪستاني حالتن تي ٽپٽاٽپٽي ٿيندي رهي. ان وچ ۾ ڊاڪٽر نثار آتي رات جي ماني بہ تاهي ورتي. ٻوڙ وغيره تہ اڳ ۾ ئي تهيل هو جيڪو Ovan ۾ رکيل هو. اُن کي صرف گرم ڪرڻو هو. باقي چانور ڪباب وغيره تاهي هڪ شاندار ۽ لذيذ رات جي ماني تيار ڪئي ۽ ڪائي ڪا دير ڪچهري ڪئي سون تہ اُتي آفتاب جي ياءُ جميل دائودي، ۽ سائين علي احمد بروهيءَ جي فرزند، اچي نڪاءُ ڪيو ۽ پوءِ گڏجي گپ شپ ڪندا رهياسين ڳالهين ڳالهين ۾ خبر پئي تہ جميل ۽ علي نواز گڏجي ڪو ڪاروبار وغيره ڪندا آهن. پاڻ ۾ سندن ياري بہ جُهڻ آهي. اٽڪل يارهين بجي ڏاران ڊاڪٽر ۽ مان دوستن کان موڪلائي هوٽل ڏانهن روانا ٿياسين ۽ هيوسٽن جي رنگين راتين جا خوبصورت منظر اندر ۾ اوتي اچي هوٽل تي پهتاسين. ڊاڪٽر کان مون هوٽل جي ٻاهران ئي موڪلايو جو صبح جو ڪيس نوڪريءَ تي بہ وڃڻو هو.

آمريڪا ۾ نوڪريءَ جو ملڻ ۽ نوڪريءَ ڇڏڻ هڪ منٽ جو ڪيڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي. توهان ڀريءَ بازار يا گهٽيءَ مان لنگهندؤ تہ توهان کي دوڪانن يا شاپنگ سينٽر جي درن تي ٻاهران ٿي لکيل ملندو -Help want ed- يعني تہ دوڪان واري کي مدد جي ضرورت آهي يا اخبارن ۾ ٿي اهڙا اشتهار توهان کي عام ملندا خاص ڪري موڪل وارن ڏينهن تي- اشتهار پڙهي همراهن سان رابطو ڪبو ۽ اگر سندن معيار تي پورا آهيو تہ بنا ڪنهن سفارش جي هڪ منٽ اندر اوهان کي نوڪري ملي ويندي ۽ اوهان جي روزگار جو مسئلو ختم ۽ اگر همراهن کي اوهان جي ڪم ڪار مان تسلي نہ ٿي تہ ڪيندا بہ هڪ منٽ اندر خبر پئي تہ توهان صبح جو سُيندڀون وڃائيندا نوڪري واري هنڌ تي پهتوءَ مگر مالڪ بيٺي ئي توهان کي واپس ڪري ڇڏيندو. ان بي يقيني واري ماحول ۾ سمجهوتہ توهان جو پنهنجو اسي سيڪڙو عمل دخل ضرور هوندو ورنہ وس ڪري اُتان نوڪريءَ کان جواب تہ ڏنو ويندو آهي.

آمريڪا ۾ نوڪري ۽ روزگار ڪرڻ جا هزارين موقعا آهن اسان جي نوجوانن کي اُن مان فائدو وٺڻ گهرجي ۽ ٻاهرين دُنيا ڏي نڪري پاڻ تان ڳوٺ واري ڪکڙن جو لقب لاهيون تہ ڀلو. دنيا سان ڪُلهوڪلهي ۾ ملائي هلون، هتي هندستانين ۽ پاڪستانين جا باقاعدي علائقا قائم ٿيل آهن جنهن ۾ اوهان سنڌ جي سنڌين کانسواءِ باقي ٻنهي ملڪن جي رهواسين کي جهجهي تعداد ۾ ڏسي سگهو ٿا. نيويارڪ ۾ اهڙي علائقي جو نالو جيڪسن هائيٽس آهي جتي پهچڻ بعد احساس ٿيندو آهي تہ اسان سنڌي دنيا کان تہ ٺهيو پر ايشيا جي صفا پوئتي پيل ملڪن جهڙوڪ سريلنڪا، برما، يوٿان وغيره يا پنهنجي ملڪ جي پٺاڻ، پنجابي ۽ مهاجرن کان بہ ڪي کوهہ پوئتي رهجي ويا آهيون نيويارڪ جي جيڪسن هائيٽس کانسواءِ هيوسٽن ۾ بہ هڪ وڏو علائقو پاڪستاني هندستاني ماڻهن سان ڀريل آهي جتي هوٽل پاڪستانين جا دوڪان پاڪستانين جا گولڊ ليف سگريٽ کان وٺي زعفراني تماڪ تائين هر شيءِ موجود آهي هيوسٽن جي ان علائقي کي ولريسٽ -Wi lorest road جو علائقو سڏيو ويندو آهي هن علائقي ۾ هڪ وڏو هوٽل سيواءِ (Sevoy) نالي سان آهي. جتي پاڪستاني ماني ۽ پان تائين هر شيءِ اوهان کي ملندي. پاڪستاني، موڪلن وارن ڏينهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تي هوٽل تي پري پري کان پاڻ ۾ ملڻ يا ڪاڏو وغيره کائڻ لاءِ اچي نڪرندا آهن يا هوندا آهن ته اگر وڏي عياشي ڪرڻ تي سندن دل گهرندي ته گهران پي ڪري کائڻ لاءِ هتي هليا ايندا آهن. پيئڻ تي ياد آيو ته آمريڪا ۾ پيئڻ وارن جو حساب ڪتاب پنهنجو آهي، اُتي شراب پي توهان گاڏي هلائي نه ٿا سگهو سخت ڏوهه آهي شراب جي بوتل سرعام نه ٿا پيئي سگهو. ها اگر پيئڻ تي دل ڪڍيو ته بوتل کي ٻاهران ٽشو پيپر يا رومال سان ويڙهي پوءِ پِل ريل ۾ روڊ تي بدمست ٿيندا وتو ڪا جهل پل ناهي. آمريڪا ۾ ڪنهن حد تائين بيئر (Beer) گهڻو استعمال ٿيندو آهي. باقي وسڪي وغيره اُن کان گهٽ. بيئر ۾ مقبولِ عام برانڊ بڊوائيز (Bud Weiser) جي يا هيني ڪين جي آهي. وسڪيءَ جا وڏا شاهي دوڪان جنهن ۾ اندر گهڙجي ته شراب جا قسم ڏسي ئي واٽ ٺڄيو وڃي ڪليئرنس سيل ۾ ته بليڪ ليبل يا شيواز ريگل جي پوري بوتل اٺويهين کان ٢٥ ڊالرن جي وچ ۾ ملي ويندي آهي آمريڪا ۾ ڪليئرنس سيل جو تصور بلڪل ايمانداريءَ وارو آهي. نه ڪي پاڪستاني صدر جي علائقي جهڙو، جو سيل جو وڏو بورڊ هڻي ڪنهن به شيءَ جي ٻيڻي رقم لکي پوءِ اُن جي اصلي قيمت تي وڪڻي ڇڏجي. مان هڪ شام جو برانڪس جي علائقي جي Co-op,city ڪو آپ سٽي (ڪو آپريٽو سوسائيٽيز جي تخفيف آهي) هي علائقو جيڪو مکيه برانڪس جي نارٿ ۾ واقع آهي. هن ڪي ڪوآپ سٽي ان لاءِ سڏيو ويندو آهي، جو هتي سڀ گهر يا فليٽ وغيره ڪوآپريٽو هائوسنگ اسڪيم تحت ٺهيل آهن تمام وڏي ڊيگهه ويڪر تي پکڙيل هن علائقي ۾ وڏا وڏا شاپنگ سينٽر ۽ فليٽس وغيره ننڍين ننڍين ڪميونٽيز (Communities) وارن ماڻهن پاڻ ۾ ملي سوسائيٽيون ٺاهي قائم ڪيا آهن. سو ان ۾ واقع مشهور بي پلازه Bay Plaza ۾ هڪ شام جو گهمندي ڏٺو. دوڪان ۾ گهڙي ويس ٻاهران سيل جو بورڊ لڳل هو. اندر ويس ته واقعي سندس ايمانداريءَ واري سيل تي حيرانگي ٿي مثال مان پنجن سالن جي ٻارن جي عمر وارا فل سوٽ تمام اُچي ڪپڙي وارا، سندن شاندار سلائي ۽ جڏهن انهن جا اگهه پڇيم ته ستن کان ڏهه ڊالرن تائين پئي مليا جيڪي خريد ڪري

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ۾ اچي ڪلفٽن تي واقع هڪ دوڪان مان پڇا ڪئي تہ ساڳيو ئي هڪ فل سوٽ اڍائي هزارن ڪان ساڍن ٽن هزارن تائين ٻڌايائون ۽ هئا بلڪل هوبهو ساڳيا جيڪي سمجهان ٿو تہ آتان اهڙي قسم جي سيل واري دوڪان تان ئي خريد ڪيا ويا هوندا. سو منهنجي ان ڏيکھ جو مقصد اهو هيو تہ آتي سيل جو مقصد سيل ئي هوندو آهي نہ ڦرلٽ.

ڳالهہ ڇڏي هئسين تہ ڊاڪٽر مون کي هوٽل تي ٻاهران ڇڏيندي خدا حافظ چيو ۽ پاڻ واپس وريو جو سياٽي ڪيس نوڪريءَ تي وڃڻو هو. مان ڊاڪٽر کان موڪلائي هوٽل ۾ اندر گهڙيس تہ ريسپشن تان چاٻي وٺندي ڏٺم تہ ٻہ نياپا مون لاءِ رکيل هئا کولي پڙهيم تہ ٻئي ممتاز جي فون جا نياپا هئا تہ هو صبح جو نائين بجي مون وٽ هوٽل تي پهچي ويندو. مان دخل تان چاٻيون کڻيون ۽ نياپن وارا پنا کڻيون پڙهندو اچي ڪمري تي پهتس ۽ ڪمرو کولي ٿوري دير تي وي ڏسندي ڏسندي ڊاڪٽر نثار جي خلوص تي سوچيندي ننڊ اچي ويم.

ڪو ڪو ماڻهو مون ڏٺو جهڙو چوڏهينءَ چنڊ
هر ڪنهن مُنڊَ نہ منڊُ- هر ڪا اک نہ اُٿڙي
اياز

نائينءَ جولاءِ جي صبح ۽ بولڊن جي رم جهم: صبح جو اک کلي واچ تي ڏٺم تہ صبح جي اٺن ۾ ڪجهہ منٽ هئا ۽ اٺين بجي خبرون هلڻيون هيون سو آتي خبرن ٻڌڻ لاءِ ٽي وي کولي. آمريڪا جو هر ماڻهو صبح جو گهران خبرون ٻڌي پوءِ گهر کان نوڪريءَ يا ڪم ڪار لاءِ نڪرندو آهي. خبرن ٻڌڻ مان خاص فائدو ڪيس اهو پهچندو آهي جو ساري ڏينهن جي موسم جو احوال اڳ ۾ ئي اوهان کي ٻڌائي اوهان کي خبردار ڪندا تہ اڄ جهڙ آهي. مينهن وسندو. گهران ڇتي وغيره کڻي نڪرجو، يا اڄ هيترن ڪلاڪن هيترن منٽن تي طوفان اچڻ وارو آهي، اوهان گهر کان ٻاهر نہ رهو. آها پيشنگوئي جيڪا ٽن ڏينهن کان ستن ڏينهن تائين اڳ ۾ ئي ڪري ڇڏيندا آهن ۽ آها هڪ هڪ منٽ تائين اوهان لاءِ سچي ثابت ٿيندي. مجال آ جو ٽي ويءَ وارا ٻڌائن هڪ ۽ ٿئي ٻئي. برف واري موسم ۾ اوهان کي ٻيا ٻڌائيندا رهندا تہ ڪلاڪ. ڪلاڪ ۾ آمريڪا جي ڪهڙي علائقيءَ ۾ ڪيتري برف پوٽي آهي يا

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

برسات ڪيترا سينٽي ميٽر پوندي، مطلب تہ هر شيءِ ۾ آمريڪا ۽ يورپ جا ماڻهو مڪمل ۽ صحيح هوندا آهن ۽ سنڌن ميڊيا بہ سنڌن وانگر سچ ڳالهائيندي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن B.B.C بي بي سيءَ کي اسان پاڪستاني چِڪ ڪري ويندا آهيون. سو خبرن ٻڌڻ مان اڄ اهوفائدو پيو جو ٽي ويءَ وارن جي برسات جي اڳڪٿيءَ ڪانپوءِ هڪدم منهنجو موڊ رومانٽڪ ٿي ويو ۽ بقول منهنجي ڪنهن عزيز دوست جي تہ موسم هي عاشقانہ. اهو جملو منهنجو دوست هر مخصوص مهل تي پيو جهونگاريندو رهندو آهي، سو اڄ اُن دوست جواهو جملو بار بار زبان تي چڙهي رهيو هو.

موسم هي عاشقانہ
اي دل ڪهين سي اُن ڪو
ايسي مين ڍونڍ لانا-

پوري سوا نائين بجي ممتاز اچي ڪمري تي سهڙيو مان سنڌس لاءِ بہ چار ڪلامن جون ڪيسٽون هتان ڪنيون ويو هوس سي بہ ڪيس ڏنم ۽ پيون بہ مختصر ڳالهيون ڪندي ڪندي اچي هوٽل ڪان ٻاهر نڪتاسين تہ ٻاهر آسمان تي ڪڪرن جي جهالر جهرمر ڪري رهي هئي. گاڏيءَ ۾ ويهي تورو اڳيرو هلياسين تہ برسات وسڻ شروع ٿي. ممتاز Wiper هلايو ۽ مينهن ڏسندي ئي ڏسندي واه مان ڦري واهڙ ٿي پيو. روڊ رستا پِجڻ لڳا هئا پر توري دير ڪانپوءِ وري پاڻ ئي اٿين صاف ٿيندا پئي ويا نہ متانئن پاڻي نہ نئين ديري واري گهٽين جي گپ، پاڻي آيو تہ آسمان مان پئي پر زمين ۾ ائين گم ٿيندو پئي ويو جڻ تہ برسات جو هي روڊ رستا مذاق اُڏائيندا هجن ۽ ڪِنِ موڪل ڏيندا هجن تہ جيترو وسڻو اٿيئي وَسُ. اسانجو وار بہ ونگو نٿو ڪري سگهين.

اسان ان تيز برسات ۾ روزن برگ جو رُخ رکيوسين جو مون کي اُتان جي ميونسپل آفيس مان I.D ڪارڊ ٺهرائڻو هيو جنهن جو مون کي هرويرو ئي شوق هيو. هڪ تہ سوشل سيڪيورٽي ڪارڊ جو ۽ ٻيو هن ڪارڊ جو. پوءِ ممتاز ٻنهي آفيسن مان ڪارڊ ٺهرائي ڏيڻ ۾ خاصي مدد ڪئي. ڊرائيونگ ليسن جي بہ ٽيسٽ ڏنم پر ايڪويهہ آبجيڪٽو ٽائپ سوالن مان ست سوال مس صحيح نڪتا، تن ۾ هڪ ٻن تي مڙو ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏکو هنيم تڏهن وچي ست سوال صحيح نڪتا. سو آئان ناڪام واپس ٿيندي هڪ ڪتاب جيڪو ٽرئفڪ جي قاعدن قانونن تي مشتمل اندازاً ۱۰۰ ڪن صفحن جو هيو، سو ڏنائون ته هن کي پڙهي، اوهين وري ڪنهن ڪَمَ واري ڏينهن تي ٽيسٽ ڏئي سگهو ٿا. ڦڪي ڳاڙهي ڪاري ۽ سائي رنگن جو هيءُ ڪتاب جنهن جو نالو ٽيڪساس ڊرائيورز هينڊبڪ نالي سان جيڪو ٽيڪساس جي پبلڪ سيفٽي کاتي طرفان ڇپيل هو سو منهنجي حوالي ڪيائون. هن ۾ ٽيڪساس رياست ۾ گاڏي هلائڻ جا سڀ قاعدا قانون درج هئا اُنهن ايڪويهين سوالن مان شايد چوڏهن سوال صحيح نڪرن ها، ته اڄ ٽيڪساس جو ڊرائيونگ ليسن ڪيسي ۾ هجيم ها. ماڻهوءَ به ڪيڏو نه لوڀي ۽ لالچي آهي. مان ڪڏهن ٽيڪساس جي گهمڻ جو به نه سوچيو هوم ۽ اڄ وري ٽيڪساس گهمڻ ته ڇا پر آئان جي سوشل سيڪيورٽي جو ڪارڊ ڪيسي ۾ ڪڏائيندو ڊرائيونگ ليسن نه ملڻ جو افسوس دل ۾ سانديون ٽيڪساس جي رستن تي گهمي رهيو هوس.

زندگيءَ جا زلزلا! ڪيڏا وڏا پر مختصر
سوچون ساگر سلسلا! ڪيڏو وڏا پر مختصر
خواهشون هڪڙيون پڄن، ته ٻيون وري جاڳي پون
مرحلا ۽ حوصلا! ڪيڏا وڏا پر مختصر.

”تبسم“

روزن برگ کان موٽندي ٿوري دير لاءِ هڪ ننڍڙيءَ جهيل تي ترسياسين وڻ هيٺان ويهي اڌ ڪلاڪ کن ڳالهيون ۽ فوٽو گرافي ڪندا رهياسين پوءِ وري هيوسٽن شهر جو رخ رڪيوسين شام جا پنج وڄي چاليهه منٽ ٿيا هئا جو سيوائي Sevoy هوٽل تي ماني کائڻ لاءِ پهتاسين. ماني کائيندي ممتاز سان هڪ پاڪستاني ڪٽنب هڪ عورت ۽ ننڍڙو ٻار مليا، جيڪي بقول ممتاز جي ته جتي هو پهريون نوڪري ڪندو هو، ان جي گهر واري ۽ سندس پٽ آهن. مائيءَ جو ننڍڙو پٽ ممتاز سان ڪافي ريڊل پئي لڳو. ماني کائي پوري ڪئي سين ته ممتاز گولڊ ليف پاڪستاني ٻه پاڪيٽ ۽ هڪ پان وٺي آيو ممتاز ٻڌايو ته هتي

soorthsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساڍن ٽن ڊالرن ۾ ھڪ گولڊ ليف جو پاڪيٽ ملندو آھي. سو مانيءَ وغيره کان فارغ ٿي SAM Houstan Toll way ھوسٽن جو وڏو شاھراه ورتيون، جتي ٽي دفعا ممتاز کي ٧٥ سينٽ ڏيڻا پيا، اھا روڊ تان گذرڻ جي مسواڙ ھئي ۽ سوا ٻه ڊالر ڏيئي اچي ستين بجي ڌاران گھمندا ڦرندا ھوٽل تي پڳاسين ۽ ھوٽل تي ممتاز ۽ مان گڏجي چانھن پيتي سين. پوءِ ممتاز موڪلايو جو کيس ڪٿي وڃڻو ھيو. ڳالھين ڳالھين ۾ ممتاز ٻڌايو ته بابا سيائي نيويارڪ پھچندو ۽ مان ممتاز کي ٻڌايو ته مان به صبح جو نيويارڪ ڏانھن واپس ويندس ۽ ممڪن ٿيو ته سندس بابا سان نيويارڪ ۾ ملاقات ٿيندي. ممتاز موڪلائي ھليو ويو ۽ مان پنڌ ھوٽل مان آسپاس جا علائقا گھمڻ لاءِ نڪري پاھر آيس ۽ ڪادير روڊ ڪجيندو رھيس ۽ نيٺ ٿڪجي واپس ھوٽل ڏانھن ورڻ لڳس ڪافي وقت رلندي گذريو ھو. ٽيڪساس جا غنڊا به ياد پوندا ويا ۽ مان تڪڙيون ورانگھون ڪندو اچي ھوٽل پيڙو ٿيس. ننڊ ڪرڻ کان پھريون سامان بند ڪري ٿاھڻ لڳس جو صبح جو واپسي ھئي.

92-7-10 تي ھيوسٽن جو الوداع ۽ ڊلاس ايئرپورٽ:-

ھيوسٽن تان آمريڪن ايئرلائنز جي جھاز ڪنيو ته اڍائي ڪلاڪ ڪن مسلسل اڏامندي ١٢ وڃي ٣ منٽن تي ھيٺ لھڻ شروع ڪيو. ڊلاس متان گھمندي ائين لڳو ته ھيءَ به شاندار شھر آھي. ھڪ جاءِ تي چاندي وانگر ٿھيل ٥ ڦبا نظر آيا. چار وڏا ھئا، ۽ ھڪ ننڍو ھيو. ھيا ته الائي جا پر متان چانديءَ وانگر پيئي جرڪيا. ساڳئي شھر ۾ ساوڪ ئي ساوڪ ڦھليل ھئي. ١٢١٥ تي جھاز لئنڊنگ ڪئي ۽ ڊلاس ايئرپورٽ تي ھئاسون. لئنڊنگ ڪندي ايئرپورٽ ٽرمينل سان گڏ ھوٽل HAYYATڳاڙھن اکرن ۾ لکيل ڏٺم. شھر متان چوڌاري نظر ڦيرايم ڏاڍو خوبصورت پئي لڳو شھر ۽ ايئرپورٽ وچ ۾ به ڪجھ فاصلو پئي لڳو.

جھاز مان لھندي ئي T.V Screen تي وري نيويارڪ وڃڻ لاءِ فلائيٽ نمبر AA 862 ڏٺم جا گيٽ نمبر ١٧ تان پئي وئي ۽ مان گيٽ نمبر 9B تي ھيس ۽ وچ تي نظر ڊوڙايم ١٢٣٠ پئي ٿيا سو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڊوڙندو گيٽ ١٧ وٽ پهتس. محترمه کي ٽڪيٽ ڏنم. ٽڪيٽ تي مسٽر Bhatti لکيل هو. مونکي هيوسٽن ايئرپورٽ تان نئين ٽڪيٽ ناهي ڏني وئي هئي جنهن ۾ نالي ۽ ذات جي ڦير ڦار تي ويئي هئي. هن محترمه منهنجو PIA وارو ڪارڊ ڏٺو ان ۾ صرف Abdul Gha-far لکيل هو سو سوال ڪيائين ته ڪارڊ ۾ پٽي لکيل ڪونهي مان ڪيس تسلي ڏني ته مان ئي ساڳيو آهيان. پٽي منهنجي ذات آهي. نالو ته عبدالغفار آهي سو پاسپورٽ ڏسڻ چاهين ته مان توکي ڏيکاري سگهان ٿو. هن وڏيڪ ڪرڪر ڪونه ڪئي، چيائين پرسان ويهه، اڳ ۾ پيا مسافر وڃن ته آئون توکي سڏيان پئي. ڏٺم ته مون سان گڏ چار پنج پيا به همراهه هئا جي يا ته چانس تي هئا يا (Airline Employ-ee). جڏهن ڪل لائن وارا پئسنجر ويا ته پوءِ چوٿين نمبر تي منهنجو وارو آيو ان وچ ۾ هڪ دل چوي به پئي ته اگر سيٽ نه ملي ته ويندي ويندي ڊلاس به گهمي ونبو جيستائين ٻئي فلائٽ جي ڪنيڪشن ملي پر سيٽ ملي ته، مڙوئي گڏيل ڪيفيت ڪئي جهاز ڏانهن وڌيس. ساڳئي سهٽي ڏاڪڻ اندران اندران سڌو جهاز تي منهنجي سيٽ نمبر 27F هئي، جا وچ ۾ ڪٿي هئي. ويهڻ بعد پوري هڪ ۾ پنج منٽ هئا جو دروازو بند ٿيو ۽ هڪ بجي جهاز اڏامڻ شروع ڪيو. نيويارڪ پهچندي پهچندي پوڻا پنج ٿي ويا. ايئرپورٽ تان Q-10 بس وٺي Que Garden تي لهي اُتان وري E ٽرين پڪڙي جيڪسن هائيٽس Jachson Heights Resevelt تائين آيس. هيءَ تقريباً انڊين ۽ پاڪستانين جو علائقو آهي. هن علائقي ۾ انڊين سازهيون پاڪستاني ڪپڙا، اخبار جنگ، اخبار جهان ۽ ٻيو سڀ ڪجهه پاڪستاني ۽ هندوستاني سودو ملي ويندو آهي. ماٺهو پاڪستاني ۽ هندستاني دوڪانن تان پان، ڪيسٽون، جيولري، زيوارت وغيره جيڪسن هائيٽس تان خريد ڪندا آهن. اُتان ڪوئينز تائين پهچڻ لاءِ R نمبر ٽرين جا Stain way تي اچي لاهيندي يا N ٽرين پڪڙبي جا Broadway تي لاهيندي مان R ٽرين پڪڙي سڌو اچي Stain way سب وي تي لٿس. سب وي کان نڪري، گهر تائين پڄندي ساڍا ڇهه ڪن ٿي ويا. رستي تي فلم جن ۾ ڪئليفورنيا ۽ هوسٽن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وغيره جون يادون محفوظ هيون سي فلم صاف ڪرڻ واري دڪان تي ڏيندو پوءِ گهر ويس چو تہ چاهيم پئي SANA جي ميٽنگ وغيره جا نقش جلد از جلد ڏسي وٺان. براڊوي سب وي تان لهبو ئي تہ براڊوي سڌو اچي 30 Street تي پوندو. ڪنڊ تي مکيہ Grossary جو دڪان، جيڪو ڪنهن هندستانيءَ جو آهي، چوويهہ ڪلاڪ کليل رهندو آهي سندس وڪري تقريباً ڇهہ يا ست هزار ڊالر روز هجڻ گهرجي صبح جو سوير سب وي تا لهبو يا سب وي ڏانهن ويجبو تہ Newyork Times، Spanish ، عربي ۽ چيني، يا ٻيون اخبارون جيڪي نيويارڪ مان يا ٻاهرين دنيا ۾ ڇپجن پيون، سي ونس صبح جو سوير ئي ملن ٿيون. جيئن تہ آمريڪا ۾، هر مرد عورت جي مکيہ (Hobby) عادت سب وي ۾ چڙهڻ ڪانپوءِ، پڙهڻ هوندي آهي. اجايو سجايو وائڙن وانگر هڪٻئي کي ڪونہ پيا ڏسندا، رڳو پڙهڻ ۾ مشغول رهندا آهن. آمريڪي جيڪڏهن جوڙو هوندو تہ ٻکيو پيو هوندو ۽ اڪيلو هوندو تہ پيو پڙهندو رهندو- سو ڳالهہ پئي ڪيم تہ تقريبا ساڍي ڇهين ڏارين گهر پهُس. تڪل هوس ڪجهہ مختصر حال احوال سنا ميٽنگ جا ڏئي همراهن ڪان موڪلائي بستري جي حوالي ٿيس اک کُلي تہ صبح جا ڇهہ ڪن پئي وڳا برش وغيره ڪري Juice جو گلاس چاڙهي T.V آن ڪري ويٺو رهيس. ڪجهہ ڏينهن آمريڪا ۾ رهي 17/7 تي واپس پاڪستان اچڻ لاءِ PIA جهاز ۾ سوار ٿيس ۽ جهاز ۾ بہ دوست مشتاق ميمڻ سان جيڪو شڪاگو ۾ M.B.A ڪندو آهي ۽ سندس گهر سکر ۾ آهي، تنهن سان رهاڻيون ڪندي، ٢۴ ڪلاڪن جو سفر ڪٽي پاڪستان پهُتاسين.

(نوٽ:- آمريڪا ۾ ريلوي اسٽيشن کي سب وي چيو ويندو آهي. سب وي انهيءَ ڪري جو آمريڪا جو سڄو ريلوي نظام انڊر گرائونڊ ٺهيل آهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اَمريڪا جي آزاديءَ جو مجسمو

نيچرل ميوزم نيويارڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



هيٽن ڪراس، ميٽرو ريلوي اسٽيشن واشنگٽن



يونيورسل اسٽوڊيو ۾ انڊر فلم جو سيٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيليفورنيا ۾ هالي ووڊ فلم اسٽوڊيو جي ڏسڻ دوران صاحبِ مضمون ۽
ڪجهه ٻيون ڏسڻ واريون عورتون



يونيورسل اسٽوڊيو هالي ووڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وائيٽ هائوس واشنگٽن وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دُبئي ۾ 'سدائين گڏ سنڌي' وارن دوستن جي سڏ تي، منظور سخيراڻي،
ليک ، غلام شبير سمون ۽ نظير احمد سمون

تبسم، انور جتوئي، باير وُکو، ارشاد ميمڻ، مس دبيي ۽ مالڪ ڏنو شيخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تبسم، سنا ۾ تقرير دوران

ڊاڪٽر اي ڊبليو ڀٽي صدر سنا تقرير ڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

پڪنڪ دوران خوشگوار موڊ ۾، مضمون لکندڙ، پليجو صاحب ۽ اقبال ترين



ليکڪ جو عزيز نيويارڪ جي خوبصورت علائقي جي
هڪ شام جو مزيدار موڊ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



ليکڪ ، ايمسٽرڊم ايئرپورٽ تي، نيويارڪ ويندي

سنگاپور جي سفر دوران ليکڪ ، سينٽوزا ٻيٽ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



جرمنيءَ ۾ فرينڪفرٽ جي ريلوي
اسٽيشن تي، خليل جبران سان گڏ

نيويارڪ ايئرپورٽ تي نامور
ليکڪ ۽ شاعر هدايت بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اعظم منهٽن ۾ برسات پوندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

سٺن فرانسسڪو کان آيل، هڪ ليڊي جيڪا خاص ڪنوينشن ۾ شرڪت لاءِ ڪهي آئي هئي ۽ شرڪت دوران غور سان ميرٽ هوٽل جي لان تي ويهي ڳالهيون ٻڌي رهي هئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واشنگٽن جي ريلوي پليٽ فارم تي، خليل جبران ۽ ارسلان

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبسم جي سفرنامي ۾ تازگيءَ
زندگيءَ جو اظهار آهي.
سندس سفرنامو پڙهڻ وٽان
آهي، جو تبسم جي ڪوناڪون
طبيعت تي روشني وجهي ٿو.
- شيخ اياز



هن سفرنامي ۾ 'تبسم'
گهٽين اهڙين ڳالهين جي پڻ
سمجهاڻي ڏني آهي، جا
آمريڪا ۾ سياحن لاءِ رهبريءَ
جو باعث بڻجي سگهي ٿي.
- علي احمد بروهي

هي سفرنامو اهڙين تحريرن مان
هڪ چئي سگهجي ٿو، جنهن کي
مصنف بغير ڪنهن لڪ لڪاءَ جي
سچائيءَ سان تحرير ڪيو آهي.
- مهتاب اڪبر راشدي

ليکڪ جون لندن برج تي ورتل تصويرون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book